

مذهب جي اوسر

# يوناني ڏند ڪٿائون



يوسف شاهين



روشني

مدهب جي اوسر

# يوناني ڏند ڪٿائون

## يوسف شاهين

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1997ع

Roshni Book No. 117

يوناني ڏند ڪٿائون

ليڪ: يوسف شاهين

ڇاپو ٻيون: © 1997ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي ۽ رانو مينگهوار
نيو سنڌ ٽيڪ ڪمپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

ٽائيٽل ڊزائين

عبدالرسول عباسي

UOONANI DAND KATHAOON

by: Yousuf Shaheen

Composed by: Habib Qadir Qureshi & Rano Manghwar

Printed by: Fine Communication Hyderabad.

Published by: Roshni Publication Kandiaro

Second Edition © 1997

انتساب

## شيخ اياز جي نالي

- شعوري طور، سنڌ جي جديد ۽ قديم روايتن جو شاعر موهن جي دڙي جو شاعر- جيڪو اڄ اسان ۾ موجود آهي. شل، وڏي ڄمار ماڻي ته جيئن آرين ۽ سنڌين وچ ۾ ٿيل عظيم جنگ بابت احوال "مها سنڌ" قلمبند ڪري سگهي.

- يوسف شاهين

## فهرست


● مذهبي اوسر ۽ يوناني ڏند ڪٿائون — يوسف شاهين 9
1. زوس (جوپيٽر) ديوتا 17
2. پوزيڊون (نيپچون) ديوتا 27
3. هئڊيز (پلوٽو) ديوتا 34
4. هيسٽيا (ويسٽا) ديوي 36
5. هيرا (جونا) ديوي 37
6. اٿينا (منروا) ديوي 43
7. اپالو ديوتا 46
8. افروڊائيٽ (وينس) ديوي 50
9. ايرز (ماس) ديوتا 56
10. هيفائس ٽس (ولڪن) ديوتا 59
11. آرٽيمس ديوي 63
12. ڊميٽر (سيريس) ديوي 66
13. پرومي ٿيئس ديوتا 75
14. اڪليز ديوتا 79
15. هيراڪليز (هرڪيولس) ديوتا 92

# مذهبي اوسر ۽
# يوناني ڏند ڪٿائون

خدا جي ڳولا ۽ سندس سڃاڻ لاءِ، انسان ابتدا کان اڄ تائين ڪئين ڪشالا ڪڍيا آهن. انسان جي انهن ابتدائي ڪوششن ڏند ڪٿائن کي جنم ڏنو، جن مان ڪيترين ئي ڪٿائون مذهب جي صورت اختيار ڪري ويون يا مختلف مذهبن جو حصو ٿي ويون. يوناني ڏند ڪٿائون به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهن.

عالمگير مذهبن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ دنيا جي تقريبن سڀني علائقن/ ملڪن ۾ ڏند ڪٿائون مذهبي حيثيت رکنديون هيون. اڄ به دنيا جي وڏي آبادي ڏند ڪٿائن کي مذهبي حيثيت ڏئي ٿي ۽ ان ۾ ڄاڻايل خدائن، ديوتائن تي ايمان رکي ٿي. سزا ۽ جزا، جنت جهنم، نيڪي ۽ بدي جا جيڪي به تصور ڪٿائن ۾ ڄاڻايل آهن، انهن کي عقيدي جي لحاظ کان سچ سمجهيو ويو آهي.

صدين کان، هن دنيا بلڪ سموري ڪائنات ۽ ان ۾ موجود سمورن ساهوارن جي تخليق، هر باشعور انسان لاءِ هڪ ڇرڪائيندڙ مسئلو رهيو آهي. هن ڪائنات جي هر شيءِ، ايڏي ته اعليٰ مهارت ۽ ڪمال فنڪاريءَ سان جوڙيل آهي جو، ان تي غور ڪرڻ سان تاڪ لڳيو وڃن. ذهن ۾ زلزلا پئجيو وڃن. هي ماڻهو، هي پکي پکڻ، هي جانور، هي درياءَ ۽ سمنڊ، هي واريا سا ميدان ۽ جبل، هي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا، هي سج چنڊ تارا ڪنهن ٺاهيا ۽ ڇو ٺاهيا؟ ڪهڙا ڪيميڪلز ملائي واري، مٽي، ڀوري مٽي، چيڪي مٽي، جابلو مٽي، پٿر، لوهه، ٽامون، چاندي، سون وغيره ٺاهيو ويو. ايترا ڪيميڪلز ڪٿان آيا، جن مان مختلف قسم جون گئسون، تيل، پيٽرول، ڪوئلو وغيره پيدا ٿيو. لکين، ڪروڙين، اربين ٽن لوڻ استعمال ڪري سمنڊن جو پاڻي ڇو کارو ڪيو ويو ۽ انهن سمنڊن ۾ لکين قسم جا، جدا جدا، انتهائي حيران ڪندڙ ساهوارا

پيدا ڪيا ويا ۽ پوءِ سيني ساهوارن کي اکيون، ڪن، نڪ ۽ ٻيا مڪمل عضوا ڏنا ويا. اوهان ڏسو ته انسان جي پيدائش وارو عمل ڪيڏو نه حيران ڪندڙ آهي. پاڻيٺ جي هڪ قطري مان زندگي جنم وٺي ٿي. ان پاڻيٺ جي هڪ قطري مان ڪيئن هڏيون، ڏند، اکيون، ڪن، وار ۽ جسم جا ٻيا حصا پيدا ٿين ٿا. پاڻيٺ جي هڪ قطري ۾ ايڏي شڪتي، ايڏي قوت ڪنهن پيدا ڪئي ۽ ڪيئن پيدا ڪئي. نه صرف ايترو، بلڪ غور ڪبو ته، هڪ ٻار جو خودبخود نسرجڻ، وڌڻ؛ ويجهڻ، جوان ٿيڻ، ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ مرحلو نظر نه ايندو. ٻار جا هٿ پير، ٻانهون، ٽنگون، اکيون، ڪن ۽ جسم جا ٻيا حصا سڀ خودبوخد وڌڻ ويجهن ٿا. انسان هجي يا جانور، پکي پکڻ هجي يا سامونڊي مخلوق، چم ۽ پرورش جي ڪمال فنڪاريءَ جا اهڙا هزارين لکين مظاهرا، هر روز مسلسل ٿيندا رهن ٿا. ائين لڳي ٿو، ڄڻ ته ڪا لڪل قوت، هر هنڌ لڳاتار معجزا ڏيکاريندي رهي ٿي. جيڏانهن نظر ڪبي، معجزا ئي معجزا نظر ايندا. آخر، اهو ڪير آهي، ڪهڙي هستي آهي، جيڪا معجزا ڏيکاريندي رهي ٿي. ابتدا کان اڄ تائين، اسان اهڙي هستي، اهڙي شخصيت، اهڙي قوت کي سمجهڻ ۽ ڳولڻ لاءِ، واجهائيندو رهي ٿو. اهڙين ڪاوشن سبب، انسان ڪيترائي ديوتا ۽ خدا پيدا ڪيا يا ڳولي لڌا ۽ پوءِ انهن جي بندگي ۽ تعظيم لاءِ ڪيئن واهڙ وهائي ڇڏيا.

سائنسدان سمجهن ٿا ته، هن ڪائنات جي تخلق هڪ حادثي يا هڪ اتفاق جو نتيجو آهي. جيڪڏهن هن ڪائنات ۽ ان ۾ پيدا ٿيل ساهوارا ڪنهن حادثي جو نتيجو هجن ها ته هوند هن دنيا جي ڪا ٻي صورت هجي ها. خود سائنس جي نظر سان هن ڪائنات ۽ ان ۾ موجود هر پيدا ٿيل شيءِ کي ڏسجي ته هر طرف باقاعده هڪ وسيع ترين منصوبه بندي اکين اڳيان اُڀري ايندي- رات ڏينهن جو ٿيڻ، موسمن جو بدلجڻ، سج چنڊ تارن جو مقرر اصولن ۽ پابندي هيٺ هلڻ، زمين جي گردش، هوائن جو هلڻ، سمنڊ جي لوڙ پوڙ، ڪڪرن جي ٺهڻ، مينهن وسڻ، سيارو اونهارو، گرمي سردي- اهي سڀ ڳالهيون هڪ مضبوط رٿابنديءَ جو حصو لڳن ٿيون ۽ ان رٿابنديءَ ۾ ڪٿي به ڪا تِرَ جيتري به غلطي نظر نه ايندي. مضبوط رٿابنديءَ جو اندازو هن ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته هر جاندار، جوڙيءَ جوڙيءَ جي صورت ۾ پيدا ڪيو ويو آهي. هر ساهوارو نر ۽ ماده جي صورت ۾ پيدا ٿيل آهي ته جيئن زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾، زندگيءَ جو سلسلو جاري رهي سگهي. نباتات ۾ هر ٻوٽو، هر وڻ، ٻاڻ سان گڏ، بي شمار ٻج ڪٽيو اچي ته جيئن

نباتات ۾ پيدائش جو سلسلو جاري رهي سگهي. اهي سڀ ڪارروائيون اتفاقي نٿيون ٿي سگهن. فقط وڻن ٽڻن، ٻوٽن جي پيدائش تي ڌيان سان نظر ڪبي ته حواس خطا ٿيڻ لڳندا. اهو ڪير آهي، جيڪو سائي رنگ جي ٻوٽن مان گلابي، نيلا، پيلا، ڪارا ۽ اڇا گل پيدا ڪري ٿو. جيڪو سائي رنگ جي وڻن مان باقاعدگيءَ سان، بي شمار ذائقن ۽ رنگن وارا خوبصورت ميوا پيدا ڪري ٿو؛ جنهن هزارين قسمن جا اناج ۽ ڀاڄيون پيدا ڪيون ۽ ڪندو رهي ٿو. اهو ڪير ٿي سگهي ٿو، جنهن گلن ۾ خوشبو پيدا ڪئي، جا اسين ڏسي ته نٿا سگهون، پر سُنگهي سگهون ٿا. اهو ڪير آهي جنهن هر ميوي، هر اناج جو ذائقو ۽ رنگ الڳ الڳ رکيو آهي. ايترا رنگ، ايترا ذائقا، ايتري خوشبو هن ڪٿان آندي؟

اوهان ڪڏهن ماءُ جي ممتا ۽ پيار بابت غور ڪيو آهي؟ اها ممتا، اهو پيار، خاص طور ماءُ ٻچڻ کان پوءِ هر عورت، هر جانور، هر پکي پکڻ ۾، هڪ مقرر اصول تحت پيدا ٿئي ٿو. ماءُ جي ممتا، ماءُ جو پيار، اڻ ميو پيار، خود خدا جي وجود ۽ حيثيت وانگر نظر نه ايندو آهي؛ جو فقط محسوس ڪري سگهجي ٿو. ڇا اهو پيار ڪنهن حادثي يا اتفاق جو سبب آهي؟

اوهان ڪڏهن، انسان ۾ موجود ڏاهپ، عقل، ڪاوڙ، حسد، نفرت، عداوت، پيار، محبت جي جذبن تي ويچار ڪيو آهي، جيڪي ڏسي ته نٿا سگهجن، پر محسوس ڪري سگهجن ٿا. ڇا اهي سمورا جذبا اتفاق سان پيدا ٿيل آهن؟ ڇا اهي سڀ ڪنهن حادثي جو نتيجو آهن؟.... اهي سوال، اهي مسئلا ڏاڍا منجهائيندڙ آهن، جيڪي جهالت جي دؤر کان اڄ جي جديد ترين دنيا تائين، پريشان ڪندا اچن ٿا. اهي سوال حل طلب آهن ته هن ڪائنات کي ۽ ان ۾ موجود تمام ساهوارن کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ اگر ڪا اهڙي هستي، هن سموري ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ آهي ته پوءِ اها هستي ڪيئن وجود ۾ آئي؟.... بهرحال، اهي سوال، اهي مسئلا ۽ معاملا ڌند ڪتائن ۽ مذهبن کي جنم ڏيڻ جو سبب بڻيا. پوءِ، جيئن جيئن ڪتائون ۽ مذهب وڌندا ويا، تيئن تيئن خداوند تعاليٰ جي سڃاڻ وارو مسئلو وڌيڪ پيچيده ٿيندو ويو. مختلف ڪتائن ۽ مذهبن، خداوند تعاليٰ بابت مختلف ۽ عجيب و غريب رايا پيش ڪيا. ڪن نانگ بلائن، وڻن ٽڻن، سج چنڊ تارن کي خدا جي حيثيت ۾ تسليم ڪيو، ڪن بيشمار خدائن/ ديوتائن جي هڪ وڏي خاندان کي متعارف ڪرايو. ڪن فقط هڪ خدا لاشريڪ خدا جي ڳالهه ڪئي ته ڪن هڪ خدا کي اولاد ۽ زال وارو ڄاڻايو. ڪٿي ڪيترن ئي بادشاهن کي

خدا طور مڃيو ويو تہ ڪٿي ڪيترين ئي مذهبي شخصيتون خود خدا جي حيثيت اختيار ڪري ويون. جيئن گوتم ٻڌ کي مختلف ملڪن ۾ خدا طور تسليم ڪيو ويو ٿو جيڪو راجا جو پٽ هو. اهڙيءَ طرح هڪ ٻي راجا جي پٽ ”رام“ کي بہ خدا يا ڀڳوان جو اوتار سڏيو ويو ٿو. عيسائي مذهب ۾، بائيبل مطابق، حضرت عيسيٰ خدا جو پٽ آهي بلڪ هن کي خداوند مسيح طور ياد ڪيو ويو ٿو. ان کان اڳ، مصر جا فرعون بادشاهہ، پاڻ کي خدا سڏائيندا هئا. ميسيڊونيا جي حاڪم سڪندر اعظم، جنهن دنيا جي وسيع علائقي تي فوجي قبضا ڪيا، ان بہ آخري ڏينهن ۾ حڪم جاري ڪيو هو تہ کيس خدا يا ديوتا طور مڃيو ۽ پوڄيو وڃي. اهو سلسلو سڪندر کان جاپان جي هيرو هيٽو تائين هلندو اچي.

اصل ۾، خدا جي تلاش ۽ سڃاڻ وارين ڪوششن کي سڀ کان گهڻو نقصان فوجي حڪمرانن پهچايو. اڄ تائين دنيا ۾ گهڻي ڀاڱي سموريون مملڪتون، بادشاهتون، فوجي ڪارروايِن ذريعي، فوجي حاڪمن قائم ڪيون. سُمير کان آشور، اڪاد، بابل، مصر، ايران، روس، هندستان، چين، جاپان تائين قائم ٿيندڙ شهنشاهتون، بنيادي طور فوجي حاڪمن وجود ۾ آنديون. يورپ ۾ مينان، فونيشين، ائٽراسڪن، يوناني، رومي، فرينچ، اسپيني ۽ انگريز شهنشاهتون، فوجي حڪمرانن، فوجي ڪارروائين ذريعي قائم ڪيون. جن جا بنياد ظلم ۽ جبر، قتل ۽ غارت، ڦرلٽ، تباهي بربادي‌ءَ تي رکيل هئا. اهڙيءَ طرح فوجي حڪمرانن، پنهنجا گناهہ لڪائڻ ۽ پنهنجي اقتدار کي مستقل رکڻ لاءِ مذهب ۽ ڏند ڪٿائن کان ڀرپور فائدو ورتو. ظلم، زوري ۽ زبردستيءَ سان وڏيون مملڪتون، شهنشاهتون قائم ڪندڙن لاءِ ضروري هو تہ هو عوام کي پنهنجو غلام ۽ تابع رکڻ لاءِ مسلسل خوف، دهشت، رعب ۽ دٻدٻي کان ڪم وٺندا رهن. ان سلسلي ۾ ڪن پاڻ خدا هئڻ جي دعويٰ ڪئي تہ ڪن خدا جو پاڇو، خدا جو اوتار هئڻ جا اعلان ڪيا ۽ عوام کي سندن اڳيان جهڪڻ تي مجبور ڪيو. اهڙي طرح، ديني ۽ دنياوي خدا، هميشہ کان انسان لاءِ ذهني ۽ روحاني ڪشمڪش جو سبب بڻيا رهيا. ويچارو انسان شروع کان محدود ذهني اوسر ۽ بندشن هيٺ، خدا بابت مختلف رايا رکندو آيو آهي. انهن راين تحت ڪٿي خداوند تعاليٰ عظيم ترين نظر اچي ٿو تہ ڪٿي هن جي حيثيت، ڪنهن قبيلي جي سردار جيتري مس ملي ٿي. انهن ڳالهين مجموعي طور انسان کي، خدا جي حقيقي تلاش

کان تمام پري ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو اڄ جي دنيا خداوند تعاليٰ جي وجود کان ئي انڪاري آهي.

آئون هتي فقط ايترو عرض ڪندس تہ منهنجو خدا، سندس وجود ۽ هستيءَ بابت ڪوبہ بحث ڪرڻ مقصد نہ هو. پر ڏند ڪٿائن بابت "ٻہ اکر" لکڻ ۽ انهن جي اهميت واضح ڪرڻ لاءِ، آئون پاڻ کي ان بحث کان آجو رکي نہ سگهيس.

ڏند ڪٿائون، بنيادي طور انساني تاريخ جو اهم ترين حصو آهن، جن کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ، هر باشعور انسان لاءِ بيحد ضروري آهي. هي ڪٿائون انسان جي شعوري، تمدني، تهذيبي ۽ مذهبي سفر جو ڀرپور داستان بيان ڪن ٿيون. انهن ڪٿائن ۾، يونانيءَ ڏند ڪٿائون خاص اهميت رکن ٿيون. جن ذريعي انساني تاريخ ۾ سڀ کان اول خدائن يا ديوتائن کي انسان جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو. هن کان اڳ، ديوتائن جون عجيب و غريب ڀوائتيون صورتون ٺاهيون وينديون هيون، جن ۾ هٿ جو اڌ ڌڙ انسان جو تہ اڌ ڌڙ ڪنهن جانور وغيره جو ڏيکاريو ويندو هو. يونانين، نہ صرف پنهنجي ديوتائن کي انساني صورت ۾ پيش ڪيو بلڪ ديوتائن جي ذهني ۽ اخلاقي ڪيفيت بہ انسانن جهڙي ڏيکاري. هو عاشق مزاج، راڳ ۽ ناچ جا شوقين، مختلف راندين ۽ جسماني ڪرتبن ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندڙ هئا. اڄ جي دنيا ۾ ٿيندڙ اولمپڪس رانديون يوناني ديوتائن جي وڏل ان روايتن جو سلسلو آهن. يوناني ديوتا اهڙيون رانديون هر چئن سالن بعد ڪرائيندا هئا. اڄ اولمپڪس رانديون، ساڳيءَ ريت هر چئن سالن بعد ٿين ٿيون.

يوناني ڏند ڪٿائن ۾ خدائن/ ديوتائن جو هڪ تمام وڏو خاندان ملي ٿو، جن ۾ "زوس ديوتا" کي بزرگ ترين ديوتا جي حيثيت حاصل هئي بلڪ هن کي ديوتائن جو بادشاهہ سمجهيو ويندو هو. اڄ اقوام متحده جي عمارت اڳيان، هن ئي ديوتا جو مجسمو لڳايو ويو آهي.

يوناني ڏند ڪٿائن جو يورپ جي تاريخ، علم ۽ ادب، تهذيب و تمدن، مذهب، سياست ۽ سائنس تي ڀرپور اثر ملي ٿو. خود يورپ جو نالو يونان جي يورپا ديويءَ تان ورتل آهي. ڏينهن، هفتن، مهينن جا نالا، سج، چنڊ تارن، سيارن جا نالا ايتري قدر جو جهازن ۽ راڪيٽن جا نالا بہ يوناني ڏند ڪٿائن تان ورتا ويا آهن.

يونان جا ماڻهو پنهنجي خدائن کي خوش ڪرڻ لاءِ جانورن جي قرباني ڪندا هئا. جانورن جو رت ديوتائن کي بيحد پسند هو جن ۾ رڍ، ٻڪري ۽ سوئر جو رت هنن جي دلپسند غذا هئي. ڀاڄيون، ميوا ۽ ٻيون ڪاڌي پيتي جون شيون به ديوتائن کي وڻنديون هيون، جيڪي يوناني ماڻهو نذر نياز طور ڏيندا هئا.

يوناني ڪٿائن تحت سڀ کان اول هيءَ ڪائنات وجود ۾ آئي، جنهن کان پوءِ خدائن / ديوتائن جنم ورتو. انهن ديوتائن جي نظر ۾ "شاعر" جي حيثيت، متقي، مبلغ، زاهد، عابد کان تمام مٿاهين ملي ٿي. هڪ واقعي موجب متقي شخص کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو، جڏهن ته شاعر کي ان ڪري معاف ڪيو ويو جو هو ديوتائن ۽ جنت جي تمام ويجهو آهي.

يوناني ڪٿائن ۾ انسان کي ڀرپور ڪائنات جو مرڪزي نقطو، اهم جز بلڪ اشرف المخلوقات طور ڄاڻايو ويو. هتي جنت، جهنم، سزا ۽ جزا جو هلڪو تصور به ملي ٿو. انسان جي پيدائش بابت مختلف ڪٿائون ڏنل آهن جن ۾ هڪ ڪٿا تحت، ديوتائن سڀ کان اول سون مان انسان پيدا ڪيا. جيڪي ڏک، تڪليفن، مصيبتن کان آجا هئا. ان ڪري ڪين انسان ذات جي روح، محبت ۽ پيار جي جذبن جي حفاظت جو ڪم ڏنو ويو. ان کان پوءِ ديوتائن چانديءَ مان انسان ٺاهيا، جيڪي انتهائي اڻ ڄاڻ، اڻوجهه ۽ نادان هئا. ان ڪري ديوتائن اهو نسل ختم ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ پتل مان ماڻهو ٺاهيا ويا جيڪي بيحد طاقتور، خونخوار، جنگ ۽ جدل جا ڪوڏيا هئا. جن پاڻ ۾ وڙهي، رتوڇاڻ تي هڪ ٻئي کي ماري ڇڏيو. اهڙي طرح هيءُ نسل به ختم ٿي ويو. ان کان پوءِ لوهه مان ماڻهو ٺاهيا ويا جيڪي اڄ تائين موجود آهن. جيئن ته انسان جو هيءُ نسل، بديءَ جي دؤر ۾ ٺاهيو ويو ان ڪري انسان جي فطرت ۾ به بدي شامل ٿي ويئي. جڏهن انسان ۾ بدي انتها تي پهچي ويندي، تڏهن "زوس ديوتا" انسان جو هيءُ نسل به ختم ڪري ڇڏيندو. بهرحال هي ڪٿائون مذهبي اوسر ۽ ڄاڻ جو اهم ترين حصو آهن، جن کي ٽي هزار سال اڳ سڀ کان اول يونان جي عظيم شاعر هومر قلمبند ڪيو.

## هن ڪتاب لکڻ جا سبب

منهنجو ڏند ڪٿائن بابت ڪوبه ڪتاب لکڻ جو پروگرام نه هو. مون عالمي قومن جي اتحاد ۽ آزادي بابت هڪ ڪتاب World Confederation of the

People لکڻ چاهيو ٿي. جنهن لاءِ مون کي تاريخ، مذهب، ڏند ڪٿائن، سائنس، سياست ۽ ٻين علمن بابت بي شمار ڪتاب پڙهڻا پيا. منهنجي خواهش هئي ته پنهنجي راءِ کي ثابت ڪرڻ لاءِ تاريخ کي شاهد بڻايان. ان لاءِ مختلف تاريخي واقعا، انگ اکر ۽ ڇاڻ ڇهربل هئي. اهو ڪم تمام ڏکيو، بيحد ٿڪائيندڙ ۽ وقت وٺندڙ هو. فقط ڪنهن هڪ قوم جي مڪمل تاريخ پڙهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ڇمار گهرجي ٿي. ان ڪري مون، پنهنجن ٽن دوستن کي مدد لاءِ، پاڻ سان گڏ ڪنيو. جن ۾ جناب رئيس زيدي، جناب علي اقبال ۽ جناب عبدالرحمان پليجو شامل هئا. انگ اکر ۽ واقعا گڏ ڪرڻ واري جدوجهد ۾ ڪيئي ڪتاب تيار ٿي پيا. جن ۾ دنيا جون مختلف ڏند ڪٿائون به شامل آهن. جيئن ته ڏند ڪٿائن بابت، سنڌيءَ ۾ ڪوبه ڪتاب يا مواد موجود ناهي، ان ڪري مون سڀ کان اول، يوناني ڏند ڪٿائن بابت ڪتاب تيار ڪرڻ جو پروگرام بنايو. ابتدائي طور، ڪجهه مضمون "برسات" ۾ به شايع ٿيا. زير نظر ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ ۾، خاص طور عبدالرحمان پليجي منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي، جنهن لاءِ سندس شڪر گذار آهيان.


**يوسف شاهين**



اتینا (منروا دیوي)
**Athena (Minerva)**



اپالو (دیوتا)
**Apollo**



افرودائیت (وینس دیوي)
Aphrodite (Venus)



هیراکلیز (هرکیولس دیوتا)
Heracles



زوس ديوتا جا ٻه الڳ ڏيک



زوس (جوپيٽر) ديوتا
Zeus (Jupiter)

# زوس ديوتا (جوپيٽر)
# Zeus (Jupiter)

## زوس [زيوس] ديوتا جون صفتون

سيني ديوتائن ۽ ماڻهن جو ابو، نگهبان، حاڪمن جو حاڪم، آسمان ۽ جنت جو مالڪ، وڏو عشقباز، روشني، اوندهه، هوا ۽ پاڻيءَ تي قادر. قانون جو محافظ، منتظم، رحم ۽ انصاف ڪندڙ، سدي واڌ ڏيڪاريندڙ. رازق، سزا ۽ جزا ڏيندڙ. سيني يوناني ديوتائن کان مٿاهون حاڪم.

## نالا ۽ لقب

ڪڪرن کي گڏ ڪندڙ- زوس پوليئس (Zeus Polieus) سيني ديوتائن جو ابو، اڳواڻ، رهبر، حاڪم، بادشاهن جو بادشاهه، مددگار، دعائون قبول ڪندڙ، بچائيندڙ، قانون جو محافظ، منتظم، رحيم، عادل ۽ جابر

## نشان

شاهه بلوط جو وڻ، عقاب پکي، ڪنوڻ، گجگوڙ، ساهمي ۽ شاهي عصا (لٺ) زوس ديوتا جي خاص نشان هئا.

## زوس ديوتا جو جنم ۽ سندس ابتدائي ڪارناما

قديم يوناني ڪٿا مطابق، زوس ديوتا جنت جي بادشاهه ڪرونس (Cronus) جو پٽ هو. ڪرونس ٽائين اها ڄاڻ پهتي ته، ڪيس ڪو اولاد ٿيو ته، اهو ڪانئس اقتدار کسي وٺندو. ان ڏپ وچان، ڪرونس کي جيڪي ٻه ٻار ٿيا، انهن کي هن جمڻ شرط، ڳڙڪائي ڇڏيو. ڪرونس جي زال ريئا (Rhea) پنهنجي مڙس جي انهن حرڪتن سبب ڏاڍو پريشان رهڻ لڳي.

نيٺ جڏهن زوس پيدا ٿيو ته، هن جي ماءُ پنهنجي ان تازي ڄاول ٻار کي لڪائي، ان جي جاءِ تي، پٿر جو هڪ ٽڪر، ٻاراڻي ڪپڙن ۾ ويڙهي، سندس مڙس جي حوالي ڪيو، جيڪو ٻه هو ڳڙڪائي ويو. ان بعد، ڪرونس جي زال، پنهنجي پٽ زوس کي، ڪريٽ (Crete) جي ٻيٽ ۾، هڪ غار اندر،

ڏاڍي احتياط ۽ خبرداريءَ سان لِڪ چوريءَ پالڻ جو انتظام ڪيو. [اهو غار اڄ بہ ڪريٽ ۾ موجود آهي] زوس سوني هندوري ۾ لڏندي، جهنگلي ڪبوترن هٿان ماکيون کائيندي ۽ جابلو جوڌن جا نغما ٻڌندي، نيٺ اچي وڏو ٿيو.

هڪ ڏينهن هن جي ماءُ ”ريئا“ ڪيس، سندس پيءُ جي افعالن کان آگاهہ ڪيو ۽ ٻڌايو تہ سندس پنج ڀائر ۽ ڀينر، هن جي پيءُ جي پيٽ ۾ بند آهن، جن کي ڇڏڻ شرط، هو ڳڙڪائي ويو هو. زوس اها ڳالهہ ٻڌي، پنهنجي پيءُ خلاف جنگ جوٽي. هن سڀ کان پهرين، هوشياريءَ سان پنهنجي پيءُ کي هڪ دوا پياري. جنهن سبب هو بيمار ٿي پيو ۽ الٽيون ڪرڻ لڳو. پهرين الٽيءَ ۾ اهو پٿر نڪتو، جيڪو هن، پنهنجو ٻار سمجهي ڳڙڪايو هو [اهو پٿر اڄ بہ ڊيلفيءَ جي عجائب گهر ۾ رکيل آهي.] ان کان پوءِ، ڪرونس الٽيون ڪري، پنهنجا پنج ئي ٻار ٻاهر ڪڍيا، جيڪي جوان ٿي چڪا هئا. هاڻ، زوس، ڀائرن ۽ ڀينرن کي گڏ ڪري، پيءُ کان اقتدار ڦرڻ لاءِ، جنگ شروع ڪئي، جيڪا ڏهہ سال جاري رهي، مگر ڪوبہ فيصلو نہ ٿي سگهيو. زوس ڏاڍو پريشان هو. هن ڇا ڪيو جو ڪنوڻ، روشني ۽ ڪڪرن جي گجگوڙ کي قيد مان آزاد ڪري ڇڏيائين. هو خوش ٿي، زوس جي ڀاءُ کي هڪ ٽوپي ڏني، جنهن کي پائڻ وارو نظرن کان گم ٿي ويندو هو. ان کان علاوه زوس، انهن ٽن وڏين بلائن کي بہ آزاد ڪيو، جن مان هرهڪ بلا جا پنجاهہ مٿا ۽ سؤ هٿ هئا. آهي بلائون، هڪ ئي وقت ٽي ٽي سؤ جبل جا وڏا پٿر اڇلي سگهيون ٿي. اِهي ڪم ڪرڻ کان پوءِ زوس، هڪ خاص قسم جي دعوت جو اهتمام ڪيو. جنهن ۾، پنهنجن سيني ساٿين کي ”ياچمار جيئرو رکڻ“ وارو، ديوتائن جو کاڌو کارايو ۽ شربت پيياريو. ان بعد، زوس سيني ساٿين کي گڏ ڪٺي، پنهنجي پيءُ تي ڪاهي ويو. خوفناڪ جنگ لڳي. پنجاهہ مٿن ۽ سؤ سؤ هٿن وارين بلائن، جبلن جا جبل ڪٺي ڪرونس ڏانهن اڇلايا. ڪنوڻ چمڪات ڪيا ۽ وَرَ وَرَ ڏئي ڪرونس مٿان پاڻ اڇلايو. ڪڪرن گجگوڙيون ڪيون. نتيجي ۾، ڌرتي ڏٻي، سمنڊ ٿهڪي پيو. ٻيلن کي باهيون لڳي ويون. نيٺ زوس ۽ سندس ڀائرن کي پنهنجي پيءُ ڪرونس تي فتح حاصل ٿي. هنن ڪرونس کي جهلي، ڌرتيءَ جي اونداهي حصي، پاتال ۾ هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيو. [واضح رهي تہ، ڪرونس پاڻ بہ، پنهنجي پيءُ خلاف، ساڳيءَ ريت بغاوت ڪئي هئي].

ان جنگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، زوس جي ڀائرن، پاڻ ۾ اقتدار ورهائي ڪنيو. ان فيصلي موجب زوس جنت، آسمان ۽ زمين جي مٿين

حصي جو مالڪ بڻيو. زوس جو ڀيو ڀاءُ ’پوزيڊون‘ سمنڊ جو حاڪم ۽ ٽيون ڀاءُ ’هئڊيز‘ پاتال (جهنم يا زير زمين) جو اڳواڻ مجيو ويو. باقي، زمين تي حڪمرانيءَ جا سيني کي برابر جا حق مليا.

## زوس ديوتا جا عشق، سندس زالون ۽ سرّيتون

زوس ديوتا جي پهرين زال ’ميٽس‘ سندس چاچي ”اوشيانس ديوتا“ جي ڌيءَ هئي، جيڪا سندس پڦي به هئي. ’ميٽس‘ زوس ديوتا کان بچڻ لاءِ گهڻيئي حيلا هلايا ۽ شڪليون بدلايون پر زوس نه ڇڏيس. زوس ديوتا کي ميٽس مان ”اٿينا ديوي“ پيدا ٿي.

* ميٽس کان پوءِ زوس ديوتا وري پنهنجي پڦيءَ ’ٿيمس‘ سان جنسي تعلقات قائم ڪيا، جيڪا انصاف ۽ قانون جي ديوي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪلاڪ (Hours) ۽ ٽي ڌيئرون پيدا ٿيون جن کي ”تقديرون“ (Fates) سڏين ٿا.

* ٿيمس کان پوءِ زوس ديوتا ’يورينوم‘ سان ميلاپ ڪيو، جنهن مان به ٽي ڌيئرون پيدا ٿيون جن کي ”گريسز“ (Graces) مهر واريون سڏجي ٿو.

* ان کان پوءِ هن وري پنهنجي ڀيڻ ’ڊميٽر‘ سان تعلق رکيو، جنهن مان هڪ ڌيءَ ”پرسيفون“ پيدا ٿي.

* ڊميٽر کان پوءِ زوس ديوتا سندس ٻي پڦيءَ ’مني موسين‘ کي پنهنجي سريت بنايو. جنهن مان ڪيس ست ڌيئون پيدا ٿيون، جن کي ”ميوزس“ (Muses) پيٽون سڏجي ٿو، جن کي فنون لطيفه، موسيقي شاعري، تاريخ، فصاحت ۽ ناچ ڳائڻ وڄائڻ وغيره جون جدا جدا ذاتون مليل هيون ۽ هو انهن نالن سان منسوب ڪيون ويون.

* مني موسين کان پوءِ وري به زوس ديوتا پنهنجي ڏاڏاڻي ٽائيٽن گهراڻي مان هڪ ديويءَ ’ليٽو‘ کي پنهنجي سنجوڳ لاءِ چونڊيو. اها ديوتائن جي گهراڻي مان سندس ڇهين شادي هئي. ليٽو مان ڪيس هڪ پٽ ”اپالو ديوتا“ ۽ هڪ ڌيءَ ”آرٽيمس“ (ڊائنا ديوي) پيدا ٿيا.

* ديوتائن جي نسل مان سندس آخري شادي سندس ڀيڻ هيرا ديويءَ (Hera) سان ٿي. جنهن کي هن پنهنجي پٽ- راڻي بنايو. چيو وڃي ٿو ته زوس ديوتا، آرگوس جي ويجهو هڪ جهنگ ۾ هيرا ديويءَ کي گهمندي ڏسي، مٿس هرکي پيو ۽ هٿراڌو طوفان پيدا ڪري، ڪوئل بنجي، هيرا جي ڪپڙن ۾ پاڻ کي لڪايائين. ان کان پوءِ پاڻ کي اصلي شڪل ۾ آڻي هيرا

کي ياڪرن ۾ ورتائين ۽ ساڻس شاديءَ جو انجام ڪري ان سان ميلاپ ڪيائين. هيرا ديويءَ کي ٻه منجهانس هڪ پٽ "ايريز ديوتا" ۽ ٻه ڌيون "هيبي" ۽ "الي ٿائيا" پيدا ٿيون. هيرا ديويءَ هڪ اهڙو ٻه پٽ ڄڻيو، جنهن ۾ سندس مڙس جو ڪوبه تعلق نه هو. اهو سڀ ڪجهه سندس ئي طاقت سان ممڪن ٿي سگهيو.

## پليئڊيز ڀيڻون

اٽلس ديوتا کي اوشيانس ديوتا جي ڌي پليونيءَ مان ست ڌيئر هيون جن کي پليئڊيز (Pleiades) سڏجي ٿو. انهن ستن پليئڊيز ڀيڻن مان ٽن ڀيڻن 'مايا' (Maia)، 'اليڪٽرا' (Electra) ۽ 'ٽائيگيٽا' (Tygete) سان زوس ديوتا هڪ ٻئي پٺيان جنسي تعلقاتَ قائم ڪيا. جنهن جي نتيجي ۾ مايا کي "هرمز ديوتا"، اليڪٽرا کي "ڊارڊانس" ۽ ٽائيگيٽا کي "لئسيڊيمون" نالي پٽ ڄاوا.

زوس ديوتا پنهنجي مرضيءَ موجب ڪابه شڪل اختيار ڪرڻ تي قادر هو. هن انساني نسل جي عورتن سان جانور، پکيءَ يا انهن جي مڙسن جي شڪلين ۾ جنسي تعلقات قائم ڪيا.

*انساني عورتن مان 'نيوبي' (Niobe) سندس پهرين سريت هئي، جنهن کي زوس ديوتا پنهنجي هوس جي ڄار ۾ ڦاسايو. هوءَ فورونيئس جي ڌيءَ هئي. آرگوس جي روايتن موجب فورنيئس دنيا جو پهريون انسان هو. نيوبي کي زوس ديوتا مان "آرگس" نالي پٽ ڄائو. جنهن تان آرگوس شهر تي نالو پيو.

* زوس ديوتا جي ٻي سريت آءِ او (IO) هئي جيڪا هڪ دريائي ديوت اناچس جي ڪنواري ڌيءَ هئي. اناچس آرگوس جو بادشاهه هو. يوناني مورخ ائسڪيلس (525-456 ق.م.) اهو قصو هينئن بيان ڪيو آهي: آءِ او خوابن ۾ ڏسندي هئي ته رات جو زوس ديوتا سندس ڪن ۾ پٽڪو ڪري پيو چوي ته هوءَ ٻاهر نڪري اچي ساڻس سُمهي. اهي خواب جڏهين اناچس ٻڌا ته هن زوس ديوتا جي ڊپ وچان آءِ او کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو. هيرا ديوي کي به ان ڳالهه جو پتو پئجي ويو. هن آءِ او جي شڪل مٽائي ڪيس هڪ اڇي وهڙي بنائي ڇڏيو. ڪن جو چوڻ آهي ته هيرا کان لڪائڻ لاءِ زوس ديوتا آءِ او کي اڇي رنگ جي وهڙي بنايو هو. آءِ او وهَڙيءَ جي شڪل ۾ جهنگ ۾ پيئي رلندي هئي. هيرا ديويءَ مٿس هڪ ٻَگهئي ٻچي ڇڏي هئي، جنهن تکن ڏنگن سان آءِ او کي هڪ هنڌ ويهڻ نتي ڏنو. هيرا ديوي پهاڃيٽي جي حسد ۾ اچي

سئو اکين واري بلا آرگس کي آءِ او جي مٿان پهري تي بيهاري ڇڏيو. زوس ديوتا ڏاڍو لاچار ٿيو تہ ڪيئن آءِ او کي هٿ ڪريان. نيٺ زوس پنهنجي پٽ هرمز تي ڪم رکيو تہ هو آرگس کي ماري آءِ او کي ان بعد مان ڪڍائي. پر ٻگهڙيءَ آئي او کي هڪ هنڌ بيهڻ نہ ڏنو. هوءَ آرگوس مان ڊوڙندي ڊوڙندي ملڪن جا ملڪ لتاڙي وڃي مصر نڪتي. اتي زوس ديوتا ڪيس وري ساڳيءَ شڪل ۾ آندو ۽ سندس هٿ جي ڇهاءَ سان آءِ او کي پيٽ ٿيو، جنهن مان 'ايپافس' پيو ٿيو. جيڪو مصر ۽ آفريقا جو بادشاهہ ٿيو.

رومي مورخ ۽ شاعر اووڊ (Ovid) هن قصي کي وري هيئن بيان ڪيو آهي:

زوس ديوتا آءِ او کي هڪ نديءَ جي ويجهو گهمندي ڏٺو ۽ هن سان ٻنپهرن جو جهنگ ۾ ملڻ جو انجام رکيو ۽ ساڻس جنسي ميلاپ ڪندي پنهنجي مٿان هڪ هٽرادو ڪڪر بيهار ڇڏيو، جيئن ڏنڌ ۾ هيرا ديوي کين نہ ڏسي سگهي؛ پر هيرا آرگوس مٿان اوچتو ڪڪر بيٺل ڏسي شڪي ٿي ۽ اچي اتي پهتي. زوس ديوتا آءِ او جي شڪل مٽائي ڪيس هڪ اڇي رنگ جي وَهُڙي بنائي ڇڏيو. هيرا زوس کي وَهُڙي سوکڙي طور گهري. زوس انڪار نہ ڪري سگهيو.

هيرا ديويءَ آءِ او تي آرگس نالي هڪ سئو اکين واري بلا پهري تي بيهاري ڇڏي جنهن کي نيٺ هرمز ماري ڇڏيو. اتان پوءِ آءِ او مصر پهتي ۽ زوس کي وري بہ ساڳي شڪل ۾ آندو. مصر ۾ آءِ او آئيسس ديويءَ جي نالي سان پوڄي ويندي هئي. سندس پٽ 'ايپافس' کي بہ ڍڳي جي شڪل ۾ ايپس جي نالي سان پوڄيو ويندو هو.

* 'انٽيوپي' (Antiope) ٿيبس جي هڪ سهڻي ڇوڪري هئي. زوس ديوتا انٽيوپي سان هڪ سٽائر جي شڪل ۾ جماع ڪيو. سٽائر اهي ماڻهو هئا جن جون ٽنگون گهيٽي جهڙيون هيون ۽ سندس مٿن تي سڱ هوندا هئا. انٽيوپيءَ کي زوس سان ميلاپ جي نتيجي ۾ ٻہ پٽ "ائمفيون" ۽ "زيٿس" ڄاوا.

* آرگوس جي هڪ بادشاهہ اڪري سيئس کي جڏهين اها اڳڪٿي ٻڌائي وئي تہ سندس ڌيءَ 'داناءَ' (Danae) کي جيڪو بہ پٽ ڄمندو سو کيس ماريندو. تڏهن هن 'داناءَ' کي ڪنجهي مان ٺهيل هڪ مناري ۾ قيد

ڪري ڇڏيو. زوس ديوتا شهزاديءَ جي حسن جي هاڪ ٻڌي پنهنجي وجود کي هڪ سوني پاڻيءَ جي ڦوهاري ۾ بدلائي داناءِ تي وسڪارو ڪيو. ان جي نتيجي ۾ داناءِ پيٽ سان ٿي پيئي ۽ ڪيس هڪ پٽ "پرسيئس" نالي پيدا ٿيو.

* زوس ديوتا ڪادموس بادشاهه جي ڌيءَ 'سيميلي' (Semele) تي عاشق ٿي پيو ۽ هن هڪ انسان جي روپ ۾ ساڻس ميلاپ ڪيو. هيرا ديويءَ کي اها ڪڙڪ پئجي وئي ۽ هن شهزاديءَ جي هڪ ٻانهيءَ جو روپ ڌاري اچي سيميلي کي برغلايو ته تنهنجو عاشق جيڪو تو وٽ پاڻ کي زوس ديوتا ٿو سڏائي سو ڪوڙو آهي، ان جي پرک وٺ. سيميلي زوس ديوتا تي ڏاڍو زور وڌو ته پنهنجي اصلي صورت ڏيکارِ. زوس ديوتا گهڻو لاهرايو پر سيميل نه ڇڏيس. زوس پنهنجي اصلي صورت ۾ وڄ ۽ گجگوڙ سان اچي جلوه انداز ٿيو. سيميلي زوس جي جلوي جو تاب نه جهلي سگهي ۽ اتي جو اتي سڙي وگهرجي مري ويئي. سيميلي کي زوس مان پيٽ ٿيو هو. زوس پنهنجي پٽ هرمس جي مدد سان سيميلي جي رحم مان بروقت اهو ٻار ڪڍائي پنهنجي سٿر ۾ چير ڏئي ان ۾ رکي ڇڏيو. جيڪو "ڊائيونيسس" (Dionysus) (باچوس) جي نالي سان يوناني هيروز ۾ مشهور ٿيو.

* 'ڪالسٽو' (Callisto)، آرٽيمس ديويءَ جي هڪ ڪنواري پوڄارڻ هئي ۽ سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. زوس ديوتا آرٽيمس يا اپالو جي شڪل اختيار ڪري ان جو ڪنوارپڻو ختم ڪيو. زوس مان هن کي ارڪس (Arcas) نالي هڪ پٽ ڄائو. هيرا ديويءَ پهاڄ پٽي جي باهه ۾ ڪالسٽو کي مادي رڇ بنائي ڇڏيو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ جهنگ ۾ رلندي ڪالسٽو پنهنجي پٽ ارڪس کي شڪار ڪندي ڏٺو. ارڪس وڏو ٿي چڪو هو. ڪالسٽو پنهنجو پٽ ڏسي مامتا جي جوش ۾ ڪيس ڀاڪر پاتا پر ارڪس پنهنجي ماءُ کي سادي رڇ سمجهي ڪيس شڪاري ڏقو هڻي مارڻ تي هو ته زوس ديوتا پنهنجي قدرت سان سندس وارو گسائي ڪالسٽو کي بچائي ورتو. ان کان پوءِ ڪالسٽو کي هيرا جي حسد کان بچائڻ لاءِ ڪيس سندس پٽ ارڪس سميت آسمان ۾ هڪ تارن جي ميڙ وانگر ڪري رکيائين، جنهن کي اڄ به دب اڪبر (ڪتون) Great Bear سڏيو وڃي ٿو.

* 'ٿيبيس' جي بادشاهه ايمفٽريون (Amphitryon) جي زال الڪميني (Alcmene) جي سونهن جي هاڪ ٻڌي زوس ديوتا ان تي موهت ٿي پيو ۽ هڪ دفعي وجهه وٺي پنهنجي شڪل مٽائي سندس مڙس جي روپ ۾

الڪمينيءَ سان ميلاپ ڪيائين. جنهن مان راڻي کي "هرڪيولس" (Hercules or Heracles) نالي پٽ ڄائو، جيڪو يونان جي مشهور ۽ وڏن سورمن مان ليکيو وڃي ٿو. هيرا ديويءَ کي جڏهن هرڪيولس جي پيدا ٿيڻ جي خبر پئي ته هن ٻه نانگ هن کي مارڻ لاءِ سندس پينگهي ۾ موڪليا؛ پر ننڍڙي ۽ معصوم هرڪيولس، انهن نانگن کي هٿن سان چيپاٽي ماري ڇڏيو.

* زوس ديوتا اسپارٽا جي بادشاهه ٽينڊا ريوس جي زال 'ليڊا' سان هنج پکيءَ جي صورت ۾ ميلاپ ڪيو. نتيجي طور راڻيءَ ٻه آنا لاٿا. هڪ آني مان زوس جا ٻه ٻار "پولڪس" ۽ "هيلن" پيدا ٿيا ۽ باقي ٻئي آني مان بادشاهه جي ٻن ٻارن جنم ورتو.

* هڪ ڏينهن زوس ديوتا پرناسس جبلن جي چوٽيءَ تان شام ملڪ جو سامونڊي ڪنارو ڏسي رهيو هو ته سندس نظرون وڃي هڪ سونهري وارن واريءَ سهڻي نار تي پيون. هوءَ ٽائر جي بادشاهه فونيشيا جي ڌيءَ "يورپا" هئي. يورپا کي ڏسندي ئي زوس مٿس عاشق ٿي پيو. هن ڍڳي جو روپ اختيار ڪيو ۽ وڃي يورپا جي قدمن اڳيان جهڪيو. يورپا ڍڳي ڏانهن ڏٺو. هن جي نراڙ تي چانديءَ جو ستارو چمڪي رهيو هو. سندس سهڻا ۽ سنهڙا سڱ، چنڊ وانگر وريل هئا. سندس نيرين اکين ۾ نرمي ۽ پيار هو. يورپا هن جي نياز ۽ نوڙت کان ڏاڍو متاثر ٿي. هن پنهنجا نازڪ هٿ ڍڳي جي نرم ۽ ريشمي پٺيءَ تي ڦيرايا ۽ پوءِ هوءَ مٿس چڙهي ويٺي. ڍڳو هلڻ لڳو. يورپا کي سواريءَ ۾ ڪوبه ڊپ نه ٿيو ۽ مزو اچڻ لڳس. ڍڳو ڪيس آهستي آهستي ڪيس ڪٿي اچي سمنڊ جي ڪناري تي پهتو. اهو سمورو وقت ڍڳو ۽ يورپا ماٺ رهيا. انهي يڪيءَ ماٺار جي ڪري يورپا کي مونجهه ٿيڻ لڳي. نيٺ هن ڍڳي سان ڳالهايو:

پيارا ڍڳا، تون مون کي ڪيڏانهن تو وٺي وڃين؟
اي عجب جهڙا ڍڳا! تون ڪير آهين؟

ڍڳي انساني آواز ۾ جواب ڏنو: "ٽائر جي پياري من موهيندڙ شهزادي، ڊپ نه ڪر، دل وڏي ڪر، سرهي ٿي، شل اپاڳ تنهنجي ويجهو نه اچي، تنهنجي اکين مون کي هڪ ڍڳي جي روپ ۾ ڏٺو آهي، پر جلد ئي تون ڏسندينءَ، ته آئون زوس آهيان- آسمانن جو حڪمران... اهڙي طرح آسماني ديوتا زوس ۽ ايشيائي شهزادي يورپا پاڻ ۾ ٺهي ويا. ان معاشقي سبب، يورپا کي زوس مان "منوس" (Minos)، "رهادامنٿس" (Rhadamanthys) ۽

"سرپيڊون" (Serpedon) نالي ٽي پٽ پيدا ٿيا.
يورپ کنڊ تي پيل نالو بہ يورپا تان ورتل آهي.

## ڦهويون ماڻهو جنهن انساني رت سان هٿ رڱيا

* ٿيسيليءَ جي بادشاهہ اڪسيون (Ixion)، مئگنيشيا جي بادشاهہ ايونيس جي ڌيءَ 'ديا' (Dia) سان شادي ڪئي ۽ ان سڱ لاءِ هن هڪ وڏي رقم ديا جي پيءُ ايونيس کي ڏيڻي ڪئي جڏهن ايونيس اها ٻوليل رقم وٺڻ لاءِ اڪسيون وٽ ويو تہ هن هڪ کڏ ۾ ٻرندڙ انگار وجهي ڇڏيا ۽ فريب سان ايونيس کي ان ۾ ڪيرائي ڇڏيائين، جنهن ۾ سڙڻ سبب ايونيس مري ويو. هن ڌرتيءَ تي انسان جو اهو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ ۽ ڦهريون خون هو. اڪسيون ڪان ڪٿي بہ ان گناهہ جو داغ ڌوپجي نہ سگهيو. پر جيئن تہ سندس زال ديا جي سونهن تي زوس ديوتا عاشق هو، ان ڪري زوس ديوتا اڪسيون کي آسماني ديوتائن جي گادي اولمپس ۾ گهرائي هڪ ديوتا جو درجو ڏنو ۽ ان لاءِ هڪ جشن ڪيو ويو. اتي اڪسيون، هيرا ديويءَ کي ڏسي مٺس چتو ٿي پيو ۽ هيرا ديويءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳو. هيرا ديويءَ زوس ديوتا کي دانهن ڏني زوس ديوتا اڪسيون کي ڪجهہ بہ نہ چيو، پر ان کي آزمائڻ لاءِ هيرا بدران هوبهو ان جهڙي مورت هڪ ڪڪر مان ٺاهيائين. اڪسيون، هيرا ديويءَ کي ڪانئس ڇرڪڻ بدران هڪ هنڌ ويٺل ڏسي هن (ڪڪر) سان جنسي ميلاپ ڪيو، ائين ڪندي زوس وٽ ڪيس جهليو ۽ انهيءَ الزام هيٺ تہ هن مهمان ٿي ڪري ميزبان جي امانت ۾ خيانت ڪئي، سزا طور اڪسيون کي تاتار جي اوڙاهہ ۾، سدائين گول ڦرندڙ ڇئن ڪنڊن واري گول چڪري ۾ بند ڪري ڇڏيائين. يوناني ڏند ڪٿائن مطابق اڪسيون اڄ سوڌو اوڙاهن ۾ ڦري چڪر ڪائي رهيو آهي. زوس ديوتا، اڪسيون ڪان وير وٺڻ لاءِ سندس راڻي 'ديا' سان ميلاپ ڪيو. جنهن مان ديا کي "پرٿيائوس" نالي پٽ ڄائو.

* زوس ديوتا ديوين ۽ عورتن ڪان سواءِ ڪيترين ئي جل پرين سان بہ همبستري ڪئي هئي، انهي مان 'ايجينا' بہ هڪ هئي. زوس ديوتا جڏهن ان کي درياءَ جي ڪنڌيءَ تي ڏٺو تہ هڪدم پاڻ عقاب پکي بڻجي ايجينا کي چنبن ۾ کڻي سمنڊ ڏانهن اڏامڻ لڳو. پٺان ايجينا جي پيءُ اسوپس گهڻي ڳولا ڪئي، پر ايجينا جو پتو نہ پيس. آخر واٽ تي ڪارنٿ جي بادشاهہ پيسي ڦس کيس ڏس پتو ڏنو. جڏهن هو زوس ديوتا جي ويجهو پهتو تہ

زوس ديوتا ڪيس پنهنجي وڄ ۾ گوڙ پيدا ڪندڙ لٽ جا ڏڪ هٽي پچائي ڪڍيو. پوءِ ايجينا کي کڻي زوس ديوتا اوئينومي ٻيٽ تي پهتو ۽ اتي ايجينا سان نويڪلائي ۾ عيش ڪرڻ لڳو. ان جي نتيجي ۾ 'ايجينا' "اياڪس" نالي هڪ پٽ ڄڻيو. ۽ ان بعد اوئينومي ٻيٽ تي ايجينا نالو پيو.

* هڪ ٻي جل پريءَ ايڪس (Aex) (ٻڪري) سان به زوس ديوتا جنسي تعلق رکيو، جنهن جي نتيجي ۾ "ايجيپان" پيدا ٿيو. جنهن ٽائفون ديو سان جنگ ۾ زوس ديوتا جي مدد ڪئي.

## زوس ديوتا جو رومي تصور

### ڪائنات ۾ پهرين عورت جي تخليق:

رومي ڪٿا مطابق، جوپيٽر ديوتا [زوس جو رومي نالو] ڪائنات جي پهرين عورت 'پنڊورا' (Pandora) کي آسمان تي خلقيو. ان عورت کي سيني ديوتائن، مختلف خوبيون عطا ڪيون. جهڙوڪ: وينس (افروڊائيٽ) ديويءَ عورت کي حسن سان نوازيو. مرڪري ديوتا (هرمز) هن کي ڪشش ۽ من موهڻ جا جذبا عطا ڪيا ۽ اپالو ديوتا هن کي راڳ ۽ موسقي ڏني. انهن سيني خوبين سان نوازجڻ کان پوءِ، عورت کي زمين تي لاهي "ايپي ميٿيس" جي حوالي ڪيو ويو. ايپي ميٿيس جي گهر ۾ هڪ برني رکيل هئي، جنهن ۾ ڪي شيون بند هيون. (اها برني کولڻ لاءِ پنڊورا کي منع ٿيل هئي) پر ڪائانت جي هن پهرين عورت کي وَرَ وَرَ ڏئي من ۾ مونجهه ٿيڻ لڳي. هن چاهيو ٿي ته هوءَ اها برني کولي ڏسي ته ان ۾ ڇا بند آهي. نيٺ هن اها برني کولي وڌي. اهڙي طرح، ان برنيءَ ۾ بند، ڪئين مصيبتون عذاب ڏک، بغض، حسد ۽ انتقام جا جذبا ٻاهر نڪري دنيا ۾ ڪاهي پيا. پنڊورا فوري طور ان برنيءَ مٿان ڍڪ رکڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر، سواءِ "اميدن، جي باقي ڪابه شيءِ برنيءَ ۾ باقي نه بچي. اهوئي سبب آهي جو دنيا ۾، سيني مصيبتن، ڏکن ۽ عذابن جي باوجود انسان وٽ اڄ به "اميد" جو جذبو ڀرپور طور موجود آهي. هو هر تڪليف جي باوجود اميد تي زنده رهندو اچي.

* هڪ ٻي رومي ڪٿا مطابق، جوپيٽر ديوتا (زوس) انسان کي فيض بخشڻ لاءِ پنڊورا عورت کي ڌرتيءَ تي لاٿو. هن کي شاديءَ جا ڳهه ڳنا ۽ هڪ صندوق ڏني ويئي، جنهن ۾ سيني ديوتائن دعائون برڪتون، اميدون، ڏک، عذاب ۽ تڪليفون رکيون هيون. هڪ ڏينهن پنڊورا بي خياليءَ ۾ ان صندوق کي کولي وڌو. نتيجي ۾ سيئي برڪتون ۽ دعائون ته اڏامي ويون،

باقي "اميدون" رهجي ويون، جن جي سهاري اڄ بہ انسان جيئرو آهي.

## زوس ديوتا جو هندي تصور

هندي ڏند ڪٿائن تحت زوس کي دياس، ديوس يا ديوس پتر (Dyaus or Dyaus-Pitri) سڏجي ٿو، جيڪو آڳاٽن آرين جو آسماني خدا هو. ديوس جي "ويدڪ دؤر" ۾ اهميت گھٽجي ويئي. هو ڌرتي ديوي 'پرٿويءَ' جو مڙس ۽ 'اندر' جو پيءُ هو.

# پوزيڊون (نيپچون) ديوتا
# Poseidon (Neptune)

## پوزيڊون ديوتا جون صفتون

سمنڊن، دريائن، چشمن ۽ پاڻيءَ جو مکيہ ديوتا، ڪرونس ديوتا ۽ ريئا ديويءَ جو پٽ، زوس ۽ هيڊيز ديوتائن ۽ هيرا، هيستيا ۽ ڊميٽر ديوين جو ڀاءُ، گهوڙن جو ڏاتي، ڌرتي ڌوڏي زلزلا آڻيندڙ، ٻرندڙ جبلن جي لاون ۾ ترڪي ڪرڻ کان بچائيندڙ، پنهنجي مرضيءَ موجب هرڪا شڪل تبديل ڪرڻ تي قادر- زبردست انتقام پسند، هڪ ڪامياب عاشق، سامونڊي جهاز راني ۽ سامونڊي ڪنڌيءَ تي مندرن جو سرپرست- تروجن جنگ ۾ ٽراءِ وارن جي خالف يونانين جو وڏو مددگار، يونان جي ٻارهن اهم اولمپيائي ديوتائن منجهان، زوس کان پوءِ، هڪ اهم ديوتا.

## پوزيڊون ديوتا جا نالا

پوزيڊون ديوتا کي سوٽر (Soter) (بچائيندڙ)، گائيوڇوس (Gaieochos) (ڌرتيءَ کي چوڌاري جهليندڙ)، اينوسيچٿان (Enosichthon) (ڌرتي ڌوڏيندڙ)، نئمفيجيٽيز (Nymphagetes) (چشمن ۾ رهندڙ جل پرين جو مهندار)، هپيوز (Hippios)، (اڏامندڙ جهنگي گهوڙن جو ڏاتي) ۽ فزيشن (ويچ) جي لقبن سان سڏيو ويو آهي.

گهوڙو، ڊالفن (سامونڊي مڇي)، جو وڻ (جنهن جي ٽارين سان استميا جي فاتحن جي تاجپوشي ڪئي ويندي هئي.) سندس خاص نشان آهن.

## پوزيڊون ديوتا جا عشق، شاديءَ ۽ اولاد

* ناڪسوس ٻيٽ وٽ پوزيڊون ديوتا هڪ سامونڊي جل پري 'ائمفيٽرائيٽ' کي ناچ ڪندي ڏٺو ۽ منس عاشق ٿي پيو. ائمفيٽرائيٽ کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن ڀڄي وڃي اٽلس ديوتا وٽ پناهہ ورتي، پوزيڊون

ديوتا سمنڊ جي مخلوق کي سندس ڳولا جو حڪم ڏنو. آخرڪار ڊيلفن نالي هڪ مڇيءَ وڃي ائمفيٽرائيٽ کي سمجهايو ۽ ڪيس پوزيڊون سان شادي ڪرڻ تي آماده ڪيو. ائمفيٽرائيٽ کي هن ديوتا مان ٽي ٻار ”ٽرائيٽن“، ”رهوڊ“ ۽ ”بينٿي سيڪائيم“ پيدا ٿيا.

* پوزيڊون ديوتا جو ياءُ هئڊيز پنهنجي ڀيڻ ڊميٽر جي ڌيءَ ’پرسي فون‘ کي ڀڄائي پاتار کڻي ويو. ڊميٽر ديوي پنهنجي ڌيءَ جي ڳولا ۾ اولمپس ڇڏي هن ڌرتيءَ تي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ لڳي. جڏهن هوءَ آرڪاڊيا وٽان اچي لنگهي ته واٽ تي ياٽس پوزيڊون ديوتا ڪيس ڏسي ورتو ۽ ساڻس زوري ڪرڻ جو خيال ڪيو. اهو ڏسي ڊميٽر ديوي پنهنجي صورت مٽائي گهوڙيءَ جي شڪل اختيار ڪئي، پر پوزيڊون ديوتا وري پاڻ کي نر گهوڙي جي شڪل ۾ آندو ۽ ان حالت ۾ ساڻس ميلاپ ڪيو. جنهن مان ’ڊميٽر ديويءَ‘ کي ”آريون“ نالي هڪ آسماني گهوڙو ۽ ”ڊيسپوئينا“ ديوي پيدا ٿيا.

* ميڊوسا نالي هڪ حسين ڪنواري دوشيزه اٿينا ديويءَ جي پوڄارڻ هئي، پوزيڊون ان کي اٿينا جي مندر ۾ ڏٺو ۽ مٿس عاشق ٿي پيو ۽ انهيءَ مندر ۾ ساڻس ميلاپ ڪيو، جنهن مان ”ڪرائيسار“ ۽ مشهور اڏامندڙ گهوڙو ”پيگاسس“ پيدا ٿيا. اٿينا ڪنواري ديوي هئي، پاڻ سان ڪنواريون دوشيزائون گڏ رکندي هئي. جڏهن ميڊوسا جو ڪنوارپڻو ختم ٿيو ته اٿينا ڏمرجي سندس شڪل اهڙي ته ڀوائتي بنائي ڇڏي جو جيڪو به ميڊوسا ڏانهن ڏسندو هو ته پٿر بڻجي ويندو هو.

* آرگوس جي شهر جو اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هن ديوتا هيرا ديويءَ سان مقابلو ڪيو. ان ۾ هيرا ديويءَ کٽيو. تنهن تي هن ديوتا ڪاوڙجي ندين جا پيٽ سڪائي ڇڏيا. لبيا جي بادشاهه دانائس پنهنجي 50 ڌيئن کي پاڻيءَ جي ڳولا ۾ روانو ڪيو. ’اميموني‘ به انهن منجهان هئي. پاڻيءَ جي ڳولا ڪندي واٽ تي ان شهزادي هڪ سئٽائر (اڌ گهوڙو اڌ انسان) کي، ڀُل وچان تير سان ڦٽي وڌو. ان تي سئٽائر ڪاوڙ ۾ اچي ڪيس جهليو ۽ ساڻس زوري ڪرڻ تي هو ته پوزيڊون ديوتا اوچتو مٿان اچي نڪتو. هن ديوتا ان شهزاديءَ کي سئٽائر ديو کان بچايو، پر پاڻ به مٿس هرکي پيو ۽ اتي جو اتي ساڻس ميلاپ ڪيائين، جنهن مان ”نائو پليس“ نالي مشهور ملاح پيدا ٿيو. هن ديوتا اميمونيءَ کان خوش ٿي ڪيس لونا وٽ پاڻيءَ جو هڪ چشمو ڳولي ڏنو.

* هن ديوتا پنهنجي ڏاڏيءَ کي ٻہ نہ ڇڏيو. ان مان ٻہ ڪيس "انٽائيس" نالي ديو پيدا ٿيو.

* ٿيسيلي ۾ ڊوشن ملڪ جي بادشاهہ ٽريوپس جي ڌيءَ افيميڊيا جي شادي الوئس سان ٿي هئي، پر هوءَ پوزيڊون تي عاشق ٿي پئي ۽ سدائين سامونڊي ڪناري تي سمنڊ ۾ پير وجهيو ويٺي هوندي هئي. نيٺ پوزيڊون ديوتا ساڻس اتي وچي ميلاپ ڪيو. جنهن مان "اوٽس" ۽ "ايفيالٽيس" ٻہ ديو پيدا ٿيا.

* ايليسوسس جي بادشاهہ سرڪيون جي ڪنواري ڌيءَ 'ايلوپي' تي هي ديوتا عاشق ٿي پيو ۽ ساڻس ڳجهہ ڳوهہ ۾ ملندو رهيو. ان مان شهزاديءَ کي پيٽ ٿي پيو ۽ "هپوٿائوس" نالي پٽ ڄڻيائين. جنهن کي ريڍارن گهوڙين جي کير تي پالي وڏو ڪيو ۽ اڳتي هلي هو ايليوسس جو بادشاهہ ٿيو. سرڪيون بادشاهہ جي غضب کان بچائڻ لاءِ پوزيڊون ديوتا، ايلوپيءَ کي هڪ پاڻيءَ جي چشمي ۾ بدلائي ڇڏيو.

* پوزيڊون ديوتا 'ٿوسا' نالي هڪ جل پريءَ سان بہ تعلق رکيو هو، جنهن مان "پوليمس" نالي هڪ سائيڪلوپ (هڪ اک وارو ديو) پيدا ٿيو.

* ٻتينا ۾ بيبريڪس جي شهر جو بادشاهہ "اميڪس" بہ هن ديوتا جو پٽ هو. جيڪو هر آيل ماڻهوءَ سان زوري ٺونشيبازي (باڪسنگ) ڪندو هو ۽ هارائيندڙ کي ڀوڙي ماريندو هو. اميڪس کي اگروناٽ پوليڊيوس باڪسنگ ۾ ماري ڇڏيو.

* ايلس جي بادشاهہ جي ڌيءَ 'ٽائرو' جي ماءُ مري وئي ۽ هوءَ ننڍڙڪي ئي پئي ۽ سندس ماتيجي ماءُ سائيڊيرو، مٿس ڏاڍو ظلم ڪيو. ٽائرو، سائيڊيرو کان پاسو ڪري پر واريءَ نديءَ جي ڪناري تي اچي گهمندي هئي، جتي، اتي جو دريائي ديوتا اينيپيئس مٿس عاشق ٿي پيو. هڪ لڳا پوزيڊون ديوتا درياهہ جي ڪناري تي ڪيس ڏسي دل هاري ويٺو ۽ پاڻ اينيپيئس جي شڪل اختيار ڪري ٽائرو کي درياهہ ۾ وٺي ويو ۽ پاڻيءَ ۾ ساڻس ميلاپ ڪيائين. جنهن مان "پيلياس" ۽ "نيلس" ٻہ جاڙا پٽ پيدا ٿيا. ٽائرو پوءِ وري پنهنجي چاچي ڪريٿيس، آيولڪس جي بادشاهہ سان شادي

ڪئي. ان مان ٻه ڪيس ني پٽ ٿيا جن مان هڪڙو ايسن هو، جو مشهور آرگوناٽ "جئسن" جو پيءُ هو. ڪريٿيس جي مرڻ ڪان پوءِ پيلياس ايسن جو حق دٻائي پاڻ آيولڪس جو بادشاهه بنجي ويو هو.

* ٿيسيلي جو بادشاهه ايلاتس جي سهڻي ڌيءُ 'ڪائينس'، جنهن سڄي ڄمار ڪنواري رهڻ جو عهد ڪيو هو، تنهن کي پوزيڊون ديوتا سامونڊي ڪناري تي ڏسي ورتو ۽ ان تي ڇتو ٿي پيو. پوزيڊون ديوتا ڪائينس کي ڏسڻ شرط ساڻس ميلاپ ڪيو ۽ خوشيءَ وچان هن کي چيائين ته "گهُر جيڪي گهرڻو اٿئي؟" ۽ شهزاديءَ جي مرضيءَ تي ڪيس مرد بنائي ڇڏيائين.

* هن ديوتا پنهنجي هڪ سريت 'ميسترا' کان خوش ٿي ڪيس پنهنجي مرضيءَ موجب شڪل مٽائڻ جي ڏات بخشي.

* جل پرين ۽ ديوين کان سواءِ هن ديوتا جو تعلق ڪيترين ئي عورتن سان به هو. جن مان مصر جي بادشاهه ايپافوس جي ڌيءُ 'لبيا' (جنهن تان لبيا ملڪ جو نالو پيو) مشهور آهي. پوزيڊون جي ميلاپ مان لبييا کي ٻه جاڙا پٽ "پيلس" ۽ "ايجينار" ۽ ٽيون پٽ "ليليڪس" پيدا ٿيا. ايپافوس جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته هو زوس ديوتا جو آئي او ديوي منجهان پٽ هو.

* هن ديوتا لبيا کان سواءِ سندس ڀيڻ 'لائيسياناسا' سان به جنسي تعلق قائم ڪيو. جنهن مان ڪيس هڪ پٽ بيوسيريس ڄائو، جيڪو پنهنجي نالي، ايپافس جي مرڻ کان پوءِ مصر جو بادشاهه ٿيو. جنهن ڏڪارين ڏينهن ۾ ميٺهن پوڻ لاءِ، هيءَ رسم جاري ڪئي هئي ته جيڪي به غير ملڪي ماڻهو ملڪ ۾ هوندا هئا، انهن کي زوس ديوتا جي نالي ۾ کهي قربان ڪندو هو. مصر ۾ انسان جي قربانيءَ جي اها رسم حضرت عمر رضه جي ڏينهن ۾ بند ڪرائي وئي.

* اٿينس جي عظيم هيرو ٿيسيئس لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو به پوزيڊون ديوتا جو پٽ هو.

* پوزيڊون ديوتا هڪ ڇوڪر سان به عشق ڪيو. اهو ڇوڪر لڊيا جي ظالم بادشاهه ٽانٽالس جو پٽ 'پيلوپس' هو. پوزيڊون ديوتا، پيلوپس کي اولمپس ۾ وٺي ويو. جڏهن ٽانٽالس جو ظالمانه دور ختم ٿيو، تڏهن هن ديوتا پيلوپس کي سهڻن پرن سان اڏامندڙ گهوڙن جو هڪ ڌڻ ڏئي، وڏي مانَ شانَ سان موٽائي سندس ملڪ لڊيا موڪليو.

## پوزيڊون ديوتا جا انتقام

* مشهور يوناني هيرو اوڊيسيس پنهنجي سفر تان موٽندي جڏهن سسليءَ جي هڪ غار ۾ پناهه ورتي چاهي ته اتي پوزيڊون جي پٽ پولي فيمس (هڪ اک واري ديو) کيس غار ۾ بند ڪري ڇڏيو. اوڊيسيس اٽڪل سان کيس شراب پياري باهه جي آماڙ سان سندس اک انڌي ڪري آتي پڳو ۽ پويان پولي فيمس مري ويو. اها خبر جڏهن پوزيڊون ديوتا کي پئي، تڏهن هن اوڊيسيس کي سخت سزا ڏني. هن ديوتا فائيشيا جي ماڻهن کي به سزائون ڏنيون، جن اوڊي سيس جي مدد ڪئي هئي.

* پوزيڊون، اپالو ديوتا سان گڏجي ٽراءِ جي قلعي جون ڀتيون وڏيون هيون، پر وعدي موجب اتي جي بادشاهه لائوميڊان هنن کي اجوري جي پوليل رقم نه ڏني. ان تان ڪاوڙجي هن ديوتا هڪ ساموندي بلا ٽراءِ ڏانهن بيجي هئي، جنهن اتي وڏو هراس ڦهلايو ۽ شهزادي هسيوني ذري گهٽ ان بلا جو بک ٿيڻ تي هئي، پر ڪن سببن ڪري پوزيڊون ديوتا ٽراءِ وارن جو اهو ڏوهه درگذر ڪيو. ٽروجن جنگ ۾ به هن ديوتا انهيءَ سبب ٽراءِ جي خلاف يونانين جي مدد ڪئي.

* لوڪرينش جي بادشاهه آئيلس جي پٽ اياس، اٿينا ديويءَ جي مندر ۾ ٽراءِ جي بادشاهه پريام جي ڌيءَ ڪئسينڊرا سان زوري زنا ڪئي، ان تان اٿينا ديويءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، ان جي چوڻ تي پوزيڊون ديوتا اياس کي ماري ڇڏيو.

* ڪريٽ جي بادشاهه مينوس، هن ديوتا کان سندس نالي ۾ قربان ڪرڻ لاءِ، هڪ سهڻو ساموندي سان (ڍڳو) ورتو ۽ لالچ ۾ ان کي قربان نه ڪيو. پر پاڻ وٽ رکيائين. انهيءَ تان ڪاوڙجي پوزيڊون ديوتا، مينوس بادشاهه جي راڻي پاسيفاءِ جي دل ۾ ان ڍڳي سان ميلاپ ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪئي. راڻيءَ ان مقصد سان مشهرو يوناني ڪاريگر وادي ڊائيڊالس هٿان ڪاٺ جي هڪ اهڙي ڳئون ٺهرائي جا هوبهو اصل جهڙي هئي ۽ ان ڳئون جي اندر ويهي راڻيءَ ان ڍڳي کي جنسي ميلاپ لاءِ آماده ڪيو. ڍڳي سان ميلاپ جي نتيجي ۾ راڻيءَ کي مينوٽور نالي هڪ پٽ ڄائو. جنهن جو مٿيون ڌڙ ڍڳي جهڙو ۽ هيٺيون ڌڙ ماڻهو جو هو.

* پوزيڊون ديوتا هن ڌرتيءَ جي ڪيترن علائقن تي پنهنجي تسلط

جون دعوائون ڪيون. خاص ڪري ائينس ۽ ٽروئيزان جي شهرن تان سندس مقابلو ائينا ديويءَ سان ٿيو ۽ آرگوس جي شهر تان سندس هيرا ديويءَ سان تڪرار ٿيو. ائينس ۾ هن ديوتا، پنهنجي ٽن منهن واري برڇي هڻي هڪ چشمو پيدا ڪيو، پر ان جو پاڻي کارو نڪتو. سندس مقابلي ۾ ائينا ديويءَ هڪ زيتون جو وڻ اتي جو اتي پيدا ڪيو. ظاهر آهي ته ائينس جي ماڻهن کي کاري پاڻيءَ بدران زيتون وڌيڪ وڻيو هوندو. سو اهڙيءَ طرح ائينس تي ائينا ديويءَ جو نالو پيو ۽ هن ديوتا ان تان هٿ ڪنيو.

* آرگوس جي شهر تان سندس ٽڪر هيرا ديويءَ سان ٿيو. ان مقابلي ۾ آرگوس جي آسپاس جي سمورن دريائي ديوتائن هيرا ديويءَ جو ساٿ ڏنو، ان ڪري پوزيڊون ديوتا ڪاوڙ ۾ اچي آرگوس وٽ سموري زمين کي سامونڊي کاري پاڻيءَ سان ٻيري ڇڏيو ۽ دريائن جا پيٽ سڪائي ڇڏيا. لبيا جي شهزادي اميموني هن ديوتا کي اتي ملي هئي.

* ڪارنٿ جي ملڪ تان وري سندس تڪرار هيليوس (سورج) ديوتا سان ٿي پيو، پر ان ۾ پوزيڊون ديوتا سوڀارو ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح ڪارنٿ جو سامونڊي ڪنارو سندس تسلط هيٺ آيو.

* پوزيڊون ديوتا انتقامي جذبي سان گڏ هڪ مهربان ۽ فياض دل جو مالڪ هو. هن پنهنجي سريتن ۽ محبوبائن تي مهربانيون ڪرڻ کان سواءِ ڪيترن ماڻهن توڙي ديوتائن سان به مهربانيون ۽ مددون ڪيون.

* ٿيسيلي جو ملڪ جيڪو اڳي پاڻيءَ جي هڪ وڏي ڍنڍ هئي، اتي هن ديوتا هڪ زلزلو آڻي، پاڻي ختم ڪري، هڪ نئون ملڪ بڻايو.

* هن انو ديويءَ کي سندس پٽ سميت ٻڏڻ کان بچايو.

* ملاحن کي سامونڊي طوفانن کان بچائڻ لاءِ هن ديوتا ڪئسٽر ۽ پولي ڊيوسز کي ملاحن جو محافظ بنائي، انهن کي طوفانن روڪڻ ۽ سمنڊ کي مانو ڪرڻ جي ذات ڏني.

* زلزلن اچڻ وقت ماڻهو هن ديوتا کان مدد لاءِ دعا گهرندا هئا. کيس امفاليوز (ٻرندڙ جبلن جي لاوي ۾ ترڪڻ ۽ گجڻ کان بچائيندڙ) جي لقب سان سڏيو ويندو هو.

* هن ديوتا ميسينا جي بادشاهه جي پٽ آئڊا کي مارپيسا ماڻڻ ۾ مدد ڪئي. مارپيسا جي پيءَ ايونش گهوڙي گاڏين جي ڊوڙ جو مقابلو ڪرايو ۽

اهو اعلان ڪيو هو تہ جيڪو بہ اها ڊوڙ کٽندو ان کي مارپيسا جو سڱ ملندو. پوزيڊون ديوتا آئڊس کي سهڻن پرن وارو اڏامندڙ گهوڙن سان گاڏي ڏني، جنهن ۾ هو مارپيسا کي ڀڄائي ويو. اهڙائي گهوڙا هن ٽريس جي بادشاهہ رهيسس کي بہ ڏنا. جن گهوڙن لاءِ پيشن گوئي ڪيل هئي تہ جيڪڏهن انهن ٽراءِ جي ميدانن مان گاهہ پٽو چنو يا اسڪامينڊر نديءَ جو پاڻي پيتو تہ يوناني ڪڏهن بہ ٽرائي فتح نہ ڪري سگهندا. ان ڪري اوڊي سيس ۽ ڊايوميڊس وجهہ وٺي رهيسس کي ماري سندس گهوڙا چورائي ويا.

* انجينا جي شهزادي پيليس کي بہ سندس ٿيٽس ديويءَ سان شاديءَ ۾، پوزيڊون ديوتا اهڙا ئي بہ لافاني ۽ لاثاني گهوڙا ايڪسانٿس ۽ باليئس نالي سوکڙي ڪري ڏنا هئا.

* پوزيڊون ديوتا نہ فقط پنهنجي مرضيءَ موجب کهڙي بہ شڪل اختيار ڪرڻ تي قادر هو، پر هن کي اها بہ طاقت هئي جو ڪنهن کي بہ اهڙي ڏات ڏئي ٿي سگهيو. هن پنهنجي پٽ پيري ڪلائي مينس ۽ پنهنجي سريت ميسترا کي بہ اهڙي ڪرامت ڏني هئي.

* مهاڻن کي مڇيءَ جو ڏس ڏيڻ لاءِ ساموٿريڪي ڪناري تي هن ديوتا هڪ ڊگهو بيهاري ڇڏيو هو. ان ياد ۾ ڪورسائرا بيٽ جا ماڻهو هن ديوتا جي پوڄا ۾ پتل جو هڪ ڊگهو پيش ڪندا هئا.

* ڊيلفي مندر ۾ ٿيل پيشن گوئيءَ موجب، ماڻهو پنهنجي شڪار جو عشر (ڏهون حصو) هن ديوتا جي نالي ۾ ڪيندا هئا.

* هن ديوتا کي استميا ۾ پوڄيو ويندو هو. ان کان سواءِ بوئيشيا ۽ ڊيلفيءَ ۾ بہ سندس عبادت ڪئي ويندي هئي. سندس مجسمن ۾ کيس ڊگهو قداور ۽ ڏاڙهيءَ سان هڪ وزنائتو جوان ڪري ڏيکاريو ويو آهي. روم جا ماڻهو کيس نيپچون سڏيندا آهن.

# هئڊيز (پلوٽو) ديوتا
# Hades (Pluto)

## هئڊيز (ديوتا) جون صفتون

ڪرونس ديوتا ۽ ريئا ديويءَ جو پٽ- زوس ۽ پوزيڊون ديوتائن ۽ هيرا، هيستيا ۽ ڊميٽر ديوين جو ڀاءُ. ڪائنات جي ٽئين حصي جو مالڪ، زير زمين (پاتار) جي دنيا جو ديوتا ۽ مئل دنيا جو بادشاهه.

## نالا ۽ لقب

هئڊيز اکر جي معنيٰ آهي اڻ ڏٺل. هن ديوتا کي ڊس Dis (شاهوڪار)، يوبوليئس (Eubouleus) (سٺو صلاحڪار)، ڪلائي مينوس (Klymenos) (وڏي نالي وارو)، پالي ڊيگمن Polydegmon (مهمان نواز)، پائي لارٽيس (Pyartes) (دربان) ۽ اسٽائي جيروس Stygeros (نفرت انگيز) جي لقبن سان سڏيو ويو آهي. سندس هڪ لقب زوس ڪٽاچٿونيئس Zues Katachthonios (پاتار جو زوس) به آهي.

## مرڻ ڪان پوءِ

مرڻ ڪان پوءِ سيني ساهوارن جا روح زنده سمجهيا ويندا هئا ۽ ڌرتيءَ تي ساهه ڇڏڻ ڪان پوءِ سندن لاش روحاني پاڇا سمجهيا ويندا هئا ۽ مرڻ شرط انهن کي پاتار ۾ اماڻيو ويندو هو. جتي هئڊيز ديوتا جي بادشاهي هئي، اُتي بنا رت جي سندن مجهول ۽ وساٽل جسم هڪ عجيب ميڪانڪي زندگي گذاريندا هئا.

مرڻ ڪان پوءِ سمورن ساهوارن جي پاڇن ۽ روحن کي گڏ ڪري هرمز ديوتا جي نگرانيءَ ۾ دريا جي ٻئي پار ٻيڙيءَ ۾ موڪليو ويندو هو. ان ٻيڙيءَ جو ناکئو جهونو ملاح چارون هوندو هو. جيئن ٻيڙي رواني ٿيندي هئي، تيئن سربي رس نالي هڪ ڪُتي جهڙي بلا انهن مُردن تي بيهي ڪين

واپس نہ موٽڻ لاءِ دڙڪا ڏيندي هئي. جڏهن اها ٻيڙي اسٽائڪس دريا جي ٻئي پار پهچندي هئي تہ سيني مسافر مُردن کي اوبولوس (Obolos) نالي هڪ سڪو ڏيڻو پوندو هو. اهو ياڙو پري وري سمورا مُردا آتشي منصفن مينوس، رهدا، منٿائيس ۽ اياڪس جي اڳيان پيش ٿيندا هئا. انهيءَ پڇاڻي کان پوءِ سيني کي اسفوڊيل (Asphodel) نالي هڪ اونداهي پٽ ۾ ڇڏيو ويندو هو. اسفوڊيل جو ميدان سڄي دنيا کان ڪٽيل هڪ ويران ۽ پڙيانگ ميدان سمجهيو ويندو هو.

پاتار جي بنهہ تر ۾ ٽارٽارس جو هڪ ابدي اونداهي علائقو هو، جتي ڏوهارين کي قيد ۾ رکيو ويندو هو. ٿلهي ليکي پاتار جو تصور هڪ دوزخ جو تصور هو ۽ اهو هڪ اهڙو جهنمي قيد خانو هو، جنهن جو جيلر هئڊيز ديوتا هوندو هو.

## پرسي فون سان زنا

هي ديوتا، زوس ديوتا جي ڊميٽر ديويءَ مان پيدا ٿيل ڌيءَ پُرسي فون تي عاشق ٿي پيو. جيڪا سندس ياڻتي بہ هئي تہ ياڻج بہ هئي. ڇاڪاڻ تہ زوس سندس ننڍو ڀاءُ هو ۽ ڊميٽر سندس ڀيڻ هئي. هن ديوتا، زوس ديوتا جي مدد سان پرسي فون کي زوري ڀڄائي ساڻس ڪارو منهن ڪيو. ڊميٽر ديويءَ گهڻيون ڪوششون ڪيون؛ پر هن ديوتا پرسي فون جي ٻانهن موٽائي نہ ڏني.

جڏهين ڊميٽر ديوي رنج ۽ ڪاوڙ وچان هن ڌرتي تي ڏڪار آندو، تڏهن زوس ديوتا سال جو ڪجهہ حصو پرسي فون کي مڙس وٽ ۽ باقي حصو ماءُ وٽ گذارڻ جو فيصلو ڪري دنيا کي ڏڪار کان بچايو.

پرسي فون کي مُردن جي ملڪ سڏيو ويو آهي. هئڊيز ديوتا جو ديوتائن جي دنيا ۾ ٻيو ڪوبہ اهڙو خاص ڪردار ڪونهي. سندس پوڄا جو ڪو خاص مندر يونان توڙي روم ۾ نہ هو. فقط ايلوسس جي اسرارن ۾ جيڪا مخفي پوڄا ٿيندي هئي، ان ۾ ڊرامي جي صورت ۾ هن ديوتا کي پرسي فون کي زوري زنا ڪرڻ کان پوءِ ڪيس زوري ڀڄائيندي ڏيکاريو ويندو هو.

# هيسٽيا (ويسٽا) ديوي
# Hestia (Vesta)

### صفتون

ڪرونس ديوتا ۽ رهيا ديويءَ جي ڌيءَ، زوس ديوتا جي ڀيڻ، گهرو زندگيءَ جي سرپرست، گهرو آتش دان (چُلهہ) جي ديوي. قرباني جي رسمن جي مهندار، ڪائنات جي چُلهہ جي ديوي. ڪنواري. ٻارنهن اهم اولمپيائي ديوتائن منجهان هڪڙي.

### هيسٽيا جا عاشق

هن ديويءَ کي ڀاءُ پوزيڊون ديوتا ۽ ڀائٽي اپالو ديوتا ساڻس شادي ڪرڻ جي آڇ ڪئي، پر هن ديويءَ سڄي عمر ڪنواري رهڻ جو عهد ڪري پنهنجي جند ڇڏائي.

### عبادت

هيءَ ديوي گهرو چُلهہ جي ديوي هئڻ ڪري هرڪنهن گهر جي سرپرست هئي. هرڪنهن گهر ۾ چُلهہ تي هوندي آهي. هرڪنهن شهر ۾ هڪ گڏيل مچ ٻاريو ويندو هو ۽ هن ديويءَ جا پوڄاري ان مچ جي باهہ ڪڏهن بہ اُجهامڻ نہ ڏيندا هئا. هرڪنهن نئين ڇاول ٻار کي سندس ڪٽنب جو ڀاتي بنائڻ لاءِ ڦيريائين اَن مچ تي آندو ويندو هو. ماني ڪائڻ کان اڳ ۾ هن ديويءَ جي نالي نذرانو ڪڍيو ويندو هو. سندس پوڄارڻيون هميشه ڪنواريون رهنديون هيون. روم ۾ هن ديويءَ جي مچ جي باهہ جي سنڀال لاءِ ڇهہ ڪنواريون پوڄارڻيون هونديون هيون، جن کي ويسٽال ڪنواريون چيو ويندو هو. جيتوڻيڪ هيسٽيا کي ڏندڪٿائن ۾ ڪا خاص اهميت ڪانهي، پر تڏهن بہ سندس عبادت سموري يونان ۽ روم ۾ ڦهليل هئي. هرڪنهن فرقي ۾ هن ديويءَ جي عبادت لاءِ هڪ گڏيل مچ ضرور هوندو هو، جنهن ۾ سدائين پئي باهہ ٻرندي هئي.

# هيرا (جونا) ديوي
# Hera (Juno)

## هيرا ديويءَ جون صفتون

ڪرونس ديوتا ۽ هيرا ديويءَ جي ڌيءَ، زوس، پوزيڊون ۽ هيڊيز ديوتائن جي ڀيڻ، زوس ديوتا جي زال، آسمان جي ديوتائن جي راڻي ليزبين (Lesbean) (هم- جنس پرست) عورتن جي ميلي جي اڳواڻ، هڪ حاسد ۽ وير وٺندڙ عورت، گلن جي راڻي، ڇٽل (ويم ڪيل) نالن جي محافظ، شادي ۽ گهرو زندگيءَ جي ديوي.

## هيرا ديويءَ جا نالا

هيرا جو نالو لاطيني اکر هيروس (سورمي) مان نڪتل آهي، جنهن جو مذڪر هيرو (سورمو) آهي.

* هيرا ديويءَ کي ايليٿائيا Eileithyia (ٻارن جي ڄمر جي ديوي) سڏيو ويو آهي.

* عورتن جي زندگيءَ جي مختلف مرحلن جي نسبت سان، هيرا ديويءَ کي سلسليوار الڳ الڳ نالن سان منسوب ڪيو ويو آهي جهڙوڪ:

پارٿينوس Parthenos (ڪنواري)، ٽيليئا Teleia (جوءِ- زال) ۽ چيرا Chera (رن زال يا طلاقيل). انهيءَ لاءِ هينئن چيو ويو آهي تہ هيرا ديوي هر سال ڪئناٿس جي هڪ خاص چشمي ۾ وهنجڻ سان نيئن سر ڪنوار ٿي ويندي هئي. هيرا ديويءَ کي هيرا لاسينا بہ سڏيو ويو آهي جو ڪروتون لاسينا ۾ سندس عبادت جو هڪ وڏو مندر هوندو هو.

* ڳئون هن ديويءَ لاءِ هڪ مقدس جانور هو. ان ڪري هيرا ديويءَ کي ڳئون جي مهانڊي واري Cow-Faced يا وڏين اکين واري Large-Eyed جي نالن سان بہ سڏيو ويو آهي. هيرا ديويءَ جي نالي ۾ ڳئن جي قرباني بہ عام هئي. هن ديوي جي ڏينهن تي وڏي تعداد ۾ ڍڳي ڳاڏين جو جلوس ڪڍيو

ويندو هو. ان ڏس ۾ ڪيس ڍڳن جوٽڻ جي پانچارين جي ديوي Lady of the yoke بہ ڪوٺيو ويو آهي.

* ڳئون کان سواءِ پکين ۾ ڪوئل ۽ مور بہ سندس پاڪ جانور ليکيا ويا آهن. ڏاڙهون ۽ صوف هن ديوي لاءِ مقدس ميوا آهن.

هيرا ديويءَ لاءِ چيو ويو آهي تہ هوءَ ساموس شهر ۾ ڄائي هئي. هوءَ جڏهين پيءُ جي پيٽ مان نڪتي، تڏهن ڪيس ٽائيٽن گهراڻي جي اوشيانس ديوتا ۽ ٽي ٿائس ديويءَ پالي نپائي وڏو ڪيو. هيرا ديوي جي جنم، نيپاج ۽ زوس ديوتا سان سندس شادي جي باري ۾ ڪيتريون ئي هڪ ٻئي جي اُبتڙ روايتون آهن.

## هيرا ديويءَ جي شادي

* هيرا ديوي آرگوس جي پرسان جهنگ ۾ پئي گهمندي هئي. هڪ دفعي زوس ديوتا ڪيس اُتي ڏسي ورتو ۽ مٿس عاشق ٿي پيو. زوس ديوتا پنهنجي ڪرامت سان هترادو مينهن واچ پيدا ڪئي ۽ پنهنجي شڪل مٽائي ڪوئل پکي بنجي، پاڻ کي ڪٽي هيرا ديويءَ جي ڪپڙن ۾ اُچلايو. ان کان پوءِ زوس ديوتا پنهنجي اصلي صورت ۾ نڪري ظاهر ٿيو ۽ ڪٽي هيرا ديوي کي ڀاڪرن ۾ جهليائين. پوءِ زوس ديوتا هيرا ديوي سان شادي ڪرڻ جو وچن ڪيو.

* هڪ ٻي روايت ۾ چيو ويو آهي تہ سندن پهرين ملاقات يوبوئيا جي ملڪ ۾ ٿي هئي ۽ زوس ديوتا هيرا ديويءَ کي اتان ڀڄائي سائيٿيران جبل جي هڪ غار ۾ وٺي ويو. پٺيان هيراديوي جي سنڀال ڪندڙ ٻانهي ماڪرس بہ سندن پيرو ڪٽي اچي ان غار وٽ منهن ڪڍيو. پر سائيٿيران جبل وٽان هڪ آواز ۾ ڪيس اڳتي وڌڻ کان منع ڪئي وئي. ڪيس اهو ٻڌايو ويو تہ زوس ديوتا غار ۾ ليٽو ديويءَ سان گڏ ستل آهي، پر ائين نہ هو. اندر ليٽو ديويءَ نہ، پر هيرا ديوي زوس سان گڏ ستل هئي.

اهڙيءَ طرح هيرا ديويءَ جي شادي زوس ديوتا سان ٿي. هيرا ديويءَ کي زوس ديوتا سان شادي جي موقعي تي سندن ڏاڏيءَ گائيا ديوي سونا صوف ڏاج ۾ ڏنا.

## هيرا ديويءَ جو اولاد

هيرا ديويءَ کي زوس ديوتا مان ٽي ٻار پيدا ٿيا، جن مان هڪ پٽ

’ايريز‘ (جنگ جو ديوتا) ۽ ڏيون ’الي ٿائيا‘ (ٻارن جي ڄم جي ديوي) ۽ ’هبي‘ (جوڀن جي ديوي) هيون. انهن کان سواءِ هيرا ديويءَ پنهنجي مڙس جي مدد کان سواءِ هڪ پٽ ”هيفائسٽس“ نالي ڄڻيو.

## هيرا ديويءَ جا سندس پھاڄين کان انتقام

شاديءَ کان پوءِ زوس ديوتا هيرا ديويءَ سان وفادار نہ رهيو ۽ سندس عشق ۽ هوس جون ڪارروايون اڳي کان بہ اڳريون ٿيڻ لڳيون. هن ڪيترين ئي ديوين، جل پرين ۽ عورتن سان جنسي تعلقات قائم ڪيا. جنهن تان هيرا ديويءَ ۽ سندس اولاد جو بہ زوس ديوتا سان تڪرار ۽ جهيڙو متل هوندو هو. هيرا ديويءَ کي جڏهن بہ زوس ديوتا جي ڪنهن نئين ڪار گذاريءَ جي خبر پوندي هئي تہ هوءَ ترت زوس جي سريتن کي سيڪتون ڏيندي هئي. ايتري قدر جو انهن جي اولاد کي بہ سندس وير ۽ وروڌ جو نشانو ٿيڻو پوندو هو. هن ’سيميلي‘، ’الڪمينيءَ‘ ۽ ’ڪارسٽو‘ نالي پنهنجي پھاڄن سان وڏا وئل ڪيا.

* هيرا ديويءَ کي جڏهن خبر پئي تہ سندس مڙس هڪ پوڄارڻ ڈوشيزه ’آئي او‘ تي عاشق ٿي پيو آهي تہ هن آءِ او کي هڪ اڇي ”وَهُڙي“ (ڳئون) بنائي ڇڏيو ۽ وري ان تي وڏين مکين (ڀڳهين) جا ڪٽڪ چاڙهيائين، جن پنهنجي ڏنگ سان آئي او کي هڪ هنڌ بيهڻ نٿي ڏنو. هيرا ان ڳئون تي پهرو ڏيڻ لاءِ، آرگس نالي هڪ سئو اکين واري بلا، پهري تي بيهاري ڇڏي. جڏهن زوس ديوتا آئي او کي هڪ ڳئون (وَهِڙيءَ) جي صورت ۾ سڃاڻي وڃي هٿ ڪيو، تڏهن هن پنهنجي پٽ هرمس ديوتا کي ڀڄيو. جنهن سُرندن سازن ۽ گيتن سان آڪاٽيون ٻڌائي، ان سئو اکين واري بلا کي سمهاري ڇڏيو ۽ پوءِ ستل حالت ۾ ان کي ماري سندس اکيون ڪڍي ڇڏيائين. اهڙي طرح آئي او هيرا جي قيد مان آزاد ٿي، زوس جي حوالي ٿي. آرگس جون اهي هڪ سئو اکيون چوندي هيرا ديويءَ پنهنجي پياري مور پکيءَ جي پرن ۾ لڳايون. چيو وڃي ٿو تہ آرگس جون اهي اکيون اڄ بہ مور جي پرن ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.

زوس ديوتا جيڪا بہ سريت رکندو هو ان کي هيرا ديوي نہ ڇڏيندي هئي، چاهي ان جو ڪوبہ ڏوهہ نہ هجي يا ان ڏوهہ ۾ هوءَ بي وس ڇو نہ هجي. پر هيرا ديوي ان کي سخت سزا ڏيندي هئي.

* زوس ديوتا جي هڪ سريت ليٽو ديويءَ کي جڏهن زوس مان پيٽ ٿي پيو تہ هيرا ديويءَ اُن کي هن ڌرتيءَ تي وير ڪرڻ نہ پئي ڏنو ۽ سندس

سڀ واهون بند ڪري ڇڏيائين. آخر زوس ديوتا جي چوڻ تي سندس ڀاءُ پوزيڊون ديوتا ليتو ديويءَ جي ويم ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ٻيٽ ڊيلوس تخليق ڪيو.

* زوس ديوتا جون بيشمار سريتون هيون. سيني سان هيرا ديوي ساڙ رکندي هئي. زوس ديوتا جي فقط هڪڙي سريت هرمز ديوتا جي ماءُ مايائي هئي جنهن سان هيرا ديويءَ ڪوبه وير وروڌ نه رکيو.

## ڙال مڙس جا تعلقات

زوس ديوتا جون ڪيترين ئي ديوين، جل پريون ۽ عورتون سريتون هيون؛ پر سندس زال جو درجو فقط هيرا ديويءَ کي حاصل هو. هيرا ديوي زوس ديوتا جي پَٽَ راڻي هئي. پنهنجي پهاچن لاءِ سندس حسد ۽ ساڙ انتها درجي تي هو. هيرا ديويءَ جي انتقامي ڪارروواين ۾ ڪڏهن ڪڏهن زوس ديوتا به دست اندازي ڪندو هو. هو پنهنجي سريتن يا انهن جي اولاد کي بچائڻ لاءِ وچ ۾ ٽپي پوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو هيرا ديويءَ کي سخت سزائون به ڏيندو هو. جڏهن هيرا ديويءَ زوس جي پٽ هرڪيولس کي ساڙ وچان سمنڊ ۾ ٻوڙڻ ٿي چاهيو ۽ ان مقصد لاءِ وڏو طوفان برپا ڪيائين ته زوس ديوتا اها ڳالهه سهي نه سگهيو ۽ هيرا ديويءَ کي سمورن آسماني عهدن ۽ اختيارن کان خارج ڪري ڇڏيائين. ان کان پوءِ هيرا ديويءَ جي پيرن ۾ سنداڻ وجهي ڪيس چوڪنيو ٻڌي اولمپس جبل جي اتاهين چوٽيءَ تي لڙڪائي ڇڏيائين.

* ٽراءِ جو شهزادو "پئرس" جنهن "مقابلہ حسن" ۾ 'هيرا ديوي' کي رد ڪري، "افروڊائيٽ" کي ڪائنات جي حسين ترين ديوي قرار ڏنو. جيتوڻيڪ هيرا ديويءَ پئرس کي هن ڌرتيءَ جي بادشاهي ڏيڻ جي آڇ ڪئي، ان جي باوجود پئرس افروڊائيٽ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. ان تان ڪاوڙجي هيرا ديويءَ مشهور تروجن جنگ ۾ ٽراءِ وارن جي خلاف يونانين جي مدد ڪئي. پوزيڊون ديوتا به ان ڏس ۾ ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿيو، جو ان کي به ٽراءِ وارن تي خار هئا. زوس جو ڌيان جنگ تان هٽائڻ لاءِ هيرا ديويءَ، افروڊائيٽ ديويءَ کان سندس چيلهه پٽو مڱي ورتو، جنهن ۾ اها ڪرامت رکيل هئي ته جنهن به عورت کي اهو پاتل هوندو ته هوءَ جنهن کي به چاهيندي ته پنهنجو ڪري سگهندي.

هوءَ زوس ديوتا کي سوني ڪکر ۾ وٺي وئي، اتي هو ٻئي عيش عشرت ۾ لڳي ويا.

اهڙيءَ طرح هيرا ديوي اهو طلسمي ڪمر بند پائي، زوس ديوتا کي پنهنجي موهه ۾ اهڙو موهت ڪري ڇڏيو جو جنگي صورتحال جو زوس ديوتا کي ڪوبه سماءُ نه رهيو. حالانڪه زوس ديوتا جو دلي لاڙو ٽراءِ وارن ڏانهن هو. اٿينا جي چڪر ڪري پوزيڊون ديوتا کي به وجهه ملي ويو. جنهن جنگ ۾ يونانين جو پاسو ڳرو ڪري ڇڏيو.

* هيرا جو امتحان وٺڻ لاءِ زوس ديوتا هڪ ديو پروفائيرون جي دل ۾ هيرا ديويءَ سان ميلاپ ڪرڻ جو خيال پيدا ڪيو. جڏهين اهو ديو هيرا ديويءَ سان ميلاپ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪاميابيءَ جي قريب ٿيڻ تي هو ته زوس ديوتا ان کي پنهنجي وڄ ۽ گوڙ جي لٺ سان ماري ڇڏيو. ايفيالٽس نالي ديو به هيرا جي لڄ لٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ان کي آرٽيمس ديويءَ ماري ڇڏيو.

* هيرا ديويءَ زوس ديوتا جي عشق جو هڪ نئون قصو ٻڌو. ان ڳالهه تان ڪاوڙجي هيرا ديويءَ زوس ديوتا کي ڇڏي ڏنو. حالانڪه، ان قصي ۾ ڪابه حقيقت نه هئي. قصو هيئن ٿيو ته هڪ بادشاهه سائيٽائيرون جي صلاح سان زوس ديوتا، ڪاٺ جي هڪ عورت ٺهرائي ۽ ان مٿان برقعو چاڙهي، ان کي هڪ گاڏي ۾ رکيو ۽ اهو مشهو ڪرايو ته هيءَ زوس ديوتا جي نئين ڪنوار سائيٽائيرون بادشاهه جي ڌيءَ پلاٽائيا آهي. اهو ٻڌي ڪاوڙ مان هيرا ديوي اُتي پهتي ۽ ان ڪاٺ جي بوتي کي پنهنجي پهاج سمجهي، هٿي ڏاهي رکيائين. پر پوءِ جڏهين ڏٺائين ته ڳالهه ۾ ڪجهه به ڪونه هو ته، ڏاڍي ڦڪي ٿي ۽ ٻئي زال مڙس کلي کلي کيرا ٿي پيا ۽ پوءِ پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ تي ويا.

* حق شرع ڪندي زال مڙس مان وڌيڪ مزو ڪنهن کي ٿو ملي؟ ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ زوس ۽ هيرا جو هڪ ٻئي سان تڪرار ٿي پيو. زوس چوي ته زالن کي وڌيڪ مزو ٿو اچي. هيرا چوي ته نه مردن کي وڌيڪ مزو ٿو اچي. اهڙيءَ طرح ٻئي ٽائيريسياس نالي هڪ شخص وٽ ويا، جو ڪنهن بد دعا سبب مرد مان ڦري، سڄا ست سال عورت ٿي رهيو هو. ان ڪري هن کي زال ۽ مڙس ٻنهي جي ڪيفيتن جي سڌ هئي. ٽائيريسياس ٻنهي زال مڙسن کي اهو ٻڌايو ته ميلاپ ۾ عورت کي مرد جي مقابلي ۾ نوَ (٩) دفعا وڌيڪ مزو ايندو آهي. ٽائيريسياس هيرا ديويءَ جي ڳالهه ڪسي ڪئي، ان تان ڪاوڙجي هيرا ديويءَ ان کي انڌو ڪري ڇڏيو. زوس ديوتا

پنهنجي زال جو فيصلو نہ بدلايو باقي ٽائيريسياس تي اها مهرباني ڪيائين جو ڪيس وڏي عمر سان گڏ، پيشنگوئي ڪرڻ جي ڏات بہ بخشي ڇڏيائين.

* سموري آڳاٽي يوناني دنيا جون عورتون هيرا ديويءَ جي عبادت ڪنديون هيون.

* رومي، هيرا ديوي کي الي ٽائيا ليوسينا سڏيندا هئا ۽ پوءِ هن کي جونو ليوسينا سڏڻ لڳا.

* استائيم فالس (آرڪاڊيا) ۾ هيرا ديويءَ کي عورتپڻي جي جدا جدا روپن جي نمائنده حيثيت ۾ 'ڪنواري ڇوڪري'، 'زال' ۽ 'رَن- زال' جي نالن سان پوڄيو ويندو هو.

عام روايتي شاديون هن ديويءَ جي مخصوص مهيني گاميليون (مئي) ۾ ٿينديون هيون. ڪنوارين کي ڏاڙهون ڏنا ويندا هئا، جيڪي هن ديوي لاءِ پاڪ ميوا سمجهيا ٿي ويا. ڪاٺ مان ٺهيل گهوٽ ڪنوار جي مورت زوس ۽ هيرا ديويءَ جي شاديءَ جي يادگار طور رکي ويندي هئي.

آڳاٽي يوناني دنيا ۾ زالن کان سواءِ بادشاهہ ۽ امير بہ هن ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا. چاڪاڻ تہ هيرا ديوي ڪيترين جنگين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ ڪيترن ئي يوناني سورمن جهڙوڪ جئسن وغيره جي گهڻي مدد ڪئي هئي.

ڪيتيءَ ۾ جيڪي ڏڳا هر ۾ جوٽيا ويندا هئا، انهن ۾ ڀوريون ڏڳو هن ديويءَ جي نالي مخصوص ڪيو ويندو هو. هن ديويءَ جي نالي ۾ جيڪي ميلا لڳندا هئا، انهن ۾ ڏڳي گاڏين جا جلوس بہ ڪڍيا ويندا هئا.

هيرا ديويءَ جي تصويرن ۾ ڪيس وٽندڙ مهانڊي سان، شاهي تاج پاتل يا گلن جي تاج سان گڏ، هٿ ۾ شاهي لٺ سميت ڏيکاريو ويو آهي.

آرگوس هن ديويءَ جو مقدس شهر هو جنهن تان سندس مقابلو سندس ڀاءُ پوزيڊون ديوتا سان ٿيو هو، پر سمورن پر وارن دريائي ديوتائن هن ديويءَ جو ساٿ ڏئي، ڪيس ڪامياب ڪرايو.

# اٿينا (منروا) ديوي
# Athena (Minerva)

## اٿينا ديويءَ جون صفتون

زوس ديوتا جي ڌيءَ، جنگ، طوفان ۽ جنگي گهوڙن جي ديوي، بانسري، هر ۽ ٻين ڪيترن ئي هنرن جي موجد. ماڻهن کي ڏڳا جوٽڻ ۽ گهوڙي سواري سيکاريندڙ، سمورن هنرن ۽ فنن جي سرپرست. اٿينس جي شهرين کي زيتون جو وڻ عنايت ڪندڙ، جهاز سازي، سوناري ڪي ڌنڌي ۽ زالن جي گهرو هنرن ۾ گهڻو چاهه وٺندڙ، قانون سازيءَ کي ترقي وٺائيندڙ. جيوري سسٽم جاري ڪندڙ، يوناني شهرن جي محافظ، فتح آڻيندڙ، اٿينس جي سمورن ڪٽنبن جي اڳواڻ، انساني زندگي جي سڃاڻ، Intellectual حصي جي ديوي. ٻارهن اهم اولمپيائي ديوين ۽ ديوتائن منجهان هڪ ديوي.

## نالا ۽ لقب

اٿينا ديويءَ کي پالاس يا پالاس اٿيني سڏيو ويو آهي. اهو اکر يوناني ٻوليءَ جي پالا Pallake (ڪنواري دوشيزه) مان نڪتل آهي. ان کان سواءِ کيس پارٿينوس Parthenos (ڪنواري)، ٽريٽوجينا Tritogenia (پاڻيءَ مان ڄاول)، گلائوڪوپس Glaucopis (چمڪندڙ اکين واري)، ارگيني Ergane (پورهيت)، چنلٽس Chaniltis (لغام جهليندڙ)، ڊماسيپوس Ḍamasipos (گهوڙن جي سئيس)، اگلائو روس ۽ پانڊو روسوس (ماڪ سان ڌرتي کي زرخيزي ڏيندڙ)، هپيا Hippia (جنگي گهوڙن جي ديوي)، اريئا Arreia (جنگجو)، ٻه سڏيو ويچي ٿو. هوءَ ڪٽنبن ۽ گهراڻن جي ميڙن (پنچات) جي اڳواڻ هئي، ان ڪري کيس اپاتوريا، فريٽريا ۽ اگورايا Agoraia جي لقبن کان سواءِ جنگ ۾ فتحمنديءَ جي علامت طور نائيڪي فوروس (فتح آڻيندڙ) ٻه چيو ويندو آهي.

مجسمن ۾ اٿينا ديوي کي مٿي تي تاج ۽ بدن تي زرهه، پاتل آهي. جنهن تي ايجس ڍال ۽ ميڊوسا گارگون جي سسي ڏيکاريل آهي.

هٿ وارو نيزو، زيتون جي وڻ جي ٽاري، چٻ (اُلو)، نر ڪڪڙ ۽ نانگ سندس خاص نشان آهن، جيڪي سندس مجسمن ۾ به نظر اچن ٿا.

## اٿينا ديويءَ جو جنم

زوس ديوتا پنهنجي ٽائيٽن ڪٽنب جي هڪ ديوي 'ميٽس' تي عاشق ٿي پيو ۽ وڏي جاکوڙ کان پوءِ سندس شادي ٿي. جڏهن ميٽس ديوي پيٽ سان ٿي ته زوس کي مائٽن چتاءُ ڏنو ته هاڻي سندس پيو جيڪو به ٻار ٿيندو سو توکان وڌيڪ سگهارو ٿيندو. ان ڊپ کان زوس پنهنجي حامله زال کي ڳڙڪائي ڇڏيو. ميٽس زوس جي پيٽ ۾ حامله حالت ۾ پئي هئي ۽ سندس ٻار اندر ئي اندر وڏو ٿيندو رهيو. تان جو هڪ دفعي جڏهن هيفائسٽس زوس جي مٿي ۾ ڪهاڙيءَ جو ڌڪ هنيو ته اٿينا، جوانيءَ جي حالت ۾، هٿيارن پنهوارن سميت، زره پاتل، سندس پيءُ جي نراڙ مان نڪري نروار ٿي.

هن ديويءَ ڪڏهن شادي نه ڪئي ۽ نه وري ڪنهن سان جنسي ميلاپ ڪيائين، ان ڪري سندس لقب "ڪنواري" به هو. چيو وڃي ٿو ته هيفائسٽس (افروڊائيٽ جي مڙس) اٿينا جي لڄ لٽڻ لاءِ مٿس هلان ڪئي، پر اٿينا پاڻ کي بچائي وئي. ان ڪشمڪش ۾ هيفائسٽس جا ڇم وارا جزا زمين تي ڪري پيا، جنهن مان پوءِ هڪ ديو "ايڪري ٿوني اس" يعني (زمين جو پٽ) پيدا ٿيو.

* اٿينا ديويءَ ڪيترن باهمت جنگجو ديوتائن ۽ انسانن جي مدد ڪئي. جهڙوڪ: هرڪولس، پرسيئس، ٻيليروفون، جئسن، ڊائوميڊس ۽ اوڊي سس. هوءَ اوڊي سس تي ته توڙ تائين مهربان رهي.

* ٽراءِ واري جنگ ۾ هوءَ سموري يوناني فوج جي محافظ بڻيل رهي.

* اٿينا ديويءَ، ميڊوسا جهڙي سهڻي گارگون جي شڪل اهڙي ته ڀيانڪ ڪري ڇڏي جو جيڪو به ڏانهس نهاريندو هو، سو پٿر ٿي ويندو هو. آخرڪار پرسيئس ميڊوسا کي ماري، سندس سسي لاهي، اچي اٿينا کي پيش ڪئي، جنهن ان کي پنهنجي زره جو سينگار بنايو.

* اٿينس جي عدالتن ۾، اٿينا ديويءَ جيوري سسٽم جي ابتدا ڪئي.

* يونان ۾ اٿينا ديويءَ پرڏيهي ماڻهن جي مهمان نوازي جي روايت وڌي.

* اٿينس شهر تي قبضو ڄمائڻ لاءِ اٿينا ديويءَ جو سندس چاچي پوزيڊون ديوتا سان مقابلو ٿيو، جنهن ۾ اٿينا ديويءَ کي ڪاميابي حاصل ٿي.

* اٿينس ۾ پوزيڊون ديوتا پنهنجي ڪرامت سان هڪ کاري پاڻيءَ جو

چشمو پيدا ڪيو. ان جاءِ تي اٿينا ديويءَ زيتون جو وڻ پيدا ڪيو. يونان جي ماڻهن، ڪاري پاڻيءَ بدران زيتون کي وڌيڪ ڪارائتو سمجهيو. اهڙيءَ طرح يونانين اٿينا کي پنهنجي ديوي ڪري مڃيو ۽ سندس شان ۾ سڀ کان وڏو مندر اٿينس ۾، پارٿينان وٽ جوڙايو.

هن ديويءَ جي عبادت جو دستور يونان کان مٿگنا گريشيا تائين رائج ٿيو جتي سندس عبادتگاهون وجود ۾ آيون. روم ۾ ڪيس منروا ديوي سان مشابهت ڏني وئي.

اٿينا ديويءَ جا جيڪي مجسما ٺاهيا ويا آهن، انهن مان ٽن مجسمن کي خاص طور شهرت ملي.

(1) پارٿينا ۾ رکيل "اٿينا پارٿينوس". اهو سون ۽ هاٿيءَ جي ڏندن مان ٺهيل فوٽ ڊگهو بت آهي.

(2) اٿينا پروماچوس Promachos نالي هڪ بيو زبردست بت.

(3) اٿينا ليمنيا Lemnia. اهو مجسمو اٿينس جي هڪ نوآبادي ليمناس بيٽ جي آبادگارن ڏانهن منسوب ڪيل آهي، جنهن ۾ اٿينا هڪ حسين ڪنواري دوشيزه جي دلڪش روپ ۾ نظر اچي ٿي.

# اپالو (ديوتا)
# (Apollo)

## اپالو ديوتا جون صفتون

الهام ۽ پيشن گويون ڪندڙ ديوتائن جو اڳواڻ، سج جي ديوتائن مان هڪ، ڏکي ڄمار ڏيندڙ، ڌرتيءَ کي زرخيزي، شادابي ۽ روشني بخشيندڙ، دوائن جو محافظ، وبائي مرض ڦهلائيندڙ ۽ انهن کان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ، جواني ۽ پيداپڻ ڏيندڙ. فصاحت، شاعري ۽ فنون لطيفہ جو ديوتا. طب ۽ صحت جو ديوتا، ڍڳين ۽ ڌاڙن جو نگهبان، ٻڪرين جو ديوتا، خوفناڪ انتقام وٺندڙ، بي رحم تيزانداز، بستين ۽ شهرن کي وسائيندڙ ماڻهن جو محافظ، ناڪام عاشق ۽ ڊيلفي مندر جو باني.

ڇهن تارن وارو ساز (سرندو)، تير ڪمان ۽ لاريل گل جو ٻوٽو (جنهن جا پن چمڪندڙ هوندا اهن) سندس خاص نشان آهن.

## اپالو ديوتا جا نالا

اپالو ديوتا کي "سول"، "هيليوس"، "هيليئس" (سورج ديوتا)، "هائي پيرين" ۽ "فيلس" (چمڪندڙ) بہ سڏيو ويو آهي. ڊيلوس ٻيٽ ۾ ڄمڻ ڪري ڪيس "ڊيليئن اپالو" بہ چئجي ٿو.

## اپالو ديوتا جو ڄمڻ

زوس ديوتا پنهنجي اباڻي گهراڻي ٽائيٽن جي هڪ ديويءَ 'ليٽو' تي عاشق ٿي پيو ۽ ان سان جنسي تعلق قائم ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ ليٽو ديويءَ کي پيٽ ٿي پيو. جڏهن سندس ويم جا ڏينهن ويجها اچي پيا تہ زوس جي زال هيرا ديويءَ کي بہ ڪُڙڪ پئجي وئي، تنهن ليٽو ديويءَ جي ويم ڪرڻ جي راهہ ۾ چؤطرف رنڊڪون وجهي ڇڏيون. هوءَ زوس جي ڪنهن بہ ٻيءَ زال، سريت يا محبوبہ جو اولاد برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. ليٽو ديوي، ويم ڪرڻ لاءِ، هن ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دربدر رلڻ لڳي، مگر

ڪيس ڪو ٻ اجهو نہ مليو. هيرا ديويءَ جي ڊپ کان زمين جي ڪابہ پيٽي، ڪابہ جاءِ، هن کي پناهہ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي. هن جي ويم لاءِ سڀني جاين ناڪار ڪئي. آخرڪار زوس ديوتا پنهنجي محبوبہ کي ان مصيبت مان نجات ڏيارڻ لاءِ تيار ٿيو. هن "بورياس" ديوتا کي حڪم ڏنو تہ ليٽو ديويءَ کي کڻي وڃي "پوزيڊون" (زوس جي ڀاءُ) ديوتا جي حوالي ڪري. پوزيڊون، ليٽو جي ويم لاءِ هڪدم سمنڊ جي وچ ۾ "ڊيلوس" نالي هڪ ٻيٽ ٺاهيو جتي ليٽو ديوي جاڙا ٻار ڄڻيا. اهي هئا: "اپالو ديوتا" ۽ سندس جاڙي ڀيڻ "آرٽيمس ديوي".

اپالو ديوتا ڄمڻ شرط ٿورن ئي ڏينهن ۾ وڏي جوان ٿي ويو ۽ پنهنجي لاءِ جدا عبادت گاهہ (دارالاستخاره) ٺاهڻ جي خيال کان ڊيلوس ڇڏي، يونان ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي پائيٿان نانگڻ کي ماريائين ۽ ٿيل فوسا جل پريءَ جو چشمو، (جيڪو هڪ دارالاستخاره هو) جبل جي وڏين ڇپن سان ڍڪي ڇڏيائين. هو جڏهن ڊيلفي پهتو، تہ اتي پنهنجي لاءِ هڪ شاندار مندر (دارالاسختاره) ٺهرايائين.

اپالو ديوتا هڪ دلير ۽ مرد ميدان جنگجو جوان هو. تروجن جنگ ۾ سندس جنگي ڪردار تمام گهڻو مشهور آهي.

هن پنهنجي ڀيڻ آرٽيمس سان گڏجي ٽيٽيئس ديو کي مارڻ کان پوءِ ڪيس دائمي عذاب ڏيڻ لاءِ هميشہ لاءِ "ٽارٽارس" جي اوڙاهہ ۾ رکيو.

هن "نيئوبيءَ" کي سندس ڪيترن ئي ٻارن سميت مارڻ کان پوءِ ڪيس دائمي عذاب ڏيڻ لاءِ هميشه لاءِ "ٽارٽارس" جي اوڙاهہ ۾ رکيو.

هن "نيئوبيءَ" کي سندس ڪيترن ئي ٻارن سميت ماري ڇڏيو. جنهن اها ٻٽاڪ هنئي هئي تہ هن اپالو جي ماءُ ليٽو کان وڌيڪ ٻار ڄڻيا آهن.

پنهنجي پٽ "اسڪلي پيز" جي موت جو بدلو وٺڻ لاءِ هن "سائيڪلوپيز" کي ماري ڇڏيو، جنهن زوس ديوتا لاءِ وج لٽ ٺاهي هئي ۽ جنهن جي لڳڻ سان اسڪلي پيز مري ويو هو.

اپالو ديوتا ڪيترن ئي ماڻهن، ديون، ديوتائن کي عذاب ڏنا. هڪ 'سٽائر' ديو (اڌ گهوڙو، اڌ انسان) جنهن کي پنهنجي ساز تي ناز هو، تنهن اپالو سان موسيقي جي شرط رکي مقابلو ڪيو. اپالو ديوتا اهو موسيقيءَ جو مقابلو کٽي ورتو ۽ شرط موجب هارائيندڙ سٽائر جي کل لاهي ڇڏيائين.

هن ڪلائيٽم نيسترا ۽ سندس عاشق "اجي تس" کي سزا ڏيڻ لاءِ ڪلائيٽم نيسترا جي پٽ "اوريسٽس" کي آياريو، جنهن پنهنجي ماءُ ۽

سندس عاشق کي قتل ڪري ڇڏيو.

## اپالو هڪ ناڪام عاشق جي حيثيت ۾

* اپالو ديوتا، حسن، جواني، سگهه ۽ آسماني قوتن ۽ مرتبن جي ميدان ۾ جيترو خوشنصيب سمجهيو وڃي ٿو، اوتروئي هو عشق جي ميدان ۾ ناڪام ۽ نامراد رهيو.

* "لوڪوتي"، "ڊئفني"، "آئي سا"، "پولينا"، "ڪورونس"، "ڪلائي ميني"، "ڪئسٽاليا"، "ڪلائي تي"، "سائي ايني"، "ڪي اوني" ۽ "ڪئلوبي" سيني تي عاشق هو؛ پر ڪنهن به ڪيس قبول نہ ڪيو.

* ٽراءِ جي شهزاديءَ "ڪئسينڊرا" تي عاشق ٿي، ڪيس رشوت ۾ پيشنگوئي ڪرڻ جي ذات ڏنائين. پر جڏهن ڪئسينڊرا محبت جو جواب محبت ۾ نہ ڏنس تہ، ڪاوڙجي اهو پاراتو ڏنائينس تہ سندس سچيءَ پيشنگوئي تي بہ ڪوبہ ماڻهو نہ وسهندو ۽ ٿيو بہ ائين جو هن جڏهن ٽروجن جنگ جي اڳواٽ اڳڪٿي ڪئي تہ ماڻهن ان تي يقين نہ ڪيو.

* اپالو ديوتا، ڪيومي واري مندر جي خوبصورت پُڄارڻ "سبل" تي بہ عاشق ٿي پيو. سبل جڏهن اپالو ديوتا جي اڳيان آئي، تڏهن سندس ٻنهي هٿن جون مُٺيون واريءَ سان ڀريل هيون. عشق جي پور ۾ اچي اپالو ديوتا سبل کي واريءَ جي هڪ هڪ ذري جي برابر هزاين سالن جي هڪ تمام ڊگهي (جوانيءَ جي حالت ۾) حياتي ڏني، پر جڏهن نياڳي پوڄارڻ پنهنجي بزرگ ديوتا جي محبت ٺڪرائي ڇڏي، تڏهن ڪاوڙ ۾ اچي اپالو ديوتا سبل کي هڪ هزار سالن تائين پوڙهي عورت جي شڪل ۾ حياتي گذارڻ جي سزا ڏني.

* ڪئسٽاليا جل پري تي بہ اپالو عاشق ٿيو هو، هن پريءَ اپالو جي ور چڙهڻ کان اڳ، پاڻ کي هڪ چشمي ۾ اڇلائي ڇڏيو.

* ڊئفني نالي هڪ جل پري، جنهن تي اپالو عاشق ٿيو هو، تنهن اپالو جي محبت جي جواب ۾ شڪل مٽائي لاريل جو هڪ ٻوٽو ٿيڻ پسند ڪيو.

* "مارپيسا" نالي هڪ دوشيزه تي اپالو عاشق ٿيو هو. ان ڇوڪريءَ سان بادشاهہ جو پٽ آئڊاس بہ عشق ڪندو هو. نتيجي ۾ هي ٻئي پاڻ ۾ وڙهي پيا. آخرڪار، زوس ديوتا فيصلي جو اختيار ڇوڪريءَ کي ڏنو جنهن اپالو کي رد ڪري، آئي ڊاس کي پنهنجو مڙس چونڊيو.

* اپالو ديوتا سائي نوپي ديويءَ سان بہ عشق ڪيو. پر هن ساڻس

وڏي تڪڙي ڪئي ۽ ان ۾ ڪامياب به ٿي. "سائي نوپي" عشق جي قبوليت لاءِ پنهنجي هڪ خواهش اڳواٽ ئي مجرائڻ ڪاڻ اپالو ڪان واعدو ورتو، جنهن تي اپالو عمل ڪيو. ان خواهش تحت 'سائي نوپي' مرڻ ڪنديءَ تائين ڪنواري رهڻ جي آرزو ڏيکاري، اهڙي طرح اپالو هن ديويءَ کي به حاصل نہ ڪري سگهيو.

* اپالو ديوتا ڪيترن سهڻن ڇوڪرن سان به عشق ڪيا جهڙو: هياسنٿس وغيره.

* اپالو ديوتا انسانن جي غلاميءَ ۽ نوڪري ۾ به رهيو آهي. سندس پهريون انساني آقا ٿيسيليءَ ۾ فراءِ ملڪ جو بادشاهہ آڊميٽس هو.

* اپالو جي دعا سان آڊميٽس بادشاهہ جي، سمورين، ڍڪين ڳئن، جاڙا ڦر ڄڻيا، ان ڪان سواءِ اپالو ديوتا آڊميٽس کي اها پڪ به ڏني تہ هو سدائين جيئرو رهندو.

اپالو، پوزيڊون ديوتا سان گڏجي اجوري تي ٽراءِ جي قلعي جون ديوارون ٺاهيون. هڪ بي چوڻي اها بہ آهي تہ قلعي جون ڀتيون فقط پوزيڊون وڏيون ۽ اپالو "لائو ميڊان" بادشاهہ جو چوپايو مال چاريو. آخرڪار جڏهن ڪم پورو ٿيو تہ لائوميڊان بادشاهہ پنهنجي قول تان ڦري ويو ۽ ان ڪري اپالو ديوتا ڪاوڙجي ٽراءِ جي شهر ۾ وبا پکيڙي ڇڏي.

اپالو ديوتا جي اعزاز ۾ ڊيلفيءَ وٽ راندين، پهلوانيءَ جي ڪرتبن، ڪسرت ۽ ڳائڻ وڄائڻ جا مقابلا ٿيندا هئا. جن کي "پائيٿين گيمز" سڏبو هو.

ڊيلفيءَ جي مندر ڪان سواءِ ڊيلوس ۽ اٽليءَ ۾ "ڪيومي" وٽ بہ اپالو ديوتا جا مندر قائم ڪيا ويا.

# افرودائيٽ (وينس ديوي)
# Aphrodite (Venus)

## صفتون

حسن ۽ عشق جي ديوي، جنسي جذبن جي علامت، وفاداريءَ کان آڻ چاڻ، ملاحن ۽ مهاڻن جي ديويءَ، سموري نباتات زرخيزي جي ديوي، جانورن ۾ جنسي ڪشش ۽ ڇڪ پيدا ڪندڙ، ماڻهن جي ڄمر، شادي ۽ گهريلو زندگيءَ جي اڳواڻ، باغن جي ديويءَ، زمين ۽ آسمان مان پيدا ٿيندڙ زرخيزيءَ جي علامت، عشق حقيقي ۽ عشق مجازي بخشيندڙ، عام انسانن ۾ محبت ۽ جنسي ڪشش پيدا ڪندڙ، ڪنهن کي ڪنهن سان به عشق ۾ ڦاسائڻ تي قادر، عاشقن ۽ معشوقن جي مددگار، سيني ديوين ۾ حسين ترين، بيحد انتقام پسند، ٻارهن اولمپيائي ديوين ۽ ديوتائن منجهان هڪڙي.

آرسيءَ، گلاب جو گل، پوست جو ٻوٽو، مينديءَ جو وڻ، صوف جو ميوو، هنج ۽ ٻگهرو پکي، ڏولفن مڇي ۽ گهيٽو، سندس مقدس نشان آهن. قبرص ٻيٽ ۾ پيفاس جو شهر به هن لاءِ مقدس آهي.

افروڊائيٽ ديويءَ کي سندس ڄمڻ جي لحاظ کان اندايومينِي (سمنڊ مان ايرندڙ)، سائيٿيريا، پيجين ۽ سئپرس (قبرصي) جي نالي سان سڏيو ويو آهي. ڪيس يوپلويا Eupolia (سٺائو ساموندي سفر بخشيندڙ) ۽ گالينايا Gelenaca (سٺائي واءُ جي ديوي) جي نالي سان به سڏجي ٿو. افروڊائيٽ کي روم جا ماڻهو "وينس" جي نالي سان ياد ڪن ٿا.

## افروڊائيٽ جي پيدائش

افروڊائٽ کي، يوناني شاعر هومر، زوس ديوتا جي ڌيءَ ڄاڻايو آهي، جيڪا کيس تائيٽن زال ڊائيونيءَ مان پيدا ٿي. افروڊائيٽ جي ڄم بابت، هومر جي ان نظريي کي عام طور قبول نٿو ڪيو وڃي. يوناني شاعر هيسيڊ جي چوڻ موجب، افروڊائيٽ سمنڊ جي گجيءَ مان پيدا ٿي. سمنڊ جي گجيءَ کي

يوناني ٻولي ۾ افروس Aphros چون ٿا. افروڊائيٽ جو نالو ٻه افروس اکر مان نڪتل آهي. هيسيڊ جي ڪٿا مطابق، ڪرونس ديوتا، پنهنجي پيءُ ”يورانس“ کان آسمانن جو اقتدار ڦرڻ لاءِ جنگ جوٽي. آخر هن پنهنجي پيءُ کي گرفتار ڪري، سندس ڳجها عضوا وڍي، قبرص يا سائيٿيريا جي پيفاس شهر ويجهو سمنڊ ۾ اڇلايا. يورانس جي ڳجهن عضون ڪرڻ شرط، سمنڊ ۾ ڳجي پيدا ٿي ۽ پوءِ اَنَ ڳجيءَ مان افروڊائيٽ، حسن ۽ جوڀن جي جوت ۾ جڳ مڳ ڪندي اگهاڙي، نڪري نروار ٿي. جڏهن هوءَ ترندي خشڪيءَ تي آئي ته سندس ڳس ۾، هر طرف گل ڦل ڦٽي پيا.

## افروڊائيٽ جي حسين ترين هئڻ بابت پئرس جو فيصلو

## (Judgement of Paris)

ڪائنات جي حسين ترين ديوي ڪير آهي؟ ان ڳالهه تان افروڊائيٽ، اٿينا ۽ هيرا ديوين ۾ جهيڙو ٿي پيو. آخر اهو معاملو زوس ديوتا جي آڏو آندو ويو. هن حڪم ڏنو ته اهو فيصلو ’پئرس‘ نالي هڪ حسين جوان کان ڪرايو وڃي، جيڪو ٽراءِ جي بادشاهه ’پريام‘ جو پٽ آهي ۽ ايدا جبل وٽ رڍون چاري رهيو آهي. زوس ديوتا جي خواهش مطابق، هي ٽيئي حسين ترين ديويون، هرمس ديوتا سان گڏجي، پئرس وٽ پهتيون ۽ پنهنجو فيصلو ڪرائڻ جي خواهش ظاهر ڪيائون. فيصلو ٿيڻ کان اڳ، هيرا ديويءَ پئرس کي لالچ ڏني ته، اگر ڪيس حسين ترين قرار ڏيندو ته هو سڄي روءِ زمين جي بادشاهي سندس حوالي ڪندي. اها حالت ڏسي، اٿينا ديوي پئرس کي ذهانت، عظمت ۽ جنگ ۾ فتحمنديءَ جي ڏات ڏيڻ جي آڇ ڪئي. افروڊائيٽ ڏٺو ته هو ٻئي ديويون پنهنجي حق ۾ فيصلو ڪرائڻ لاءِ لالچ ڏئي رهيون آهن، ته هن پئرس کي دنيا جي خوبصورت عورت ’هيلن‘ ڏيڻ جو واعدو ڪيو. جيڪا اسپارٽا جي بادشاهه جي زال هئي. پئرس ان آڇ تي ڍرو ٿي پيو ۽ افروڊائيٽ کي ”ڪائنات جي حسين ترين ديوي“ قرار ڏنائين. درحقيقت، هوءَ ان اعزاز جي لائق پڻ هئي.

پوءِ، واعدي مطابق افروڊائيٽ، اسپارٽا جي بادشاهه جي زال ’هيلن‘ کي ڀڄائڻ ۾ پئرس جي مدد ڪئي. پئرس دنيا جي ان حسين ترين عورت کي اغوا ڪري، پنهنجي رياست ”ٽراءِ“ ۾ ڪٺي آيو. اسپارٽا جو بادشاهه پنهنجي زال هيلن واپس وٺڻ لاءِ، زبردست يوناني فوجن سميت ٽراءِ تي ڪاهي آيو. هنن ٻنهي ڌرين ۾ خوفناڪ جنگ لڳي، جا ڏهه سال جاري رهي. (هيءَ جنگ

ٽروجن وار Trojan war جي نالي سان سڄي دنيا ۾ مشهور آهي.) جنگ ۾ ٽراءِ وارن کي زبردست شڪست نصيب ٿي. اسپارٽا جو بادشاهه پنهنجي زال واپس وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن ڪاوڙ ۽ نفرت وچان، ٽراءِ جي شهر کي باهيون ڏئي مڪمل طور ساڙائي ڇڏيو. ٽراءِ جي بادشاهه کي پٽن ۽ ڌيئرن سميت قتل ڪيو ويو. خود پئرس به جنگ دوران سخت زخمي ٿيو ۽ آخر مري ويو.

## افروڊائيٽ جي شادي ۽ هن جا عشق

* سونهن، سوڀيا ۽ محبت جي هن ديويءَ جي شادي هيرا ديويءَ جي پٽ 'هيفائسٽس' نالي هڪ ديوتا سان ٿي، جيڪو بڇڙي شڪل وارو ۽ پيرن کان منڊو هو. هيفائسٽس جڏهن پيدا ٿيو هو ته، هن جي ماءُ کيس سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته هو شڪل صورت جو تمام ڀوائتو هو. هيفائسٽس لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو زوس ديوتا جو ناجائز پٽ هو.

* افروڊائيٽ، ڪيترن ئي ديوتائن ۽ انسانن سان عشق ڪيا ۽ انهن سان جنسي تعلقات قائم ڪيائين. زوس ديوتا جي پٽ 'ايريز' ديوتا سان ڪري پيئي. ان ڳالهه جي سڌس، سج ديوتا هيليوس، سندس مڙس هيفائسٽس کي ڏني. جيڪو پنهنجي پلنگ تي لوهي ڄار لڳائي، لڪي ويهي رهيو. پوءِ جيئن ئي افروڊائيٽ ۽ ارس ديوتا پاڻ ۾ عيش عشرت ڪرڻ لڳا ته هيفائسٽس کين قابو ڪري، بيحيائيءَ واري حالت ۾، سيني ديوتائن اڳيان ڪٺي آيو ته جيئن هو به اهو تماشو ڏسن. آخر، زوس جي ڀاءُ پوزيڊون ديوتا وچ ۾ پئي، ارس تي ڏنڊ وڌو. اهڙيءَ طرح افروڊائيٽ تان اها خواري ختم ٿي. افروڊائيٽ ديويءَ کي ايريز ديوتا مان ٽي ٻار "هارمونيا"، "فوبوس" ۽ "ڊيموس" پيدا ٿيا.

* زوس ديوتا جو ٻيو پٽ 'هرمز' به افروڊائيٽ تي عاشق ٿي پيو. پر افروڊائيٽ هن جي قبضي ۾ نه آئي. آخر، زوس ديوتا پنهنجي پٽ جي مدد ڪرڻ لاءِ، سندس عقاب پکيءَ کي موڪليو، جيڪو افروڊائيٽ جي جُتي کڻي آيو. زوس اها جُتي هرمز جي حوالي ڪئي. افروڊائيٽ جُتي حاصل ڪرڻ لاءِ، ينگ طور، پاڻ کي هرمز جي حوالي ڪرڻ لاءِ راضي ٿي. هنن ٻنهي جنسي تعلقات قائم ڪيا. نتيجي طور کين "هرم افروڊيٽس" پيدا ٿيو، جيڪو هڪ ئي وقت عورت ۽ مرد هو.

* افروڊائيٽ ديويءَ ٻن انسانن ايڊونس ۽ اينڪائيسس سان به جنسي

تعلقات قائم ڪيا. اينڪائيسس مان ڪيس اولاد به ٿيو، جن روم شهر جو بنياد وڌو.

* افروڊائيٽ، زوس جي ٽئين پٽ 'ڊائيونيسس' سان به عشق ڪيو، جنهن مان ڪيس "پرائي پس" نالي پٽ ڄائو. پرائي پس لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو افروڊائيٽ کي ڊائيوني سس مان نه بلڪه، هرمز مان پيدا ٿيو هو.

* افروڊائيٽ، زوس جي ٻئي "پوزيڊون" سان به محبت ڪئي ۽ ساڻس جنسي تعلقات رکيا. نتيجي طور، هن کي "ايريڪس" نالي پٽ ڄائو.

* افروڊائيٽ جو پان ديوتا سان به عشق ٿيو ۽ ان سان به جنسي تعلقات رکيائين.

## افروڊائيٽ - انتقام وٺندڙ ديوي

* افروڊائيٽ ديوي، بيحد انتقام وٺندڙ هئي، جيڪي سندس نافرماني ڪندا هئا، يا پاڻ کي وڏيڪ سهڻو سڏيندا هئا، تن مٿان قهر نازل ڪندي هئي.

* قبرص جي بادشاهه 'سائنيراس' جي ڌيءَ "مرها" پاڻ لاءِ افروڊائيٽ کان به وڌيڪ خوبصورت هئڻ جي هام هنئي. هن افروڊائيٽ جي بندگي به ڪرڻ ڇڏي ڏني. ان ڳالهه تان ڏمرجي افروڊائيٽ مرها کان انتهائي ڀوائتو ۽ لڱ ڪانڊاريندڙ انتقام ورتو. هن مرها کي سندس پيءُ جي عشق ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح، پيءُ ۽ ڌيءَ پاڻ ۾ ناجائز جنسي تعلقات قائم ڪيا. نتيجي طور، هن کي "ائڊونس" Adonis نالي پٽ ڄائو، جيڪو انتهائي خوبصورت هو. هن ديوي ان ٻار کي ڪٺي وڃي پرسي فون ديويءَ وٽ لڪايو. ائڊونس جڏهن جوان ٿيو ته پرسي فون ديوي ۽ افروڊائٽ ٻئي هن تي عاشق ٿي پيون. ان ڇڪ ڇڪان سبب هنن ٻنهي ديوين ۾ سخت ويڙهه ٿي. آخر زوس ديوتا، فيصلي لاءِ ميدان ۾ آيو. هن ٻنهي ڌرين جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ، فيصلو ڪيو ته ائڊونس سال جا چار مهينا پرسي فون وٽ ۽ ٻيا چار مهينا افروڊائيٽ وٽ گذاريندو. باقي چار مهينا ائڊونس تي ڇڏيائين ته، هو جنهن وٽ به چاهي، ان سان رهي. ائڊونس باقي چار مهينا به افروڊائيٽ وٽ ئي گذاريندو هو.

* هن ديوي، سڀ کان وڏيڪ انتقام هپوليٽس کان ورتو، جنهن اها ٻڌاڪ هنئي ته مٿس ڪنهن جي به محبت جو جادو نٿو هلي سگهي. هن

ديوي هپوليٽس جي ماتيجي ماءُ فائڊرا کي سندس محبت ۾ قابلو ڪري ڇڏيو. هپوليٽس پنهنجي ماءُ سان ناجائز تعلقات قائم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. نتيجي طور سندس ماءُ مٿس لچ لتڻ جو الزام هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي. هپوليٽس جي پيءُ کي جڏهن اها خبر پيئي ته هن پنهنجي پٽ کي پاراتو ڏئي ملڪ مان نيڪالي ڏئي ڇڏي. هپوليٽس جي پڇاڙي ڏاڍي ڏکدائڪ ٿي.

* هن ديويءَ تان "ڪليو" نالي هڪ ميوز ڇٽرون ڪندي چيو ته هوءَ ديوي ٿي ڪري هڪ انسان "ايڊونس" جي عشق ۾ ڦاسي پيئي آهي. هن ديوي، جوابي ڪارروائي ڪندي، ان ميوز کي "پي رس" نالي هڪ انسان جي عشق ۾ قابو ڪري ڇڏيو.

* هن ديويءَ، پوزيڊون ديوتا جي چوڻ تي، قبرص جي راڻي "پيسيفي" کي هڪ ڍڳي جي عشق ۾ مبتلا ڪيو. جنهن مان ان راڻيءَ کي "منوتور" (اڌ ڍڳو، اڌ انسان) پيدا ٿيو.

* هن ديوي، گلاڪس کي به سزا ڏني، جنهن پنهنجي گهوڙين کي ويامڻ نه ڏنو. افروڊائيٽ جي چُرچ تي، گهوڙين گلاڪس کي جيئرو ئي ڪچو کائي ڇڏيو.

* جڏهن ليمناس ٻيٽ جي زالن، هن ديوي جي بندگي ڪرڻ ڇڏي ڏني ته هُن سندس جسم ۾ تمام بڇڙي ڌپ پيدا ڪري ڇڏي. نتيجي طور هتي جا مڙس پنهنجن زالن کان پري رهڻ لڳا. ان تان ڪاوڙجي، هن ٻيٽ جي عورتن، پنهنجا سيئي مڙس ماري ڇڏيا.

* هن ديويءَ، پرهه ڦٽيءَ جي ديوي "اوس" کي ٻن انسانن 'سيليفيس' ۽ 'تيٿانس' جي عشق ۾ ڦاسائي ڇڏيو. چاڪاڻ ته، اوس ديوي، افروڊائيٽ جي محبوب ايريز سان ستي هئي. هن هيليوس سان به ساڳي جٽ ڪئي ۽ ان کي به هڪ عورت 'ليوڪوئي' جي محبت ۾ گرفتار ڪيو. چاڪاڻ ته، هيليوس افروڊائيٽ جي مڙس وٽ چغلي هنئي هئي.

* افروڊائيٽ ديوي، ديوتائن کي چيڙائيندي ۽ مٿن ڇٽرون ڪندي هئي. زوس ديوتا، سندس انهن حرڪتن سبب، ڪيس سزا ڏيڻ لاءِ فاني انسانن جي محبت ۾ مبتلا ڪيو، جن ۾ "ايڊونس ۽ اين ڪائيسس" جا نالا قابل ذڪر آهن.

افروڊائيٽ، محبت ۽ جنسي ڪشش جي علامت هئي. وٽس اهڙو طلسمي چيلهه پٽو هو جنهن کي پائڻ سان هوءَ ڪنهن به عورت يا مرد کي

پنهنجي وس ڪري سگهندي هئي. هوءَ ڪنهن کي، ڪنهن جي به، محبت ۾ مبتلا ڪري ٿي سگهي. (سواءِ اٿينا ۽ آرٽيمس ديوين جي). هڪ دفعو هيرا زوس کي ٽروجن جنگ کان پاسو ڪرائڻ جي ارادي سان پنهنجي موهه ۾ موهت ڪرائڻ جي خاطر، هن ديويءَ کان اهو ڇيلهه جو پٽو اڌارو ورتو. هوءَ عاشقن جي مددگار هئي. ايتري قدر جو پنهنجي پٽ اينياس کي به ڪارٿيج جي راڻي ڊائيڊو جي محبت ۾ ڪامياب ڪرڻ لاءِ مدد ڪيائين. هن اٽلانٽا سان عشق ۾ ميلانين جي مدد ڪئي. جئسن کي ميڊيا جي عشق ۾ ڪامياب ڪيو. هيلن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پئرس جي توڙ تائين مدد ڪئي.

شروعات ۾ ملاح ۽ مهاڻا سندس پوڄا ڪندا هئا. پوءِ يوناني دنيا ۾ سندس عبادت ٻن حيثيتن سان ڪئي وئي: هڪ افروڊائيٽ يورينيا يعني آسماني ديوي ۽ ٻي افروڊائيٽ پنڊي موس يعني عوامي افروڊائيٽ. ان کان پوءِ هوءَ عشق حقيقي ۽ عشق مجازيءَ جي ديويءَ جي مختلف روپن ۾ سامهون آئي.

يونان جي اوائلي ادب ۾ افروڊائيٽ جو روپ هڪ بي رحم ۽ مضحڪ ديويءَ وارو آهي ۽ ان جي ابتڙ رومين وٽ هوءَ سنجيده ۽ رحمدل ديوي هئي.

افروڊائيٽ جا جيڪي بت ٺاهيا ويا، تن ۾ ڪيس ڏاڍي من موهيندڙ، مرڪندڙ، پرڪشش عورت جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. هن ديويءَ جو 'ڊيميلو' نالي مشهور مجسمو پئرس جي عجائب گهر ۾ رکيل آهي.

# ايرز (مارس) ديوتا
# Ares (Mars)

## صفتون

هيرا ديويءَ ۽ زوس ديوتا جو پٽ، جنگ، طوفانن ۽ سج جي روشنيءَ جو ديوتا، ماڻهن لاءِ خوشحالي ۽ تباهي آڻيندڙ، جنگ ۽ جهيڙي جو ڪوڙيو، يوناني ڏند ڪٿائن ۾ هن ديوتا کي ٻٽاڪي، ڦٽردل، بي رحم، خوني ۽ بزدل ٻڌايو ويو آهي ۽ ان جي ابتڙ رومي ڏند ڪٿائن ۾ ڪيس مارس جي نالي سان هڪ بهادر جنگي جوڌو سڏيو ويو آهي. جنهن جي ميدان ۾ اچڻ سان جنگي جوڌن ۾ نئو ولولو پيدا ٿي ويندو هو. رومي هن ديوتا کي ملڪ جو محافظ ديوتا تصور ڪندا هئا ۽ جيوپيٽر (زوس) ديوتا کان پوءِ ٻئي نمبر تي هن ديوتا کي ئي اهم سمجهندا هئا. هي ديوتا ٻارنهن اهم اولمپيائي ديوتائن منجهان لیکجي ٿو.

## نشان

پکين ۾ ڪاٺ ڪٽو (هدهد) ۽ ڳجھ، جانورن ۾ ڪتو ۽ ٻگهڙ هن ديوتا لاءِ مقدس هئا ۽ ٻرندڙ مشعل ۽ نيزو سندس نشان هئا.

## جنم

يوناني ڪٿا ۾ سندس جنم ٿريس ۾ ٻڌايو ويو آهي، جتي جا ماڻهو ڏاڍا ظالم هئا.

## عشق ۽ اولاد

هن ديوتا شادي نه ڪئي، پر ڪيترين ديوين ۽ عورتن سان جنسي تعلقات قائم ڪيائين. سندس خاص محبوبه افروڊائيٽ ديوي هئي. هن ديوتا کي افروڊائيٽ ديويءَ مان ٻه جاڙا پٽ "فوبوس" (دهشت) ۽ "ڊيموس" (ڊپ) ۽ هڪ ڌيءَ "هارمونيا" پيدا ٿيا.

* هن ديوتا اگلارس نالي هڪ عورت سان بہ عشق ڪيو هو ۽ اگلارس کي هڪ ڌيءُ "السيپيءَ" هن ديوتا منجهان ڄائي هئي.

* پيلوپيا مان هن ديوتا کي سائڪنس نالي پٽ ڄائو.

* سائريني نالي جل پريءَ سان سندس ميلاپ جي نتيجي ۾ ڊائيو ميڊس پيدا ٿيو جيڪو بسٽون جو بادشاهہ ٿيو.

## جنگي ڪردار

ٽروجن جنگ ۾ هن ديوتا پنهنجي محبوبہ افروڊائيٽ سان گڏجي يونانين جي برخلاف ٽراءِ وارن جو پاسو ورتو. اهوئي سبب آهي جو يوناني مورخن ۽ شاعرن هن ديوتا ۽ سندس محبوبہ افروڊائيٽ جي گهٽتائي ڪري سندن ڪردار کي غلط رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هوڏانهن وري رومي مورخن مارس (ايرز) ۽ وينس (افروڊائيٽ) کي ساراهيو آهي ڇاڪاڻ تہ رومي اصل ٽراءِ جا هئا ۽ ٽراءِ جي تباهيءَ کان پوءِ اتي جا ماڻهو پنهنجو ملڪ ڇڏي وڃي روم پهتا هئا ۽ انهن روم شهر جو بنياد وڌو هو.

ٽروجن جنگ ۾ هن ديوتا پنهنجي ڀيڻ ايرس ۽ پنهنجي ٻن پٽن سان گڏ ٽراءِ وارن طرفان حصو ورتو. جنگ جي ديويءَ اين يو بہ ساڻس گڏ هئي. هن ٽراءِ جي فوجن جي صف بندي ڪئي ۽ کين همٿايو. سندس ماءُ هيرا ديوي ۽ پوزيڊون ديوتا ۽ ائٿينا ديويءَ يونانين جي طرف هئا. پر زوس ديوتا غير جانبدار رهيو. جيتوڻيڪ دلي طرح سندس لاڙو ٽراءِ وارن ڏانهن هو. هن جنگ ۾ ايرز ديوتا سخت زخمي ٿي پيو هو.

* پوزيڊون ديوتا جي هڪ پٽ هن ديوتا جي هڪ ڌيءُ السيپي سان ايڪرو پولس وٽ زوري زنا ڪئي. هن ديوتا ان کي اتي جو اتي ماري ڇڏيو. پوزيڊون ديوتا مٿس ديوتائن جي عدالت ۾ فريادي ٿيو؛ پر ديوتائن ايرز ديوتا کي حق تي سمجهي ڇڏي ڏنو.

* جڏهن هرڪيولس ڊيلفيءَ ڏانهن ٿي ويو تہ واٽ تي ايرز جي پٽ سائڪنس سندس اڳ جهلي ساڻس وڙهيو. ان ويڙهہ ۾ هرڪيولس سائڪنس کي ماري وڌو. ايرز ديوتا وير وٺڻ لاءِ هرڪيولس سان جنگ ڪئي، پر ائٿينا ديويءَ جي مدد سان هرڪيولس کيس زخمي ڪري وڌو.

* ائٿينا جنگ جي ديوي هئي ۽ وڏي چالاڪ ويڙهو هئي. هن جو پنهنجي ڀاءُ ايرز سان سدائين جهيڙو هوندو هو. هڪ دفعي ائٿينا ٻن ديون اوٽس ۽

الوڊائي جي هٿان ايرز کي ٻڌائي پتل جي هڪ وڏي مٽ ۾ قيد ڪرائي ڇڏيو. هيرا ديويءَ پنهنجي پٽ جي ڏاڍي ڳولا ڪئي، پر پتو نہ پيس ۽ هي ديوتا سچا سارا تيرنهن مهينا انهيءَ مٽ ۾ قيد رهيو، تان جو هرمس ديوتا ڳولا ڪندي اچي کيس اتان ڇڏايو.

5 صدي ق.م کان اڳ هن ديوتا جا جيڪي مجسما آهن انهن ۾ هن کي ڏاڙهيءَ سان هٿياربند جوان جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ان کان پوءِ هن ديوتا جا جيڪي مجسما ٺاهيا ويا، تن ۾ هن کي بنا ڏاڙهيءَ جي هڪ جانٺي جوان جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو هو، جنهن ۾ کيس مٿي تي هيليمٽ پاتل آهي.

هن ديوتا جي عبادت لاءِ روم ۾ ڪيترائي مندر هئا. يونان ۾ ڪو خاص هنڌ سندس عبادت لاءِ مقرر نہ هو. فقط سندس نالي تي هڪ ٽڪري Hill of Ares مقدس سمجهي ويندي آهي.

# هيفائس ٽس (ولڪن) ديوتا
# Hephaestus (Vulcan)

### صفتون

هيرا ديويءَ جو پٽ، افروڊائيٽ ديويءَ جو مڙس، باھ جو ديوتا، مختلف ذاتن مان ديوتائن لاءِ هٿيار ۽ اوزار ٺاهيندڙ ڪاريگر، لوهارن جو ديوتا، ٻرندڙ جبلن جي باھ جو ديوتا.

### جنم ۽ نيپاج

هي ديوتا، زوس ديوتا جي زال هيرا ديويءَ جي پيٽ مان بنا ڪنهن مرداني تخم جي ڄائو هو، پر يوناني شاعر هومر ڪيس زوس ديوتا جو پٽ لکيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ هيرا ديويءَ پنهنجي هن ٻار کي جنم ڏيڻ کان پوءِ جڏهن ڪيس شڪل جو ڪوجهو ۽ ٽنگ کان منڊو ڏٺو تہ نفرت وچان ان کي ديوتائن جي آسماني ديس اولمپس مان هيٺ اڇلائي ڇڏيو ۽ هو اچي سمنڊ ۾ ڪريو، جتي سمنڊ ۾ رهندڙ ٻن جل پرين ٿيٽس ۽ يورينوم کي متس رحم اچي ويو ۽ تن هن کي مرڻ کان بچايو. ٿيٽس ۽ يورينوم اتي هڪ سامونڊي غار ۾ هن ديوتا کي نوَن سالن تائين نپايو. چيو وڃي ٿو تہ اتي ئي هو لوهارڪو ڪم سکيو هو.

### اولمپس ڏانهن موٽڻ

هن ديوتا کي پنهنجي ماءُ هيرا ديويءَ تي ڏاڍا خار هئا. ماڻس کان وير وٺڻ لاءِ هن هڪ سونو تخت ٺاهي، هيرا ديويءَ ڏانهن موڪليو. ان سوني تخت ۾ هيفائسٽس ڳجهيءَ طرح هڪ ڦيرڻ ٺاهي رکي هئي. هيرا ديوي ان تخت تي وهڻ شرط هيفائسٽس جي ٺاهيل شڪنجي ۾ ڦاسي پئي. پاڻ ڇڏائڻ لاءِ هيرا ديويءَ ڏاڍا زور لاتا، پر ان ڦاهي مان نڪري نہ سگهي. پوءِ اولمپس جي ٻين ديوتائن بہ ڏاڍو پاڻ پتوڙيو پر هيرا ديوي ان تخت ۾ صفا لوھ لڳي

وئي. آخر ديوتائن هيفائسٽس کي اولمپس تي گهرايو ۽ کيس ڏاڍو سمجهايو، پر هن ماٽس جي جند ڇڏائڻ ڪان صفا انڪار ڪيو. نيٺ سندس خاص دوست ڊائيوني سس کيس شراب جي نشي ۾ الوٽ ڪري، ڪانس انهيءَ ڦيرڻ جي ڪنجي هٿ ڪري، هيرا ديويءَ کي اتان ڇڏايو.

## شادي ۽ اولاد

چيو وڃي ٿو تہ هن ديوتا جي شادي افروڊائيٽ ديويءَ سان ٿيل هئي، جيڪا سڀني ديوين ڪان سونهن ۾ سرس هئي. هي ديوتا پنهنجي ڪوجهي شڪل ۽ منڊي ٽنگ جي ڪري سڀني ديوتائن جي لاءِ کل جو باعث هو. اها شادي نہ هئي، پر هن لاءِ هڪ خواري هئي. سندس زال جي بيوفائين جا داستان ڏکيا ٿيندا رهيا ۽ ان جي عاشقن جو تعداد بہ وڌندو رهيو.

افروڊائيٽ ديوي پنهنجي ڏير ارس ديوتا سان بہ ڪريل هئي. هيفائسٽس کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن ٻنهي کي سيڪت ڏيڻ لاءِ پنهنجي بستري مٿان هڪ پنجوڙ لڳائي ڇڏيو ۽ پاڻ گهران موڪلائي نڪتو تہ وڃان ٿو ليمناس ٻيٽ ڏانهن، پر اوڏانهن نہ ويو ۽ لڪي ويهي رهيو. جڏهن افروڊائيٽ ديويءَ ڏٺو تہ مڙس ڪونهي ۽ ميدان صاف آهي تہ هن پنهنجي يار ارس ديوتا کي گهرايو. جڏهن ٻئي جڻا پلنگ تي ويهي عيش عشرت ۾ مشغول ٿيا تہ پلنگ جي لوڏن تي مٿان لڳل ڄار ۾ وڪوڙجي ويا. اهو ڏسي هيفائسٽس بہ نڪري نروار ٿيو ۽ ڪاوڙ ۾ وقلندو، جوٽس ۽ سندس يار کي بدشد ڳالهائڻ لڳو. پوءِ سڀني ديوتائن کي گهرائي اهو خواريءَ جو تماشو ڏيکاريائين. افروڊائيٽ ديوي ۽ ارس ديوتا ٻئي اگهاڙا هئا. نيٺ پوزيڊون ديوتا وچ ۾ پئي ٻنهي ڌرين جو نبيرو ڪيو. هن ارس ديوتا تي ڏنڊ رکيو، جيڪو هن هيفائسٽس کي ڀري ڏنو. انهيءَ تي مس مس وڃي هي مڙس ٺريو.

افروڊائيٽ ديويءَ کي ارس ديوتا مان ٻي ٻار ٿيا. کيس ٻين يارن مان بہ ڪافي اولاد ٿيو، پر پنهنجي مڙس هيفائسٽس مان ڪيس ڪوبہ اولاد نہ ٿيو.

هيفائسٽس ديوتا، زوس ديوتا جي ڌيءَ اٿينا ديويءَ جي سونهن سوڀيا تي مست ٿي ساڻس زوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جنگجو ديويءَ وڏن زورن سان تريون هڻي، ڌڪا ڏيئي پاڻ بچايو. ان حالت ۾ شهواني غلبي سبب هن ديوتا جي ڳجهي عضوي مان منيءَ جا ڦڙا اچي زمين تي پيا ۽ زمين ۾ ملڻ سان ان مان ايرچ ٿونس (منيءَ مان ڄاول) نالي هڪ ديو پيدا ٿيو. جنهن کي اٿينا ديويءَ پالي وڏو ڪيو ۽ آخر ۾ ايرچ ٿونس اڳتي هلي اٿينس جو بادشاهہ ٿيو.

آرگوناٽ پالائيمون، پيري فيٽس ۽ آرڊالس لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته هن ديوتا جا ٻار هئا.

## ڪاريگريءَ ڪارناما

اولمپس ۾ موتي اچي هن ديوتا پنهنجي لوهارڪي ڪم جو ڪارخانو لڳايو. جتي هن، ديوين ۽ ديوتائن لاءِ زرهون، زنجيرون، اوزار ۽ ڪيترائي هٿيار ٺاهيا. هن زوس ديوتا لاءِ وڄ ۽ گوڙ پيدا ڪندڙ لٺ، آرٽيمس ديويءَ ۽ اپالو ديوتا لاءِ تير ٺاهيا ۽ پنهنجي دائيءَ ٿيٽس جي پٽ اڪيليز لاءِ ۽ پنهنجي زال افروڊائيٽ جي پٽ اينيئس لاءِ زرهون ٺاهيون. اينيئس جو پيءُ اين ڪائسز هو.

اولمپس ۾ هن ديوتا جو سندس ماءُ هيرا ديويءَ سان پرچاءُ ٿي ويو. هڪ ڀيري جڏهن هيرا ديويءَ جو زوس ديوتا سان تڪرار ٿي پيو ته هن ديوتا ماءُ جو پاسو کڻي زوس ديوتا سان ڳالهائيندي تکو ٿي ويو. ان تي زوس ديوتا هيفائسٽس کي ٽنگ مان جهلي آسمان مان ڪڍي هيٺ اڇلايو ۽ هو اچي سمنڊ ۾ ڪريو. اتي پاڻيءَ ۾ تلندو تلندو وڃي ليمناس ٻيٽ مان نڪتو. جتي سن تيان قوم سندس پرگهور ڪئي. هن ديوتا اتي جي ماڻهن جي وڏي خدمت ڪئي، ڪين ڌاتن مان اوزار ٺاهڻ جو هنر سيکاريو. ان ڪري ليمناس جا ماڻهو ڪاريگريءَ ۾ يونانين کان به وڌي ويا.

* هن ديوتا ڪيترن ئي ديوتائن جي مدد ڪئي. ٽراءِ واري جنگ ۾ اڪيليز جڏهن اسڪامينڊر درياءَ ۾ ڪري ٻڏڻ تي هو ته هن ديوتا، باهه جي شعلي سان دريا کي سڪائي اڪيليز کي بچايو هو.

* ٽائيٽن جنگ ۾ هن ديوتا، زوس ديوتا جي دشمن مي ماس ديو کي ڳهريل لوهه هٺي ڪيرايو هو.

## ڌرتيءَ جا ساهوارا ۽ باهه

زوس ديوتا هن ڌرتيءَ کي سينگارڻ لاءِ پروميٿيئس ۽ ان جي ڀاءُ ايپي ميٿيئس ديوتائن تي اهو ڪم رکيو ته، هو انسانن ۽ جانورن جي تخليق ڪن. جن مٽي ۽ پاڻيءَ مان انسانن ۽ ٻين ساهوارن جي جُڙت جوڙي. هنن انسانن ۽ جانورن کي ديوتائن جهڙو بنايو. پروميٿيئس انسانن کي جانورن کان ممتاز ڪرڻ لاءِ انسانن کي باهه پيدا ڪرڻ جي قوت ڏني. جيڪا هن هيفائسٽس ديوتا جي ڌنوٽيءَ مان چورائي انسانن جي حوالي ڪئي، جيتوڻيڪ ان جي ڪيس منع ڪيل هئي ته، باهه ديوتائن جو شان آهي، ٻين ساهوارن کي

نہ ملڻ گهرجي. پر پروميٿيئس ديوتا کي پنهنجي تخليق ڪيل انسانن سان پيار هو، ان ڪري هن، زوس ديوتا جي انهيءَ حڪم جي تعميل نہ ڪئي.

زوس ديوتا، جڏهن هن ڌرتيءَ تي روشنيءَ جون لاٽون ڏٺيون تہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي هيفائسٽس ديوتا ۽ پنهنجي ٻن نوڪرن ڪراٽوس ۽ بيا کي حڪم ڏنو تہ پروميٿيئس کي گرفتار ڪيو وڃي. هيفائسٽس جي ٺاهيل لوهي زنجيرن سان پروميٿيئس کي ٻڌي ڪوهہ قاف جبلن ۾ قيد ڪيو ويو.

## ڪائنات جي پهرين عورت

انسانن کي باهہ جي طاقت ڏيڻ ڪري پروميٿيئس کان زوس ديوتا ڏاڍو ڏمريل هو ۽ هن کي سيکت ڏيڻ لاءِ هن هيفائسٽس ديوتا کي هڪ عورت جي تخليق جو حڪم ڏنو. هن ديوتا چيڪيءَ مٽيءَ مان هڪ عورت "پنڊورا" تخليق ڪئي. جنهن کي اٿينا ديويءَ زالاٿيون وصفون ڏنيون. اپالو ديوتا ڳائڻ وڄائڻ جي ڏات ڏني. هرمز ديوتا زباني ناز نخرا سيکاريس. "پنڊورا" جو حسن ڏسي سيئي ديوتا دنگ ٿي ويا.

هن ديوتا جو تصور ايشيا مان ورتل آهي ۽ اتان پکڙجي يورپ ۾ پهتو. ايشيا مائنر ۾ ڪاريا ۽ لائي سيا ۾ سندس عبادت ڪئي ويندي هئي. ليمناس ٻيٽ ۾ بہ هن ديوتا جي عبادت ڪئي ويندي هئي.

# آرٽيمس ديوي

# Artemus

## صفتون

زوس ديوتا ۽ ليٽو ديويءَ جي ڌيءَ، اپالو ديوتا جي جاڙي ڀيڻ، شڪار ۽ تيراندازيءَ جي ديوي، جهنگ جي سمورن جانورن جي محافظ، ٻارن ۽ هيٺين شين جي نگهبان، چنڊ ۽ فطرت جي پاڪ ديوي، زرخيزي آٽيندڙ، نون ڄاول ساهوارن جو بچاءُ ڪندڙ، هڪ زبردست انتقام پسند، ڪنوارين دوشيزائن ۽ سندن ڪنوارپڻي جي محافظ، عورتن کي اوچتو طبعي موت ڏيندڙ، ٻارهن اهم اولمپيائي ديوتائن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو.

## نالا ۽ لقب

هن ديويءَ کي ڊيلوس ٻيٽ ۾ سنٿ جبل وٽ پيدا ٿيڻ ڪري ڊيليا ۽ سنٿيا جي نالن سان سڏيو ويو آهي. هن جون خاصيتون سندس ڀاءُ اپالو سان ٺهڪندڙ هيون، ان ڪري هن کي اپالو جي لقبن فيبي ۽ پائيٿيا ۾ سڏيو ويندو هو. هن کي ڪالسٽي Kalliste يعني تمام سهڻيءَ جو ٻه لقب مليل آهي.

## نشان

تير ڪمان ۽ تيرن جي ٻٿي (ترڪش)، سرءُ جو وڻ ۽ سمورا جانور خاص ڪري هرڻي ۽ ڪتو سندس مقدس نشان آهن.

## آرٽيمس جي پيدائش

زوس ديوتا، ليٽو ديويءَ تي عاشق ٿي پيو ۽ ساڻس ميلاپ ڪيائين، ان مان ليٽو ديويءَ کي پيٽ ٿيو. زوس جي پٽ راڻي هيرا ديويءَ، ليٽو ديويءَ کي هن ڌرتيءَ تي وير ڪرڻ نٿي ڏنو. هن سندس سڀ گهٽ ۽ پيٽيون بند ڪري ڇڏيون. ان ڪري ليٽو ديوي هن ڌرتيءَ تي دربدر، ڪنهن اجهي جي ڳولا ۾ ڀٽڪڻ لڳي. آخر زوس پنهنجي محبوبه جي مدد لاءِ ڪيس پنهنجي ڀاءُ پوزيڊون ڏانهن اماڻيو. جنهن هن جي وير لاءِ ڊيلوس نالي هڪ خاص ٻيٽ تخليق ڪيو، جتي ليٽو ديوي ٻن جاڙن ٻارن "اپالو" ۽ "آرٽيمس" کي جنم ڏنو.

## آرٽيمس - انتقام وٺندڙ ديوي

* نيوبي ديويءَ ٻڌايو هئي ته، هن کي ست ڌيئرون آهن ۽ ليٽو کي فقط ٻه ٻار آهن. ان تي هن ديوي پنهنجي پٽ اپالو سان گڏجي نيوبي کي سندس ٻارن سميت ماري ڇڏيو.

* اپالو ديوتا جي پوٽي اڪٽيون پنهنجي ڪتن سان گڏ شڪار ڪندي، هڪ دفعي هن ديويءَ کي هڪ چشمي ۾ وهنجندي اگھاڙيءَ حالت ۾ ڏٺو. ان حالت ۾ هن ديوي جڏهن ڪنڌ ڪڍي اڪٽيون کي ڏٺو ته سخت سزا ڏيڻ جي خيال کان، هن کي ماٿهو مان ڦيرائي هڪ ڦاڙهو بنائي ڇڏيائين، جنهن کي اتي جو اتي سندس ئي ڪتن چيري ڦاڙي کائي ڇڏيو.

* هڪ ڪٿا مطابق، هن ديويءَ جو هڪ شڪاري ديو "اورين" سان عشق ٿي پيو، جيڪو خود به وڏو عشق باز هو ۽ ڪيترين عورتن سان سندس تعلق هئا. هن آرٽيمس جي هڪ ڪنواري جل پري اوپس سان زوري زنا ڪئي. ان ڪان سواءِ ٽائيٽن ۽ هائيبرين ۽ ٽائمن ٿيا جي ڌيءَ ايوس (پرهه ڦٽي) جيڪا هيليوس (سج) سيليني (چنڊ) جي ڀيڻ هئي، سا اورين تي عاشق ٿي پيئي ۽ هن کي آرٽيمس وٽان ڀڄائي، ڊيلوس ٻيٽ ۾ وٺي وئي، جتي هي ديوي ڄائي هئي.

هن ديويءَ اورين جي انهن حرڪتن تي حسد ۾ اچي ڪيس ماري ڇڏيو. پر ڪن ڪتابن ۾ اهو ڄاڻايل آهي ته هيءَ ديوي اورين سان شادي ڪرڻ واري هئي ته اپالو ديوتا، حسد وچان دوکو ڪري آرٽيمس جي هٿان هن کي مارائي ڇڏيو.

* آرٽيمس سان، اوٽس ۽ ايفيالٽس ٻن جاڙن ديون، زوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اپالو ديوتا ڪيڏ سان ٻنهي وچ ۾ هڪ هرڻ ڇڏيو جنهن ٻنهي ڀائرن آمهون سامهون تير هنيا. هرڻ وچان نڪري ويو ۽ ٻنهي جا تير وڃي ڪين آمهون سامهون لڳا ۽ مري ويا.

* ڪاليڊون جي بادشاهه اوئينس هڪ دفعي لاباري جي مند ۾ هن ديويءَ جي نالي قربانيءَ جي رسم ادا نه ڪئي. ان تي هن ديويءَ ڪاوڙجي هڪ خوفناڪ سوئر ڪاليڊان کي تباهه ڪرڻ لاءِ موڪليو.

* فيراءِ جي بادشاهه آڊيسٽس ڪان به اهڙي ڀل ٿي. هن پنهنجي شاديءَ

۾، هن ديويءَ جي عبادت نہ ڪئي. نتيجي ۾ هن سندس شادي واري بستري کي نانگن سان ڀري ڇڏيو.

* ڪالسٽو جل پري جيڪا آرڪاڊيا جي بادشاھہ جي ڌيءَ هئي ۽ هن ديويءَ جي پوڄارڻ هئي، ان سان زوس ديوتا، اپالو يا آرٽيمس جي روپ ۾ اچي ميلاپ ڪيو، ان ڪري سندس ڪنوارپڻو ختم ٿي ويو. اها ڳالهہ هن ديويءَ لاءِ ناقابل برداشت هئي. هن ڪالسٽو کي هڪ رڇڻ بنائي، پنهنجن تيرن سان ڪيس پڄائي ڪڍيو.

* هيءَ ديوي، پنهنجن پوڄاري ڪنوارين جل پرين جي ٽولي سان گڏ جبلن ۾ گهمندي هئي ۽ سيني ساهوارن جي پرگهور لهندي هئي.

ڪريٽ جون ديويون بريٽومارس ۽ ڊڪٽينا، سيليني (چنڊ) جي ديوي، افجينا ۽ اٽليءَ وارن جي ڊائنا ديوي، هن ديويءَ سان مشابهت رکن ٿيون.

افيسس ۾ هن ديويءَ جو هڪ زبردست مندر قائم ڪيو ويو هو، جيڪو آڳاٽي دنيا جي عجائبات منجهان ليکيو ويندو هو. ان مندر ۾ انتهائي بي حيائي واريون حرڪتون ٿينديون هيون.

ڪدڙا بہ هن جي پوڄا ڪندا هئا.

افيسس جي مندر ۾ رکيل مجسمي ۾ هن ديويءَ جي ڇاتيءَ تي ڪيترائي آرهہ ڏيکاريا ويا هئا.

# ڊميٽر (سيريس) ديوي
# Demeter (Ceres)

## صفتون

ڪرونس ديوتا ۽ رهيا ديويءَ جي ڌيءَ، زوس، پوزيڊون ۽ هيڊيز ديوتائن ۽ هيرا ۽ هيسٽيا ديوين جي ڀيڻ، زراعت، ڳوٺاڻي زندگي ۽ شاديءَ جي ديوي. جَون جي ديوي، ڌرتي ۽ اناج جي ديوي، زرخيزيءَ جي سرپرست، ايليوسس جي پراسرار عبادتن جي ديوي.

## نالا ۽ لقب

ڊميٽر ديويءَ کي جدا جدا حوالن سان ڪيترن ئي نالن ۽ لقبن سان منسوب ڪيو ويو آهي، جن مان مکيه هي آهن:

ان ماتا، وڏي ڌرتي ماتا، ايرينس Erinys وير وٺو، ملائينيا Melainia (ڪاري) ڊميٽر، چلوءِ Chloe، سائي ڊميٽر ۽ ٿيسمو فوروس (قانون لاڳو ڪندڙ)، ايليوسينيا Eleusinia.

## جنسي تعلقات ۽ اولاد

* ڊميٽر ديويءَ جو پهريون جنسي تعلق سندس ڀاءُ زوس ديوتا سان ٿيو، جنهن مان هن کي هڪ ڌيءَ پرسي فون نالي پيدا ٿي. جنهن کي ايليوسس جي پراسرار عبادت ۾ ڪوري Kore يعني ڪنواري سڏيندا هئا.

* هن ديويءَ جي ڌيءَ پرسي فون سندس ڀاءُ هيڊيز زوري ڀڄائي ڪٿي ويو هو. هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي ڳولا ۾ دربدر ٿي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ کيس ڳولڻ لڳي. جڏهن هوءَ آرڪاڊيا ملڪ ۾ پهتي ته اتي سندس ڀئي ڀاءُ "پوزيڊون" هن کي ڏسي ورتو ۽ هن سان زوري ڪرڻ جي اِرادي سان ڏانهس وڌيو، پر هن، ان جي نيت کي سمجهي ورتو. اُتي جهنگ ۾ آرڪاڊيا جي بادشاهه اونسيئس جي گهوڙين جو ڌڻ پيئي چَرنو. هن پنهنجي شڪل مٽائي

پاڻ ڪي هڪ گهوڙيءَ جي روپ ۾ آندو ۽ انهن گهوڙين ۾ شامل ٿي چرڻ لڳي. پوزيڊون اهو ڏسي پاڻ کي نَر گهوڙو بنايو ۽ مادي گهوڙيءَ جي شڪل ۾ آيل ڊميٽر تي ٽپو ڏنائين. هن پهرين تہ ڪاوڙ ۾ اچي چال تي ڏنو، پر پوءِ ماٺ ڪري ويهي رهي. ان کان پوءِ هن لاڊون نديءَ ۾ وهنجي پاڻ کي پاڪ ڪيو. انهيءَ ميلاپ جي نتيجي ۾ هن ديويءَ کي ڊيسپوئنيا نالي هڪ ڌيءَ ۽ آريون نالي هڪ نر گهوڙو ڄاوَ. ان واقعي پنيان هن کي ڪاري ڊميٽر سڏيو ويو.

* ٿيبيس جي بادشاهہ ڪادمس جي هارمونيا سان شاديءَ ۾ گهڻو ڪري سمورا ديوتائون شريڪ ٿيا هئا. اتي اياسين Iasion نالي هڪ ٺاهوڪي انسان کي ڏسي ڊميٽر هن تي هرکي پيئي. هو ٻئي شاديءَ جي هنگامن مان نڪري هڪ کيت ۾ پهتا، جنهن کي ٽي دفعا هر ڏنل هو، اتي ميلاپ ڪيائون. زوس ديوتا کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن وڄ ڪوڙ واري لٺ هٿي اياسين کي ساڙي ڇڏيو. اياسين مان هن کي پلوٽس (دولت) ۽ فلوميلس نالي پٽ ڄاوا.

* هيڊيز ديوتا، زوس ديوتا جي مرضيءَ سان هن ديوي جي ڌيءَ پرسي فون کي زوريءَ ڀڄائي ويو هو. پنهنجي ڌيءَ جي ڳولا ۾ هيءَ انساني ويس ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رلڻ لڳي. جنهن ۾ سندس سئو آڌر ڀاءُ ٿي ڪيو ان کي پوک ۽ کيتيءَ جو هنر ٿي ڏنائين ۽ جنهن ۾ هن کي ڏسي ٻوٽ ٻيڄڙو ٿي بنايو، ان کي سزا ٿي ڏنائين.

ايليوسس شهر وٽ هوءَ هڪ ڏکويل پوڙهي عورت جي شڪل ۾ هڪ کوهہ جي پر ۾ اچي ويٺي. اتي جي بادشاهہ سيليئس Celeus جون ڌيون کوهہ تي پاڻي ڀرڻ آيون. اهي هن پوڙهيءَ تي رحم کائي کيس گهر وٺي آيون. راڻي ميٽانيرا سندس سئو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ سندس هر طرح سان خدمت ڪئي ۽ پنهنجو پٽ ڊيموفون سندس سنڀال ۾ ڏنو.

نيٺ هڪ ڏينهن ڊميٽر پنهنجي اصل صورت ۾ اچي سيليئس بادشاهہ ۽ سندس گهر وارن کي پنهنجي اصل نسل کان آگاهہ ڪيو. هن بادشاهہ کي سندس عبادت لاءِ هڪ مندر ٺاهڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ کين پنهنجي عبادت جي مخفي ۽ پراسرار رسمن جو طريقو سيکاريو. اهڙيءَ طرح ڊميٽر جي عبادت جي پراسرار رسمن جو بنياد ايليوسس ۾ پيو.

انهيءَ عبادتگاهہ ۾ ڊميٽر کي ٻارهن مهينا لنگهي ويا. هن ڪنهن بہ

ديوي ديوتا، سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هيءَ پوک ڪيتيءَ ۽ زرخيزي جي ديوي هئي. سندس گوشه نشين ٿيڻ ڪري هن ڌرتيءَ ۾ هڪ خوفناڪ ڏڪار اچي منهن ڪڍيو. زوس ديوتا اهو ڏسي ڳڻتيءَ ۾ اچي ويو ته، ڏڪار ۾ ماڻهو ۽ جانور مري ويندا، پوءِ ڪير ديوتائن لاءِ قربانيون ڏيندو. اهو سوچي هن آئرس ديويءَ کي ڊميٽر ڏانهن اماڻيو، پر ڊميٽر سندس ڳالهه به نه ٻڌي ۽ اهو چيائين ته جيستائين سندس ڌيءَ پرسي فون هن کي موٽي نه ملندي تيسين هوءَ ٻي ڪا به ڳالهه نه ٻڌندي.

آخر زوس ديوتا ٻانهن موٽائي ڏيارڻ جو وعدو ڪيو، پر هڪ شرط تي، ته ان وچ ۾ پرسي فون پاتال ۾ هئڊيز وٽ جي ڪجهه به نه کاڌو هوندو ته کيس ڊميٽر جي حوالي ڪيو ويندو. زوس پنهنجي پٽ هرمس جي هٿان پرسي فون کي گهرائي ورتو. وڃڻ وقت هئڊيز پرسي فون کي هڪ ڏاڙهون ڏنو. جنهن جا ٻه ٽي داڻا هن کاڌا. اها خبر وٺي زوس فيصلو ڪيو ته پرسي فون سال جو ٽيون حصو (يا اڌ حصو) هئڊيز وٽ گذاريندي ۽ باقي وقت پنهنجي ماءُ وٽ رهندي. پوءِ جيڪو عرصو هوءَ هئڊيز وٽ هوندي آهي ڌرتيءَ تي ڏڪار رهندو آهي ۽ باقي پوک ڪان وٺي لاباري تائين وارو عرصو هوءَ ماءُ وٽ ايندي آهي ته سُڪار رهندو آهي.

## سزائون

ڊميٽر، پنهنجي دربدر حالت ۾ اٽيڪا ۾ هڪ ماڻهوءَ مسمي جي گهر وئي. اتي هن کي ٻه ڏنائون، جيڪا هن تڙ تڪڙ ۾ پيتي. اهو ڏسي مسمي جو پٽ ائسڪئلي يس هن تي کلڻ لڳو. ڊميٽر کي ڪاوڙ وٺي وئي ۽ باقي بچيل ٻه ڪٽي ان جي منهن تي هاريائين، تنهنڪري هو ماڻهوءَ مان ڦري سانڊو ٿي ويو.

* سيليئس بادشاهه جي راڻي ميٽانيرا هن ديويءَ کي هڪ غريب ٻڍي عورت سمجهي مٿس رحم کاڌو ۽ کيس پنهنجي پٽ ڊيموفون جي دائي بنايو. ڊميٽر، ڊيموفون کي دل جان سان سانڍيو ۽ لافاني بنائڻ لاءِ ڏينهن جو امرت کاڌو ۽ امرت رس پياريندي هيس ۽ رات جو کيس باهه تي رکندي هئي. هڪ ڏينهن اهو سندس ڪِر راڻيءَ ڏسي ورتو ۽ هن کان رڙ نڪري وئي. اها حالت ڏسي ڊميٽر کي الٽو ڪاوڙ لڳي وئي، هن خارن ۾ اچي ڪٽي ڊيموفون کي پٽ تي اڇلايو.

* ٽيسيلي ۾ شاهه بلوط جي وڻن سان ڇانيل هڪ هڙي هئي. ايري

سچئون نالي هڪ شخص ڊميٽر جي منع ڪرڻ جي باوجود ان هڙيءَ جا وڻ وڍڻ شروع ڪيا. هن پنهنجي لاءِ هڪ ڪاٺ جو ڪمرو ٺاهرايو. ڊميٽر ڪاوڙ ۾ اچي ان کي اهڙي ته ورهاد (بُک) ڏني جو هو جيڪي به هو کائيندو هو سو اتي جو اتي هضم ٿي ويندو هو ۽ وري بک هن کي اچي ورائي ويندي هئي. ان ڇتي بک وگهي هو ڪائي ڪائي ڪنگال ٿي ويو. نيٺ پنهنجي هڪ ڌيءَ ميسترا کي به وڪڻي ڇڏيائين. ميسترا کي هڪ ملاقات ۾ خوش ٿي، پوزيڊون ديوتا پنهنجي شڪل مٽائي ڪابه شڪل اختيار ڪرڻ جي ڪرامت ڏني هئي، ان ڪري ايري سچئون هن کي روزانو نئين شڪل ۾ وڪڻندو هو، ته به سندس پيٽ نه ڀربو هو. هوءَ جانورن جون شڪليون مٽائي پنهنجي پيءُ جي کاڌي جو بندوبست ڪندي هئي؛ پر ڀڙس جي بک اهڙي ڇتي هئي جو ڇا به ڪائي تڏهن به اهڙي جو اهڙو. نيٺ ايري سچئون پنهنجو ماس کائڻ لڳو ۽ ان وگهي مري ويو.

* زوس ديوتا پنهنجي ماءُ رهيا کي ڊميٽر ڏانهن موڪلي هن کي پرچائي تڏو ڪيو ۽ ڪانئس انسان ذات تي مهربان ٿيڻ جو واعدو ورتو.

* ڊميٽر، ڪور سائرا ٻيٽ جي هڪ غار ۾ رهندڙ هڪ جابلو پريءَ ماڪرس تي مهربان، ٿي سندس ملڪي ماڻهن کي ان ٻيٽ تي اناج جي پوک ۽ لاباري جي ڪرت سيکاري.

* هن اتيڪا ملڪ جي ماڻهن کي ڪجيءَ جو وڻ ڏنو.

* ايليوسس ۾ هن ديويءَ سي ليس بادشاهه جي پٽ ٽرپٽوليمس Triptolemus کي زرعي هنر جي سکيا ڏني ۽ ايليوسس جا اسرار سمجهايا ته جيئن آئنده ان مخفي طريقي سان هن ديويءَ جي عبادت ٿيندي رهي.

* ٽرپٽوليمس کي هن ديويءَ جادوءَ جي زور سان هڪ اڏامندڙ گاڏي به ڏني، جنهن کي اڏامندڙ پرن وارا نانگ اڏائيندا هئا. جڏهن ٽرپٽوليمس کي سيليس بادشاهه بيحرائي جي الزام ۾ مارڻ چاهيو ته هن ديويءَ هن کي بچايو ۽ سيليس کي تخت تان هٽ ڪٽائي ان جي جاءِ تي ٽرپٽوليمس کي ايليوسس جو بادشاهه بنايو. جنهن هن ديويءَ جي عبادت کي زور وٺايو.

* ٽرپٽوليمس کان پوءِ يومولپس Eumolpus نالي هڪ يونانيءَ هن ديويءَ جي عبادت کي زور وٺايو. يومولپس لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو هڪ حرامي ٻار هو، جنهن کي ماڻس سمنڊ ۾ اڇلايو. اتان پوزيڊون ديوتا هن

ڪي ڪڍيو ۽ پنهنجي ڌيءَ ڪي سانڊيڻ لاءِ ڏنو. ڪن مورخن هن ڪي پوزيڊون جو پٽ سڏيو آهي. هن ڪي حبش جي بادشاهه پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏنو. اتان هن ڪي پنهنجي ساليءَ سان زوري ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪڍيو ويو. حبش مان هو ٿريس آيو. اتي جي بادشاهه هن ڪي پناهه ڏني، پنهنجي ڌيءَ هن سان پرڻائي. يومولپس ڪي پنهنجي سهري ڪي تخت تان لاهڻ جي الزام هيٺ ٿريس مان به ڪڍيو ويو. اتان هو ايليوسس ۾ آيو، جتي هن ڊميٽر ديويءَ جي پراسرار عبادت ڪي زور وٺايو. يومولپس ڪي هرڪيولس سورمي پاڪ ڪري انهن مخفي رسمن ۾ شريڪ ڪيو. هو اٿينس ۽ ايليوسس جي وچ ۾ لڳل جنگ ۾ مري ويو.

* يومولپس کان پوءِ هن ديويءَ جي عبادت جو انتظام سندس ڪٽنب يومولپدائي هلائيندو هو.

ڊميٽر ديويءَ ڪي جدا جدا نالن سان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پوڄيو ويندو هو: رومي هن ڪي اناج جي ديوي سيريس جي نالي سان، مصري هن ڪي آئيسس Isis جي نالي سان، فرجيا وارا سبل Cybele جي نالي سان سندس عبادت ڪندا هئا.

هن ديويءَ جي اعزاز ۾ ڪيترائي زرعي ميلا ٿيندا هئا، جن ۾ سندس عبادت جون مخصوص ۽ پراسرار رسمون ادا ڪيون وينديون هيون.

## ميلا

### هالوئا Haloa (اناج ڳاهڻ)

هي ميلو لاباري کان پوءِ اناج ڪي ڳاهڻ واري مند، ڪتيءَ ۾ ٿيندو هو. اهو ميلو پوزيڊون جي مهيني (ڊسمبر) ۾ شروع ٿيندو هو. انهيءَ ۾ ڊميٽر سان گڏ نباتات جي ديوتا پوزيڊون ۽ شراب جي ديوتا ڊايوني سس جي به پوڄا ٿيندي هئي. هن ميلي ۾ مستاءِ يعني مذهبي رسمون ادا ڪندڙ فقط عورتون هونديون هيون. انهيءَ عبادت ۾ فحش حرڪتون، چرچا يوڳ ۽ لنگ پوڄا شامل هوندا هئا.

هن ميلي ۾ ماڻهو گاهن، ولين ۽ وڻن جي پهرين ڦر وارا ميوا ايلوسس پهچائيندا هئا. قربانيءَ جي مانيءَ ۾ ماس يا رتوچاڻ ٿيل ڪابه شيءِ استعمال نه ڪئي ويندي هئي. ڏاڙهون ماڪي ۽ بيضن واپرائڻ جي به منع ڪيل هئي.

## چلوئيا Chloeia (سرسبزي)

هي ميلو بهار جي مند جي منهن ۾ ڊميٽر چلوء (سائي ڊميٽر) جي اعزاز ۾ ملهايو ويندو هو، ان ڪري جو ڊميٽر وڏنڊڙ ساوڪ ۽ سرسبزيءَ جي ديوي هئي.

## پروئي روسيا Proerosia (کيڙ)

هي ميلو زمين کي هر ڏيڻي کيڙڻ کان اڳ ملهايو ويندو هو. اٿينس ۾ جڏهن ڏڪار پيو ته ڊيلفي مندر مان الهام ٿيو ته سڄي ملڪ مان سمورا ڀريان ميوا اٿينس ۾ آٿي ديويءَ کي پيٽا رکيا وڃن. اهڙيءَ طرح هي ميلو ڏڪار لاهي سُڪار آڻڻ لاءِ ملهايو ويندو هو. هن ميلي جي خاص مقدس رسم هئي زمين کي ٽي دفعا هر ڏيڻ.

## ٿالوسيا Thalusia (ٿورا مڃڻ)

هي ميلو سرءُ جي موسم ۾ هن ديويءَ جي شڪر ادائي ڪرڻ لاءِ ملهائبو هو.

## ڊميٽريا Demetria

هي ميلو اٿينس جا ماڻهو ڊميٽر ديويءَ جي اعزاز ۾ ملهائيندا هئا. انهيءَ ميلي ۾ ماڻهو وڻن جي وٽيل ڇوڏن مان ٺاهيل ڇهبڪن سان هڪ ٻئي کي سٽيندا هئا ۽ فحش حرڪتون ڪيون ويندڀون هيون.

## ٿيسمو فوريا Thesmo phoria (پوڄا)

هي نج پج زالن جي مخصوص عبادت هئي، جنهن ۾ ڪوبه مرد يا غلام عورت (ٻانهي) شامل نه ٿي سگهندي هئي. آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۾ ٻج پوکڻ جي مند ۾ لڳندڙ هن ميلي ۾ اها عبادت ڪئي ويندي هئي. هن عبادت جي رسمن ۾ هيجان انگيز فحش ناچ ۽ فحش حرڪتون ڪيون ويندڀون هيون. انهن رسمن ۾ لنگ پوڄا سان گڏ تشبيهن ۽ لنگ جو فحش استعمال به شامل هو.

## ايليوسس جا اسرار Eleusinian Mysteries

ايليوسس Eleusis جو آڳاٽو شهر يونان جي گاديءَ جي هنڌ اٿينس کان اتر اولهه ۾ 12 ميل پري آهي. اهو شهر ڊميٽر ديويءَ جي اعزاز ۾ ٿيندڙ تاريخي ميلن ۽ هن ديويءَ جي عبادت جي پراسرار رسمن کان مشهور آهي. انهيءَ عبادت ۾ شريڪ ٿيندڙ اميدوارن کي ڀريائين اٿينس جي ويجهو اگراءِ

وٺ ٿيندڙ هڪ مذهبي ميلي ۾ شريڪ ٿي، مخصوص ڳجهين رسمن جي ابتدائي تربيت وٺي پوندي هئي. اگراء جو ميلو بهار جي موسم ۾ ٿيندو هو. ان ڪان پوءِ ڪين ٻهرين درجي جي گهڻ اهميت واري عبادت ۾ شريڪ ڪيو ويندو هو. ان لاءِ ڪانئن باقاعدي پڇاڻو وٺي رازداري جو قسم ڪٽائي پوءِ شامل ڪيو ويندو هو. هرڪنهن ٻار ۽ ٻڍي توڙي جوان عورت ۽ مرد کي انهيءَ عبادت ۾ داخل ٿيڻ جو حق هو. غلامن کي به شموليت جو حق هو. رومي شهنشاهه به انهي عبادت ۾ شامل ٿيڻ پنهنجي لاءِ وڏو شرف سمجهندا هئا.

ٻهرئين درجي جي عبادت ۾ شريڪ ٿيل ماڻهن کي مستاءَ Mystai سڏبو هو. (جيئن حج ڪيل مسلمان پاڻ کي حاجي ٿا سڏائين) انهن جي اڳواڻ يا سونهي کي مستگاگ Mystagogue سڏبو هو. ان کان پوءِ ڪين آخري عبادت ۾ شريڪ ٿيڻ جو حق ڏنو ويندو هو. ٽئي درجي جي آخري ۽ اعليٰ عبادت ۾ شريڪ ٿيندڙ کي ايپوپٽاءَ Epoptia سڏبو هو.

عبادت جا چار درجا هئا: (1) شروعاتي پاڪائي ۽ صفائي، (2) عبادت جي رسمن جي قاعدن قانونن جي ڄاڻ، (3) مقدس ڳالهين کي ظاهر ڪرڻ، (4) آخري مرحلو مستاءَ جي تاجپوشي يا ڪيس گلن جا هار پهرائڻ.

ايليوسس واري اها پراسرار عبادت حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان اڳ ستين صدي ق.م ۾ شروع ٿي هئي. اها عبادت يونان جي قديم هيليني Hellenic دور کان به اڳاٽي عتيق Attic تهذيب واري دور ۾ رائج ٿي هئي.

عتيق مهيني بوئيڊ روميون (سيپٽمبر) جي 19 تاريخ ڊميٽر جا پوڄاري ۽ زائرين گلن جا هار پائي، اٿينس جي ايفيبي Ephebi مندر ۾ جمع ٿيندا هئا. اتان اياڪس Iacchus ديوتا جو بت کڻي هڪ وڏو جلوس ڪڍي ايليوسس ڏانهن روانا ٿيندا هئا (اياڪس کي باخس Bocchus يا ڊائيوني سس به سڏيو ويو آهي). واٽ تي جلوس اياڪس جا نعرا هڻندو رستي ۾ مقدس جاين جا سلام ڀريندو ويندو هو.

يوناني ڊرامہ نگار ارسٽوفنس Aristophanes اياڪس ديوتا کي هڪ حسين ۽ نوجوان ديوتا سڏيو آهي. يوناني مورخ استرابو Strabo ان کي ڊميٽر جو روح سڏيو آهي. دراصل اياڪس اٿينس جو ديوتا هو ۽ اٿينس وارن ايليوسس ۾ ٿيندڙ عبادتن ۾ پنهنجي ديوتا جي عبادت کي به ڳنڍي ڇڏيو هو.

اٿينس ۽ ايليوسس جي وچ ۾ سيفي سس جي پل ٽپي شام جو اهو جلوس اچي ايليوسس پهچندو هو. اتي اڌ رات جو اياڪس ديوتا جي عبادت ڪئي ويندي هئي. ٻئي ڏينهن 20 تاريخ تي ايليوسس مان مقدس امانتون کڻي

اهو جلوس واپس اٿينس موٽندو هو. اهي مقدس امانتون دراصل قديم ديوين جا ننڍڙا بت ۽ تشبيهون هونديون هيون.

ايليوسس مان زائرين جو جلوس واپس اٿينس ايندو هو ۽ اتي سمورا مستاءِ، فاليرم وٽ وهنجندا هئا ۽ سوئر جو رت پنهنجي بدن تي مکي پاڻ کي پاڪ ڪندا هئا. پوءِ وري اهو جلوس "اياڪس! اياڪس!!" جا نعرا هڻي مقدس امانتن سان گڏ وري به ايليوسس ڏانهن ويندو هو. اتي وچي سمورا مستاءِ (پوڄاري) عبادت جون مخصوص ۽ مخفي رسمون ادا ڪندا هئا.

جنهن هال ۾ اهي عبادت جون پراسرار رسمون ادا ڪيون ويندي‌يون هيون، ان کي ٽيليسٽيرين Telesterian سڏبو هو. اهو هڪ وڏو 17 چورس فوٽن جو هال هو. اهو هال هڪ جابلو ٽڪريءَ کي وڍي ٺاهيو ويو هو. ان جي چوطرف ٽڪريءَ کي ڪٽي ان مان درجي وار وهڻ جون پٿرائيون جايون ٺاهيل هيون. اها عبادتگاهه هڪ رومي آرينا وانگر ٺاهيل هئي.

عبادت جي آخري ۽ اعليٰ مرحلي ۾ تربيت ورتل ۽ پاڪ ڪيل زائرين ايليوسس جي مندر ۾ داخل ٿيندا هئا. انهيءَ عبادت جو مهندار هيروفانٽ Herophant سڏبو هو. هيروفانٽ، يومولپس جي خاندان يومول پدائي Eumolpidai مان چونڊيو ويندو هو. ان جو اصل نالو وٺڻ گناهه سمجهيو ويندو هو. هيروفانٽ پهرين سيني جي اڳيان خطبو پڙهندو هو. پوءِ هر ڪنهن شريڪ مستاءِ (زائر) کان سوال پڇيا ويندا هئا.

اڄ تو ڇا ڪاڌو آهي؟ اهو ڪاڌو توکي ڪٿان مليو؟ ڇا تنهنجا هٿ صاف آهن؟ (گناهن کان). تنهنجو روح پاڪ آهي؟ (بدنيتي ۽ براين کان).

انهيءَ عبادت جي عرصي ۾ عابد زائرين خاص مذهبي ڪاڌو کائيندا هئا. ڏاڙهون، بيدا ۽ ماکي کائڻ جي منع هئي.

انهن مذهبي رسمن ۾ شريڪ ٿيندڙ مستاءِ کي اهو يقين هو ته انهن عبادتي رسمن ادا ڪرڻ کان پوءِ هو سيني ڏوهن گناهن کان آجا ٿي ويندا. ان ڪري ڪيترائي بدڪردار ۽ ڏوهاري ماڻهو انهن رسمن کي وڏي اهميت سان ادا ڪندا هئا ۽ پوءِ سيڪو پوڄاري پاڻ کي ڊميٽر ديويءَ ۽ سندس ڌيءَ ڪوري (ڪنواري) جي رحمت ۽ برڪت جو حقدار سمجهندو هو. شادي شده زالون، آئنده لاءِ پنهنجي مڙسن سان وفادار ٿي رهڻ ۽ پاڪ صاف زندگي گذارڻ جو قسم کڻي، اتان سٽيون جتيون ٿي نڪرنديون هيون.

عبادت جون رسمون ادا ڪرڻ کان پوءِ عبادت ۾ شريڪ سيني ماڻهن کي هئي جهان ۾ سيني گناهن کان آجڪائيءَ جو يقين ٿيندو هو. آواگان (ٻي

جوڻ) نظريئي جي تصور سان گڏ حيات بعدالموت جو تصور به سندن ذهن ۾ هوندو هو. پر اهي تصور ڪجهه صدين گذرڻ کان پوءِ ايليوسس جي پوڄارين جي عبادت ۽ اعتقادن ۾ داخل ٿيا، ته مرڻ کان پوءِ اهي وري ٻي جوڻ ۾ زنده ٿيندا. سندن روح وري ڪنهن انسان يا جانور جي شڪل ۾ داخل ٿي وري نئين حياتي ماڻيندا.

عبادت جي انهن پراسرار ۽ مخفي رسمن ۾ ٻنهه آڳاٽي جڳ جا پراڻا ۽ اگهاڙا ناچ ٿيندا هئا ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي عجيب غريب رسمون ادا ڪيون وينديون هيون.

ڊميٽر ديويءَ جو ويم، سندس ڌيءَ ڪوري (ڪنواري) جي پيدائش ۽ ڪوري جو پلوٽو (هئڊيز) ديوتا هٿان اغوا ٿيڻ ۽ سندس زوريءَ لڄ لٽجڻ، ڌيءَ جي وڇوڙي ۾ ڊميٽر جو دربدر رلڻ ۽ آخر ماءُ ۽ ڌيءَ جو ملڻ- هڪ ڊرامي جي صورت ۾ ڏيکاريو ويندو هو. ان ناٽڪ کي ڊرومينون Dromenon سڏبو هو. ڊراما جو اکر اتان ورتل آهي.

ان ڊرامي ۾ اناج جي ديوي ڊميٽر جي شادي آسماني ديوتا زوس سان ڪرائي ويندي هئي. ان ۾ ڊميٽر جي پوڄارڻ (ڊميٽر جي (پاران) ڪنوار ٿيندي هئي ۽ وڏو پوڄاري هيروفانٽ (زوس جي بدران) گهوٽ ٿيندو هو. پر ان ۾ سندن جنسي ميلاپ فقط ناٽڪي يا علامتي Symbolic ٿيندو هو. هيروفانٽ هڪ ڪڙي زهريلي وڻ جو رس Hemlock پيئڻ ڪري شهوت يا مردانه قوت کان محروم ٿي ويندو هو. مشعلن جي اجهامڻ کان پوءِ گهوٽ ڪنوار جي جوڙي کي هڪ اونداهي ڪنڊ ۾ اڪيلو ڇڏيندا هئا. ان وچ ۾ پوڄارين جو هجوم انهيءَ آس نراس جي ٻڏتر ۽ اوسيڙي ۾ هوندو هو ته انهيءَ جوڙي جي ميلاپ جو ڪهڙو ٿو نتيجو نڪري. سندن عقيدي موجب سندن ڇوٽڪاري جو اهوئي وسيلو هو.

ٿوري دير بعد اهو مها پوڄاري هيروفانٽ ٻاهر نڪري ايندو هو ۽ هڪ شعلي جي سوجهري ۾ ماٽ منيءَ ۾ مڪئي جو هڪ سنگ ڪٽي اچي ڏيکاريندو هو. پوءِ اهو اعلان ڪندو هو ته راتيءَ بريمو کي پاڪ بريموس ڄائو آهي "هڪ زوردار هستيءَ هڪ زورآور شيءِ پيدا ڪئي آهي." "آن-ماءُ" پنهنجي ٻچي آنَ کي ڄڻيو آهي.

آن- ماءُ ڊميٽر جي (سندس پوڄارڻ جي روپ ۾) ويم جا سُور، ڊرامائي نموني ڏيکاريا ويندا هئا. اناج جي وڏيل سنگ کي ڏيکارڻ سان انهيءَ ناٽڪ جو آخري سين پورو ٿيندو هو.

# پرومي ٿيئس (ديوتا)
# Prometheus

### صفتون

ڪائنات ۾، سڀ کان اول، چيڪي مٽيءَ مان، انسانن جا بوتا خلقيندڙ- (جن ۾ اٿينا ديويءَ ساهه وڌو). انسانن کي نيڪي، بدي، ڪوڙ، سچ، سخاوت، بخيلي ۽ ٻيون وصفتون ۽ خاصيتون عطا ڪندڙ، انسانن ۾ جانورن ۽ پکين واريون خصلتون پيدا ڪندڙ- سيني، قسمين قسمين جانورن جي بوتن جو خالق ٽيٽن Titan خاندان جو هڪ ڏاهو ديوتا، جنهن انسانن کي باهه جي استعمال کان سواءِ، لکڻ پڙهڻ، حساب ڪتاب، نجوم ۽ طب جا علم سيکاريا. ماڻهن کي گڏهن، گهوڙن اٺن، رڍن، ٻڪرين، ڍڳين ۽ ٻين جانورن چارڻ، پالڻ ۽ انهن جي کير گوشت، کلن، وارن ۽ اُنَ جي استعمال جا طريقا سيکاريا.

نہ صرف ايترو، بلڪ پرومي ٿيئس ديوتا انسانن کي سمورن علمن، فنن ۽ هنرن جيَ بنيادي ڄاڻ ڏني ۽ ڏاهپ جا گس ٻڌايا.

جيئن تہ، ابتدا ۾، سيني انسانن کي، ٿيءَ ٿينديءَ جي خبر پوندي هئي، ان ڪري هو، سيني ايندڙ مصيبتن ۽ آفتن کان اڳ ۾ واقف ٿي ويندا هئا. ايتري قدر جو، هنن کي پنهنجي موت جي اڳواٽ خبر پئجي ويندي هئي، نتيجي ۾، انسان پنهنجي مستقبل جو حال معلوم ڪري، ڏڪ، خوف ۽ پريشانيءَ جي زندگي گهاريندو هو. پرومي ٿيئس، انسان کي ان ذهني پيڙا کان آجو ڪرڻ لاءِ، انسانن کان اڳ-ڪٿيءَ جي قوت کسي ورتي ۽ کين "انڌي اميد" حوالي ڪيائين تہ جيئن انسان اميد جي آسري، بهتر زندگي گذاري سگهي.

پرومي ٿيئس ديوتا جو پيءُ ايپيٽز ۽ ماءُ ٿيمي هئي. ڪن روايتن ۾، اوشيانس جي ڌيءَ ڪلائي منيءَ کي سندس ماءُ ڄاڻايو ويو آهي. سندس ٽي ڀائر اٽلس، مينوٽيس ۽ ايپي ميٿس هئا.

پرومي ٿيئس کي اٿينا ديويءَ ستارن ۽ جوتش جو علم ڏنو، ان کان

علاوه، ڪيس رياضي، جهاز راني، طب ۽ ڌاتوئن ڳاهڻ جي ڄاڻ سان نوازيو.

پرومي ٿيئس، جيڪي ڀ انسان جا ٻوتا ڳاهيا، انهن جا مهانڊا ديوتائن جهڙا رکيائين. ٻوتا ڳاهي زوس ديوتا کي ڏيکاريندو هو. پر "فائنون نالي" هڪ سهڻي ڇوڪر جو ٻوتو هن زوس کي نه ڏيکاريو. جڏهن زوس کي ان جي خبر پيئي ته هن ان ڇوڪري کي جوپيٽر (مشتري) تارو بنائي آسمان ۾ ٽنگي ڇڏيو.

## جانورن جي قرباني

پرومي ٿيئس، جيڪي انسان جوڙيا هئا، تن جو هڪ ڀيري ديوتائن سان زبردست جهيڙو ٿي پيو. نيٺ رپومي ٿيئس وچ ۾ پئي ٻنهي ڌرين جو پاڻ ۾ ناهه ڪرايو. ان ناهه تحت، انسانن لاءِ اها سزا مقرر ڪئي ويئي ته هو ديوتائن لاءِ جانورن جي قرباني ڪندا رهندا. قربانيءَ جو گوشت ٻن حصن ۾ ورهايو ويندو، هڪ حصو ماڻهو پاڻ کڻندا، باقي حصو، جنهن ۾ آنڊا، هڏا، اوجهريءَ ۽ کل، وغيره اچي وڃن ٿا، اهي ديوتائن جي نالي ڪيا ويندا.

## انسانن تائين باهه پهچائڻ سبب پرومي ٿيئس کي سزا

پرومي ٿيئس، انسانن لاءِ باهه جو هئڻ ضروري سمجهيو ته جيئن هو رڌ پچاءُ ڪري سگهن. لوهه پگهاري، ان مان هٿيار ٺهوار ڳاهي سگهن ۽ ٻيا ڪم وٺن. ان ڪري، هن هيفائسٽس جي ڌنوٽيءَ مان باهه چورائي، ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏي. اها ڳالهه زوس ديوتا کي پسند نه آئي، ڇاڪاڻ ته زوس ديوتا جو خيال هو ته باهه فقط ديوتائن لاءِ مخصوص آهي، جيڪا ڪيس سائڪلوپس جي ديوتائن وٽان "سوکڙي" طور ملي هئي. ان ڪري هن پرومي ٿيئس سان گڏ سيني انسانن کي ڀ سخت سزا ڏيڻ جي رٿا ٺاهي. هن سڀ کان اول، هيفائسٽس ديوتا کي هڪ "عورت" جو ٻوتو ڳاهڻ جو حڪم ڏنو. هيفائسٽس ته شاهه ڪاريگر هو. هن ٻنل مٽيءَ مان هڪ سهڻي ۾ سهڻي عورت جو ٻوتو ٺاهيو. جنهن ۾ اٿينا ديويءَ ساهه ڦوڪي زندگي وڌي. پوءِ سيني ديوتائن ۽ ديوين کي سڏي اها ڪائنات جي پهرين عورت ڏيکاري ويئي. زوس ديوتا جي خواهش مطابق، اٿينا ديويءَ، دنيا جي ان پهرينءَ عورت کي سٽ مان سڳا ڳاهي، سٺا ۽ اوچا وڳا ويس اُڻڻ ۽ سئيءَ سان سبڻ جو هنر ڏنو.

حسن، عشق ۽ جنسي ڪشش جي ديويءَ افروڊائيٽ، ان عورت کي سونو هار ۽ ٻانهن ۾ سونا ڪڙا وجهي، اهڙو ته سينگاريو جو ڏسڻ سان سڀ

ڪنهن مرد جي دل مٿس هرڪي پوي. هرمز ديوتا ان عورت کي مٺو ڳالهائڻ ۽ زالاڻا ناز نخرا، ڍوهه ۽ چلتي بازي سيکاري. دنيا جي ان پهرين عورت جو نالو "پنڊورا" رکيو ويو، جنهن جي معنيٰ آهي: سوکڙين سان نوازيل.

ان کان پوءِ زوس ديوتا جي حڪم تي، هرمز ديوتا پنڊورا کي ڪٺي اچي هن ڌرتيءَ تي، پرومي ٿيئس جي گهر پهچايو. پنڊورا سان گڏ هڪ پيتي يا مٽ به لاٿو ويو، جيڪو ڪيس ڏاج ۾ ڏنو ويو هو. جنهن ۾ سڄي دنيا جون بڇڙايون، خرابيون، بيماريون، مصيبتون ۽ ٻيا ڏک سور ۽ عذاب بند ٿيل هئا. پرومي ٿيئس ديوتا جي غير حاضريءَ سبب، سندس ڀي سمجهه ڀاءُ ايبي ميٿئس، زوس ديوتا طرفان سوکڙي طور موڪليل اها عورت قبول ڪري، ساڻس شادي ڪئي. جيتوڻيڪ، پرومي ٿيئس پنهنجي ڀاءُ کي اڳ ۾ ئي سمجهائي ڇڏيو هو ته زوس ديوتا کان پاسو ڪري ۽ ان طرفان موڪليل ڪابه سوکڙي وغيره قبول نه ڪري؛ مگر هو تحفي ۾ مليل حسين عورت کي موٽائي نه سگهيو.

پنڊورا کي پاڻ به، اها خبر نه هئي ته ڪيس ڏاج ۾ مليل پيتيءَ ۾ ڇا بند آهي. ان ڪري، جيئن ئي هن پيتي کولي ته سموريون بيماريون، بڇڙايون، خرابيون اڏامي سڄي دنيا ۾ ڪاهي پيون ۽ انسان ذات کي وکوڙي ويون. اهڙيءَ طرح، زوس ديوتا، باهه حاصل ڪرڻ جي ڏوهه ۾، انسان کي اڻ-ڪٿ ۽ اذيتناڪ سزا ڏني.

ٻي طرف، انسانن تائين باهه پهچائڻ جي ڏوهه هيٺ زوس ديوتا، پرومي ٿيئس کي لوهي سنگهرن ۾ ٻڌائي ڪوهه قاف جبل جي چوٽيءَ تي ٽنگائي ڇڏيو، جتي زوس ديوتا طرفان موڪليل هڪ ڳجهه روزانو پرومي ٿيئس جو جيرو پٽي کائيندي هئي. جيئن ته، پرومي ٿيئس ٽائٽن خاندان مان هئڻ ڪري "لافاني" هو ان ڪري، هن جو ڪاڌل جيرو ٻئي ڏينهن تي، ساڳيو اوتري جو اوترو ٿي ويندو هو. نيٺ، هرڪيولس (هيراڪليز) ان ڳجهه کي تير هڻي ماري، پرومي ٿيئس کي ڪوهه قاف جي قيد مان آزاد ڪرايو.

هڪ ٻي روايت مطابق، زوس ديوتا، پرومي ٿيئس کي ان شرط تي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ته هو ڪيس، سندس هڪ محبوبه "ٿيٽس جل پريءَ" مان پيدا ٿيندڙ ٻار جي قوت بابت احوال ڏئي. ابتدا ۾، پرومي ٿيئس زوس ديوتا جي ڪابه ڳالهه نه ٻڌي ۽ ڪوه قاف جبل تي ٽنگيو رهيو. ان تان ڪاوڙجي، زوس ديوتا ڪيس پنهنجي وڄ ۽ گوڙ پيدا ڪندڙ لٺ وهائي ڪڍي. جنهن سبب پرومي ٿيئس ان جبل جي ٻنيءَ سميت وڃي پاتال ۾ ڪريو. نيٺ گهڻي

وقت کان پوءِ، هن زوس جو شرط قبول ڪيو ۽ ڪيس ٻڌايو ته ٿيٽس جل پريءَ مان پيدا ٿيندڙ ٻار ڪانئس ڪان ٻه وڌيڪ سگهارو ٿيندو. اهڙيءَ طرح، زوس ديوتا جو اقتدار خطري ۾ پئجي ويندو. زوس ديوتا اهو ٻڌي ٿيٽس جل پريءَ جي هميشه لاءِ پچر ڇڏي ڏني ۽ واعدي مطابق پرومي ٿيئس کي آزاد ڪري ڇڏيو.

## دنيا جو وڏي ۾ وڏو طوفان

پنڊورا جي پيٽيءَ مان نڪتل برائين سبب، سڄيءَ دنيا ۾ بڇڙايون ڪاهي پيون هيون. اُن ڪري زوس ديوتا ٻه فڪر ۾ پئجي ويو. جڏهن هو پاڻ ڌرتي ڏسڻ آيو ته اتي، آرڪاڊيا جي بادشاهه ڪيس مهمانيءَ ۾ پنهنجو غلام کهي ان جو گوشت ڪارايو. هاڻ، زوس کي يقين ٿيو ته دنيا ۾ بڇڙاين جي انتها ٿي ويئي آهي. ان ڪري زوس ديوتا انسان ذات کي ختم ڪرڻ لاءِ هن دنيا ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي ٻوڏ آندي.

ان ٻوڏ کان اڳ پرومي ٿيئس جي چوڻ تي پٽس ڊيوڪالين هڪ ٻيڙي ٺاهي اڳواٽ ان ۾ ڪاڌي پيتي جو انبار لڳائي ڇڏيو هو. پوءِ هڪ وڏو طوفان آيو ۽ وڏا مينهن وٺا، سمنڊ پلٽجي پيا ۽ هيءَ دنيا هڪ وڏي ٻوڏ هيٺ اچي وئي، جنهن ۾ سمورا انسان ختم ٿي ويا. پر ڊيوڪالين ۽ پائراهه ٻئي زال مڙس بچي ويا ۽ نوَ ڏينهن نوَ راتيون پاڻيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ سندن ٻيڙي وڃي پارناسس جبل تي پهتي. اهو ٻه چيو وڃي ٿو ته پرومي ٿيئس يا ان جي ماءُ ٿيمس جي نصيحت تي ٻنهي زال مڙس پٿر اڇلايا، جن مان زالن مردن جو نئون انساني نسل پيدا ٿيو.

اٽيڪا جي ملڪ ۾ ڪاريگرن جي ديوتا جي حيثيت ۾ پرومي ٿيئس جي پوڄا ڪئي ويندي هئي.

# اڪليز ديوتا
# Achilles

### صفتون

سونهري وارن وارو، جانٺو، ڦڙتيلو ۽ سگهارو. يونان جو هي ناليرو بهادر سورمو، تروجن جنگ ۾ شريڪ سيني يوناني سورمن کان مٿاهون درجو رکندڙ هو. هو سڪندر اعظم لاءِ به هڪ مثالي هيرو هو. هڪ جذباتي، خود غرض، ظالم، بداخلاق، ڪريل ۽ نيچ سورمو، هڪ وڏو زاني، عورتن ۽ ڇوڪرن سان برو فعل ڪندڙ، مئل عورتن سان به جنسي فعل ڪندڙ، سندس ماءُ ٿيٽس Thetes کيس آب حيات ۾ پير جي کُڙيءَ کان جهلي اُبتو وهنجاريو هو ان ڪري هو لافاني بنجي ويو، پر سندس پير جي کُڙي لافاني ٿيڻ کان رهجي وئي.

### نالا ۽ لقب

ماءُ پيءُ جو نالو اڪليز هو ۽ لائيڪوميڊيز جي محل ۾ کيس سرڪائي سيرا Sercysera، آئيسا Aissa ۽ پائرها Pyrrha جي زنانن نالن سان سڏبو هو. هومر هن سورمي کي پوڊارڪيس Podarkes (تيز ڊوڙندڙ) سڏيو آهي. کيس پيمپٽس به سڏيو ويو آهي.

### جنم

اڪليز جو پيءُ پيليس Peleus ٿيٽا جو بادشاهه هو ۽ سندس ماءُ ٿيٽس هڪ سامونڊي جل پري هئي، جنهن تي زوس ديوتا ۽ پوزيڊون ديوتا ٻئي ياڻر عاشق هئا. پر پوءِ جڏهن خبر پيئن ته ٿيٽس مان ڄمندڙ پٽ پنهنجي پيءُ کي ترڙي ڇڏيندو، تڏهن شاديءَ تان هٿ کڻي ويا ۽ زوس ٿيٽس جي شادي هڪ انسان پيليس سان ڪرائي. انهيءَ شاديءَ ۾ بنا دعوت جي ايرز Eris (مصيبت) ديوي گهڙي آئي ۽ اٿينا، هيرا ۽ افروڊائيٽ ديوي جي اڳيان اڇي

هڪ سونو صوف اڇلايائين. ان تي لکيل هو ”سيني کان وڌيڪ سهڻيءَ لاءِ“. اهو صوف نيٺ ٽراءِ جي شهزادي پيرس جي هٿان وڃي افروڊائيٽ (وينس) ديويءَ کي مليو. ان ڪري اٿينا ۽ هيا ديوين کي وينس ديويءَ سان حسد ٿي پيو ۽ اها ڳالهه ٽروجن جنگ جو بنياد ثابت ٿي.

ٿيٽس کي پيليس مان ست پٽ ٿيا. جن مان ڇهه ڄڻا لافاني بنائڻ جي خواهش ۾ باهه ۾ تپائيندي، سندس هٿان مري ويا، باقي ستين پٽ اڪليز کي پيليس زوريءَ وچ باهه مان ڪڍيو هو، ان ڪري هو بچي ويو ۽ ان ڳالهه تان ڪاوڙجي ٿيٽس پيليس کي ڇڏي وئي. ان کان اڳ اڪليز کي هوءَ اسٽائر نديءَ ۾ ڪڙيءَ کان اُبتو جهلي ٽٻي ڏياري چڪي هئي، ان ڪري ڪڙيءَ کان سواءِ سندس سمورو بدن لافاني ٿي چڪو هو.

پيليس اڪليز کي وٺي وڃي قنطور خيرون Centour chairon وٽ پيلين جبل تي ڇڏيو. اتي خيرون هن کي شينهن ۽ سوئر جو گوشت ۽ رڇن جي هڏين جي مخ کارائيندو هو، جيئن منجهس سورهيائي پيدا ٿئي. کيس ڊوڙ ۾ تکو ٿيڻ لاءِ هرڻين جي هڏين جي مخ ۽ ماکيءَ جو مانارو به کارايو ويندو هو. خيرون کيس گهوڙي سواري ۽ شڪار سان گڏ بانسري وڄائڻ به سيکاري. کيس ويڄن جي ڦڪين ٻڪين کان به واقف ڪيو. ڪيلي اوپي Calliope نالي هڪ ميوز کيس وڏين دعوتن ۾ ڳائڻ جو هنر به سيکاريو. ڇهن سالن جي عمر ۾ هن هڪ جهنگلي سوئر جو شڪار ڪيو. پوءِ هو اڃي هريو ۽ ورزانو جهنگ مان سوئر ۽ شينهن ماري خيرون جي غار ۾ آڻڻ، سندس وتيرو ٿي ويو. هو ايڏو ته ڊوڙ جو تکو هو جو ڪتن کان سواءِ هرڻ به جهليو ايندو هو. آرٽيمس ۽ اٿينا ديوين کي به اڪليز جي ڦڙتي ڏسيو ڏندين آڱريون اڇيو ويندڻيون هيون. سندس ماءُ ٿيٽس کي اڳ ۾ ئي اهي پڙا پئجي ويا هئا ته ٽراءِ واري جنگ مان اڪليز جيئرو ڪونه موٽندو. اڪليز جي تقدير ۾ اهو لکجي چڪو هو ته ٽراءِ جي جنگ ۾ وڏو نالو ڪڍي مري يا پنهنجي ملڪ ۾ خواريءَ جهڙي وڏي ڄمار ماڻي. انهن ڳالهين کي ڳڻي ماڻس کيس هڪ ڇوڪريءَ جو ويس ڍڪائي، اسڪائي روس جي بادشاهه لائي ڪو ميڊيز جي حوالي ڪيو.

## عشق ۽ اولاد

لائي ڪو ميڊيز بادشاهه جي محل ۾ اڪليز هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ پائرها جي نالي ۾ رهيل هو. پر بادشاهه جي ڌيءَ ڊيڊاميا Deidameia وٽ سندس پردو کلي پيو. هئي پاڻ ۾ نهي ويا ۽ لڪ چوريءَ پاڻ ۾ سمهڻ

سهڙڻ لڳا. ڊيڊاميا کي پـيٽ ٽي پيو ۽ هن کي نيوپٽوليمس نالي هڪ پٽ ڄائو.

* هن جي ڦيٽا ۾ سندس هڪ دوست پٽروڪليس سان گهٽي گهرائي هوندي هئي. هن پٽروڪلس سان غير فطري تعلقات قائم ڪيا هئا. پٽروڪلس هن کان عمر ۾ وڏو هو ۽ هن تي عاشق هوندو هو.

* چيو وڃي ٿو ته هن سورمي، افي جينيا سان به شادي ڪئي هئي.

* ٽراء جي بادشاهه پريام جي هڪ سهڻي پٽ ٽروئلس Troilus سان به هن بدفعلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن انڪار ڪيو ۽ ڀڄي ويو. هن ان کي وڃي جهليو ۽ ساڻس وحشي جانور وانگر زوري غير فطري فعل ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ماري ڇڏيو.

* برائي زيز، ڦرلٽ جي مالي ۾ سندس پتيءَ ۾ آئي هئي، ان کي اگامنان وڇان ڦٻائي ويو هو. ان ڪري اڪليز يونانين جو ساٿ ڇڏي جنگ ۾ بي طرفدار ٿي ويهي رهيو. پر پوءِ نيٺ جڏهن هو جنگ جي ميدان ۾ واپس موٽيو تڏهن ڪيس سندس سريت برائي زيز واپس موٽائي ڏني وئي.

* پريام جي ڌيءَ پولڪزينا تي به هي عاشق هو، پر ان جي ڀاءَ هيڪٽر پولڪزينا لاءِ ڏکيا ۽ بي عزتيءَ جهڙا شرط رکيا هئا. جيڪي هن پورا نه ڪيا. پوءِ وري به هن پولڪزينا کي هٿ ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پر ڪامياب نه ٿي سگهيو. هڪ روايت ۾ اهو چيو ويو آهي ته پولڪزينا جي آسري ۾ هو هڪ اٽڪل جو شڪار ٿي جهلجي پيو ۽ ماريو ويو.

* ٽروجن جنگ کان اڳ هو هيلن تي عاشق هو ۽ هڪ رات خواب ۾ ڪيس هيلن ڏسڻ ۾ آئي ۽ ان سان خواب ۾ جنسي ميلاپ سبب ڪيس تڙ پڄي ويو هو. ان ڪري جڏهن جنگ هلندي هن ٽراء جي ڦلعي جي پٽ تي هيلن کي جيئرو جاڳندو ڏٺو ته ڇتو ٿي پيو. ڪن روايتن ۾ اهو چيو ويو آهي ته مرڻ کان پوءِ پوئين دنيا ۾ پاتال ۾ هيلن سان سندس شادي به ٿي هئي.

* اهو به چيو ويو هو ته عالم ارواح ۾ ميڊيا سان به سندس شادي ٿي هئي.

* اميزان راڻيءَ پينٿي سيليا ٽراء وارن جي مدد ۾ هن سورمي سان جنگ ڪئي. جنگ ۾ پينٿي سيليا مري وئي. پوءِ هن سورمي نهايت ذلالت سان هن راڻيءَ جي لاش سان جنسي ميلاپ ڪيو.

## ٽراءِ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ

ٽراءِ جو شهزادو پئرس اسپارٽا جي راڻيءَ هيلن کي ڀڄائي ويو هو.

هيلن جي ڀانهن وٺڻ لاءِ يونان جي ماڻهن اسپارٽا جي بادشاهه مينيلس جي ڀاءُ اگامنان جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ وڏو ٻيڙو ٺاهي، ٽراءِ تي چڙهائي ڪئي. جنهن ۾ ان دور جي وڏن وڏن يوناني ديوتائن ۽ سورمن حصو ورتو. اگامنان هن سورمي کي آڻڻ لاءِ اوڊي سس، نيسٽر ۽ اجاڪس کي موڪليو. جن اچي بادشاهه لائي ڪوميڊيز کان موڪل وٺي سندس محل ۾ هن سورمي جي ڳولا ڪئي. اڪليز اتي پائرها جي نالي سان هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي روپ ۾ رهندو هو. اوڊي سيئس چالاڪي ڪري محل ۾ قسمين قسمين شين جو ڍير لڳايو ۽ محل ۾ رهندڙ سيني عورتن ۾ هوڪو ڏنو ته جنهن کي جيڪا به شيءِ وڻي سان کڻي وڃي. ان سان گڏ اوڊيسس محل جي ٻنيان جنگي توتارا وڄائڻ ۽ تلوارن جي ٽڪرائڻ جو حڪم ڏنو. توتارن جو آواز ۽ تلوارن جو ڇنڪات جڏهن هن سورمي جي ڪنن تي پيو ته هن کي جوش وٺي ويو ۽ سوڪڙين جي انبار مان ڳولي وڃي تلوار ۽ ڍال ڪنيائين. ۽ زنانو چولو لاهي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح ڳالهه جو پول کلي ويو ته هو ڇوڪري ناهي پر ڇوڪرو آهي. ان کان پوءِ پنهنجي مرميڊون قبيلي جي جوانن کي ساڻ ڪري خوشيءَ سان جنگ تي روانو ٿيو.

هڪ ٻي روايت ۾ چيو ويو آهي ته اوڊي سيس ۽ نيسٽر جڏهن پيليس بادشاهه وٽ پهتا ته هن فونڪس Phoenix جي نگرانيءَ ۾ پنهنجي پندرهن سالن جي عمر جي پٽ اڪليز کي ساڻن گڏي ڇڏيو. ٿيٽس پنهنجي پٽ اڪليز لاءِ هڪ سهڻي پيتي سٺن ڪپڙن ۽ قيمتي گاديلن سان ڀري کيس ساڻ ڪري ڏني. هن سورمي سان گڏ سندس هڪ دوست پيٽروڪلس به هو. جيڪو عمر ۾ کانئس وڏو هو، پر حيثيت ۾ کانئس گهٽ هو. هن جي پيٽروڪلس سان گهاٽي ياراني هئي. ايتري قدر جو ائين چيو ويو آهي ته هنن جا پاڻ ۾ غير فطري تعلقات به هئا. هن جي مهنداريءَ ۾ يوناني ساموونڊي ٻيڙو يوناني فوج کي کڻي ٽراءِ ڏانهن روانو ٿيو ۽ واٽ ۾ پلجي يوناني ٻيڙي وڃي مائيشا ۾ لنگر هنيو. اتي جي بادشاهه ٽيلي فس، جيڪو هيراڪليز جو پٽ هو، تنهن يونانين کي ڏاڍو ماريو ۽ ڪين موٽائي سندس جهازن ڏانهن اماڻيائين. پوءِ اڪليز ۽ پٽروڪلس به اتي وڃي پهتا. هن سورمي نيزو هڻي ٽيلي فس کي ڦٽي وڌو. پوءِ ٽيلي فس ۽ سندس ساٿين ڀڄي جند ڇڏائي. واٽ تي اسڪائي روس ٻيٽ تي لهي پيا ۽ اتي لائي ڪوميڊيز بادشاهه جي ڌيءَ ڊيڊيميا سان هن سائنس سوٽن سان شادي ڪئي. هوڏانهن ٽيلي فس جا ڌڪ نه ڇٽا، تنهن کي اپالو ديوتا اهو ٻڌايو ته اهي ڦٽ اهو ڇٽائيندو، جنهن لڳايا

هوندا، اهو ٻڌي هو اڪليز وٽ ويو، جنهن هڪ ٻوٽيءَ ڪي سندس نيزي جي رنگ سان ملائي تيلي فس جي زخمن تي رکيو جنهن ڪري هو چڱو ڀلو ٿي ويو.

ان کان پوءِ ٻيو ڀيرو يوناني ساموندي ٻيڙو اولس Aulis ۾ گڏ ڪيو ويو. اتي مشهور جوتشي (اڳڪٿيون ڪندڙ) ڪالچس (Callchas) اها پيشن گوئي ڪئي ته جيستائين آگامينان پنهنجي سهڻي ڌيءَ آفي جينيا کي آرٽيمس ديويءَ جي نالي قرباني نه ڪندو، تيستائين سٺائو واءُ نه لڳندو ۽ ٻيڙو وچي نه سگهندو. آگامينان ٺڳي ڪري پنهنجي زال ڪليٽيم نيسٽرا کي چورائي موڪليو ته آفي جينيا کي ڏياري موڪل ته سندس شادي اڪليز سان ڪرايان. آفي جينا کي جڏهن اصل ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن هن رضا خوشيءَ سان پنهنجي ملڪ جي مفاد لاءِ ڪسڻ قبوليو. ائين به چيو وڃي ٿو ته هن سورمي کي جڏهن خبر پئي ته سندس نالي جو ڊوهه ڪري آفي جينيا کي گهرايو اٿن ته هن ڪنهن طرح آفي جينيا کي مرڻ کان بچائي سائيٿيا موڪلي ڇڏيو. ائين به چيو ويو آهي ته هن ڊيڊيميا سان نه پر آفي جينيا سان شادي ڪئي هئي، جنهن مان نيوپٽوليمس ڄائو هو.

جڏهن يوناني ٻيڙو ٽراءِ جي ويجهو هڪ ٻيٽ ٽينڊوس وٽ پهتو ته اتي جي بادشاهه ٽينيس Tenes جيڪو اپالو ديوتا جو پٽ هو. تنهن يونانين جو مقابلو ڪيو ۽ هڪ پٿر جي وڏي چپ ڪٽي يونانين کي هٽڻ تي هو ته اهو ڏسي اڪليز ٻيڙي مان ٽڪڙو تري اچي ڪناري تي پهتو ۽ نيزو هڻي ٽينيس کي ماري وڌائين. جڏهن اڪليز کي اها خبر پئي ته ٽينيس اپالو ديوتا جو پٽ آهي، ته ڪاوڙ مان پنهنجي نوڪر مني مون کي ماري وڌائين جو هن ڪيس اڳواٽ اهو ڇو نه ٻڌايو ته ٽينيس ڪو اپالو ديوتا جو پٽ هو. هن کي سندس ماءُ اڳ ئي اهو چتاءُ ڏنو هو ته جي اپالو جي ڪنهن پٽ کي مارينديِن ته اپالو وير نه ڇڏيندو ۽ توکي به ماريندو.

ان کان پوءِ هن ٽينيس جي ڀيڻ هيمي ٿيا جي لڄ لٽڻ لاءِ ان جي پٺ ورتي. پر قدرت سان زمين ڦاٽي پئي ۽ هيمي ٿيا زمين دوز ٿي وئي. انهيءَ ٻيٽ ٽيني ڊوس ۾ ئي هن جو يوناني فوجن جي سپهه سالار آگامينان سان جهڳڙو ٿيو هو. اڪليز جو چوڻ هو ته آگامينان ڪيس سچيءَ دل سان ٽراءِ واري جنگ ۾ شامل ڪرڻ نٿي چاهيو.

اڪليز ٻيو يوناني هو جنهن ٽراءِ جي سرزمين تي سيني کان اڳ قدم رکيو. ڪن جو چوڻ آهي ته هو سيني کان پوءِ اتي آيو هو. ڇاڪاڻ ته اها پيشن گوئي ٿيل هئي ته جيڪو حملو آور ٽراءِ جي زمين تي پهريائين قدم

رڪندو اهو ئي سڀ کان اڳ ۾ مرندو. پروٽيسي لاس اهو پهريون يوناني هو جنهن ٽراءِ ۾ پهريون قدم رکيو ۽ سڀني کان اڳ ماريو ويو هو.

اڪليز پنهنجي جهاز کان سڌو ٽپ ڏئي اچي ٽراءِ جي ڪناري تي بيٺو، جتي سندس پير لڳا، اتي پاڻيءَ جو چشمو ٺهي ويو. اتي لهندي شرط سڪنس Cycnus سان سندس ويڙهه ٿي، جنهن تي ڪنهن به تير تلوار يا نيزي جو اثر نه ٿئي ٿيو. اڪليز پنهنجي خود جي ڏاڪڻ سان ڪيس ڦاهو ڏئي ماريو. اهو سڪنس پوزيڊون ديوتا جو پٽ هو. ان کان پوءِ يونانين ٽراءِ جو گهيرو ڪري پنهنجي جهازن کي ڪناري تي بيهاري ڇڏيو.

## ٽراءِ جي فتح ٿيڻ جي باري ۾ پيشن گويون

* جيڪڏهن پريام بادشاهه جو پٽ ٽروئيلس ويهن ورهين جي ڄمار جو ٿي ويو ته پوءِ ٽراءِ فتح نه ٿي سگهندو.

* ٽروئيلس جو موت يونانين لاءِ ضروري ٿي پيو. ان کي هن سورمي وڏي ذلالت سان ماريو. اپالو ديوتا جي مندر جي بيحرمتي ڪري، ان مندر ۾ ڪيس زخمن سان چور چور ڪري ساڻس غير فطري فعل ڪيائين.

* مشهور جوتشي ڪالچس اها پيشن گوئي ڪئي هئي ته آگامينان جي ڌيءَ آفي جينا کي ڪهي قربان نه ڪيو ويندو ته يونانين جي سامونڊي سفر لاءِ واءُ سٺائو نه لڳندو ۽ سفر تي نه سگهندو.

* جيڪو به ٽراءِ جي جنگ ۾ ٽراءِ جي سرزمين تي پهريائين قدم رکندو اهو سڀني کان اڳ مري ويندو.

* جيڪڏهن ٿريس جي بادشاهه رهيسس جي گهوڙن اسڪامينڊر دريا جو پاڻي پيتو ۽ ٽراءِ جي زمين جو گاهه ڪاڌو ته ٽراءِ فتح ٿي نه سگهندو.

## اوچتا حملا

* هن هڪ راتاهو هڻي پريام بادشاهه جي باغ مان سندس پٽ لائي ڪائون کي جهلي ’ٻانهو بنائي‘ پٽروڪلس جي حوالي ڪيو. جنهن ڪيس يونيس بادشاهه وٽ وڪڻي ڇڏيو. پر پوءِ ان جي مائٽن فديو ڏئي ان کي آزاد ڪرائي ڇڏيو.

* لائي ڪون کي گهر آئي اڃا ٻارنهن ڏينهن مس ٿيا ته هن سورمي وري به ان کي حملو ڪري ماري ڇڏيو.

* هن پنهنجن ڪن چونڊ سائين سان گڏجي تراء جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ قرمار ۽ تباهي ڪرڻ شروع ڪئي. اڊا جبل تي هن بادشاهه پريام جي هڪ پٽ ميسٽر کي ماري ڇڏيو. هڪ ٻئي شهزادي اينياس Aeneas کي سندس چوپايو مال ڇڏي ڀڄڻ تي مجبور ڪيائين.

* لائرنيسس جي شهر کي تباهه ۽ ويران ڪري ڇڏيا.

* ميسٽر جو چوپايوَ مال ڪاهيائين.

هن هيٺين شهرن تي حملا ڪري انهن تي قبضو ڪيو.

1. ليسبوس Lesbos 2. فوڪائيا 3. ڪولوفون 4. سمرنا 5. ڪلاز وميناء 6. سائمي 7. ايجيالس 8. ٽينوس 9. ايڊراميٽيم 10. ڊائڊي Dide 11. اينڊيم 12. ليناٿيم 13. ڪولون 14. انٽانڊرس.

انهن کان سواءِ هن هيڪٽر جي زال انڊرامڪي Andromache جي پيءُ ايشن جي شهر ٿيبي تي حملو ڪري، ايشن کي سندس سٽن پٽن سميت ماري ڇڏيو. اتي اپالو جي مندر جي پوڄاري ڪرائي سس Chryses جي ڌيءُ ڪراهي سيز Chryseis کي ٻه ٻانهي بنايو ويو. ڪراهي سيز مال غنيمت جي ورهاڱي ۾ آگامينان جي پتيءُ ۾ آئي هئي.

ان کان سواءِ هن سورمي ٿيبي شهر مان پيڊاسس نالي مشهور گهوڙو به پاڻ سان آندو. اڊا جبل وٽ اڪليز جي هڪ حملي ۾ تراء جي مشهور سورمي اينيس Aeneus کي پنهنجو چوپايو مال ڇڏي ڀڄڻو پيو. هن لائيري نيسس جي شهر تي حملو ڪري ان کي برباد ڪري ڇڏيو. اتي جي بادشاهه مائي نيس Mynes ۽ سندس ڀاءُ مقابلي ۾ مارجي ويا. مائي نيس بادشاهه جي زال برائي سيس Briseis کي قيد ڪري اڪليز جي ٻانهي بنايو ويو. انهيءُ ڏک وگهي برائي سيس جي پيءُ برائي سس Brisius غيرت ۾ پاڻ کي ڦاهو ڏئي ماري ڇڏيو. اڪليز ۽ آگامينان جي وچ ۾ ڦوٽ جو ڪارڻ اها ئي برائي سيس هئي. اپالو ديوتا کي سندس پوڄاري ڪرائي سيس جي ڌيءُ کڄڻ جو ڏاڍي ڪاوڙ وئي وئي. هن آگامينان کي حڪم ڪيو ته يڪدم ٻانهن موٽائي منهنجي پوڄاري جي حوالي ڪر. آگامينان لاچار ٿي ڪراهي سيس کي ان جي پيءُ جي حوالي ڪيو، پر پاڻ وري برائي سس کي پاڻ وٽ وهاري ڇڏيائين. ان تان اڪليز ۽ آگامينان جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ اڪليز يونانين جو ساٿ ڇڏي ٻي طرفدار ٿي ويو.

## ٽراءِ جي جنگ

جنگ کي 9 سال گذري ويا، پر يوناني ٽراءِ فتح نہ ڪري سگهيا. ان زماني ۾ سياري ۾ جنگ ڪان پاسو ڪيو ويندو هو. سپاهي جنگي ڪسرتن ۾ ڏينهن پورا ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن پريام بادشاهہ جي راڻيءَ هيڪوبا Hecuba پنهنجي سهڻي ڌيءَ پوليڪزينا سان گڏ اپالو ديوتا جي مندر ۾ وئي. اتي هي سورمو پوليڪزينا کي ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو. هن پوليڪزينا جي وڏي ڀاءُ هيڪٽر کان سنگ گهريو. هيڪٽر کيس چوائي موڪليو تہ، "جنهن ڏينهن تون يوناني ڪئمپ ڇڏي ٽراءِ ۾ اچي اسان جي لشڪر سان شامل ٿيندين، ان ڏينهن پوليڪزينا جي ٻانهن تنهنجي حوالي ڪنداسون، پر جي تون يوناني ڪئمپ ڇڏي نٿو سگهين تہ، پنهنجي سوٽ اجاڪس وڏي کي مارڻ جو قسم کڻ." پر اها پوئين ڳالهہ هن جي ڪرڻ کان ٻاهر هئي. نيٺ بهار جي موسم سان گڏ جنگ جي باهہ بہ ڀڙڪا کائڻ لڳي. جنگ جي ميدان ۾ اڪليز هيڪٽر جي ڪڍ لڳو، پر هيڪٽر جي ڀاءُ هيلي سس جي تيرن کيس ڦٽي وڌو. هوڏانهن پنهنجي پوڄاريءَ جي ڌيءَ جي ڪڄڻ تي اپالو ديوتا بہ ڪاوڙ ۾ ڀرجي يونانين تي تيرن جو مينهن وسايو.

اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ زوس ديوتا جو دلي لاڙو بہ ٽراءِ وارن ڏانهن هو، تنهن اڪليز جو يونانين سان جهڳڙو ڪرائي ڇڏيو. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ پولڪزينا جي سڱ جي لالچ ۾ بادشاهہ پريام کي خوش ڪرڻ لاءِ هن جنگ کان منهن موڙيو هو. هوڏانهن هيڪٽر جڏهن هن کي مقابلي لاءِ للڪاريو تہ هن چيو تہ آئون جنگ تان هٿ کڻي چڪو آهيان.

اڪليز جي نہ هئڻ ڪري جنگ جي پڙ ۾ ٽراءِ وارن جو پاسو ڳرو ٿي ويو. ٽراءِ جون فوجون يونانين کي ڌڪي اچي سندن جهازن تائين پهتيون. انهيءَ مايوسيءَ ۾ ڌڪاڄي آگامينان، فونڪس، وڏي اجاڪس Ajax the great ۽ اوڊي سيس کي ٻن نقيبن سان اڪليز وٽ موڪليو ويو تہ ڪنهن طرح کيس راضي ڪري اچن. هنن کيس ڪيترين قيمتي سوکڙين سان گڏ برائي سس جي ٻانهن موٽائي ڏيڻ جي آڇ ڪئي ۽ اهو بہ ويساهہ ڏنائونس تہ اجا تائين آگامينان برائي سس جي اوڏو بہ نہ ويو آهي ۽ هوءَ ڪنواري آهي. ان سان گڏ هن کي آگامينان جي طرفان اهو بہ چيو ويو تہ سندس ٽن ڌيئن مان جيڪا وڻيس سا وهار پر ساٿ نہ ڇڏ. پر اڪليز جي ڪاوڙ ڍري نہ ٿي. هن ڪين ٽڙ ٽپ جواب ڏئي ڇڏيو.

هُئي ڏينهن پنهي ڌرين جي وچ ۾ چٽي ويڙهه لڳي. ٽراءِ جي سپه سالار هيڪٽر يونانين جي بچاءَ واري لائين ٽوڙي کين ياچ ڪائڻ تي مجبور ڪيو. ان جنگ ۾ يونان جا ناميارا سورما آگامينان، ڊيوميڊيز، اوڊيسيس، يوري پلس ۽ يونانين جو وڏو ويچ مڪائون به سخت زخمي ٿيا. ايتري قدر جو وڏو اجاڪس به پڙ پالهو ڪري پچي نڪتو. انهيءَ جنگ ۾ اپالو ديوتا ٽراءِ وارن جي طرف هو ۽ پوزيڊون ۽ هيرا ديويءَ يونانين جي مدد ڪئي. اڪليز پروٽيسي لنس جي جهاز کي ڏٺو، جنهن کي ٽراءِ وارن باهه ڏئي ڇڏي هئي، اهو ڏسي هن کان پنهنجو وير وسري ويو. سندس دوست پيٽروڪليس سندس زره ۽ هٿيار ڍڪيو وڙهيو پئي ۽ يوناني جهازن کي باهيون ڏيندڙ ٽراءِ وارن تي تيرن جو وسڪارو لائي ڏنو هٽائين.

يونانين جي هار تي اڪليز جي دل تان وير وروڌ وسري ويو ۽ هن پنهنجي پوئلڳ مرميڊونن کي حڪم ڏنو ته پيٽروڪلس جي پوئواري ڪن. پيٽروڪلس کي ٽراءِ وارن اڪليز جي ويس ۾ ڏٺو هو، تن سمجهيو ته اهو اڪليز آهي، سي پوئتي هٽي ويا. پيٽروڪلس همت ڪري جهازن مان باهه وسائي ۽ سرپيڊون کي ماري وڌائين. جنهن لاءِ چيو ويو آهي ته زوس يا پوزيڊون جو پٽ هو. ڪن جو چوڻ آهي ته ان جنگ ۾ پيٽروڪلس جيڪر اڪيلي سر فتح ڪري وجي ها، پر اپالو ديوتا ٽي دفعا کيس قلعي جي ڀت تان ڪيرائي ڇڏيو. نيٺ هيڪٽر هڪ ئي ڌڪ سان پيٽروڪلس کي ماري وڌو ۽ يونانين جي ڏسندي ڏسندي هن سندس بت تان اڪليز واري زره ۽ هٿيار لاهي ورتا. ان کان پوءِ ميني لس ۽ وڏي اجاڪس مڙسي ڪري پيٽروڪلس جو لاش ڪٽي يوناني ڪئمپ ۾ پهچايو. پيٽروڪلس جو لاش ڏسي اڪليز ڏک وچان پٽ تي ڪري پيو ۽ ڌوڙ ۾ ليٽڙجڻ لڳو.

ان کان پوءِ ٿيٽس پنهنجي پٽ اڪليز لاءِ نئين زره ۽ هٿيار هيفائسٽس ديوتا کان ٺهرائي ڪٽي اچي هن سورمي کي ڏنا. اڪليز انهيءَ زره تي هٿيار لڳائي، اچي جنگ جي پڙ ۾ پير وڌو. هن ٽراءِ وارن ۾ چوطرف ڦرڦوٽ ۽ ڌمڪاءَ وجهي ڇڏيو. هو وٺي اسڪامينڊر درياءَ ڏانهن ڀڳا ۽ باقي بچيل ڀين ٽراءِ جي ماڻهن، هيسيل ۽ ڊنل هرڻين وانگر وڃي ٽراءِ جي قلعي ۾ پناهه ورتي.

نيٺ جڏهن هيڪٽر ۽ اڪليز هڪ ٻئي جي سامهون اچي ٿيا ته ٻنهي ڌرين جي فوجن پنهنجا هٿيار هٽي جاءِ ڏني. پهريائين هيڪٽر ٽا ڪيو جو اڪليز کي ٿڪائڻ لاءِ ٽراءِ جي قلعي جي چوڌير تي ڊوڙون وڌائين، پر هيءُ نه ٿڪو ۽

آخر هيڪٽر پاڻ ٽڪجي پيو ۽ پوءِ نيزو اڇلائي اڪليز کي هنيائين، پر نيزو زره جي ڪري نه لڳس ۽ مٿان جو اڪليز جوابي نيزي جو وار ڪيس ته هيڪٽر جي سيني مان آرپار نڪري ويو.

مرڻ وقت هيڪٽر ڪيس اها منٿ ڪئي ته سندس لاش فديو وٺي به سندس مائٽن جي حوالي ڪج، پر هن انڪار ڪيو ۽ هيڪٽر جي زره لاهي سندس پيرن جي ڪڙين ۾ تنگ ڪري سندس جُتين جي ڏاڪن سان ان جا ٻئي پير ٻڌي ڇڏيائين ۽ پوءِ هيڪٽر جو لاش تي دفعا قلعي جي ٻاهران گهليائين. اهو به چيو وڃي ٿو ته ان لاش کي پنهنجي رٿ جي پٺيان ٻڌي جهازن تائين گهليندو ويو.

## پيٽروڪلس کي چڪيا تي چاڙهڻ

اڊا جبلن مان چڪيا لاءِ ڪاٺيون گهرائي هن سورمي پنهنجي دوست پيٽروڪلس جي چتا تيار ڪئي. ان کان سواءِ ٽراءِ جي قيدين مان ٻارنهن مکيه اميرن ۽ سردارن کان سواءِ پريام بادشاه جي ڪيترن ئي پٽن جون نڙيون وڍي انهن کي پيٽروڪلس مٿان کهي قربان ڪيو. هن هيڪٽر جي لاش کي ڪتن کان کارائڻ ٿي چاهيو، پر پوءِ افروڊائيٽ ڪيس انهيءَ ڪڌي ڪم کان روڪيو. پوءِ هو روزانو هيڪٽر جي لاش کي پيٽروڪلس جي قبي جي چوڌاري ٽي ڀيرا گهليندو هو.

## بادشاه پريام جو اڪليز وٽان هيڪٽر جو لاش ڇڏائڻ

هن سورمي هيڪٽر جي لاش کي روزانو گهلي ڪنو ڪرڻ ٿي چاهيو، پر اپالو ديوتا هيڪٽر جي لاش جي سنڀال ڪئي ۽ ان کي ڪنو ٿيڻ کان بچايو. نيٺ زوس ديوتا وچ ۾ ٽپي پيو. هن پنهنجي پٽ هرمز کي حڪم ڏنو ته پريام بادشاه کي حفاظت سان اڪليز تائين پهچائي. پريام دل جهلي رات جو وڃي هن سورمي جي جهوپڙيءَ وٽ پهتو. هي گهري ننڊ ۾ ستل هو. پريام جيڪر آسانيءَ سان سُتي ڪيس ماري وجهي ها، پر پريام ننڊ ۾ غافل دشمن کي دوکي سان مارڻ مناسب نه سمجهيو ۽ ڪيس اٿاري نماڻائيءَ سان هن کان پنهنجي پٽ جو لاش گهريو. هن سورمي ڪانئس هيڪٽر جي وزن جيترو سون گهريو پوءِ لالچي يونانين ٽراءِ جي شهر جي ٻاهران سامهيءَ جا به وڏا ٻڙ ڪڙا ڪيا ۽ هڪ ٻڙ ۾ هيڪٽر جو لاش رکيائون ۽ ٻئي ٻڙ ۾ پريام جي خزاني جو سمورو سون، هيرا جواهر ۽ سونيون مهرون وڌائون. پوءِ به هيڪٽر جو ٻڙ ڳرو نڪتو. تڏهن قلعي جي پٽ مٿان پولڪزينا پنهنجا سونا

ڪنگڻ ساهمي جي ان پڙ ۾ اڇلي وڌا. پولڪزينا کي ڏسي هن سورمي پريام کي چيو ته جيڪڏهن هن شهزاديءَ جو سڱ مون کي ڏيو ته آئون سون تان هٿ کڻي ڇڏيندس ۽ جي هيلن کي موٽائي ميني لاس کي ڏيو ته آئون ٽراءِ ۽ يونان جي وچ ۾ ناهه به ڪرائي ڇڏيندس. پر پريام سون موٽائي نه ورتو ۽ چيائين ته هيلن تان هٿ کڻي، جي يوناني موٽي ويندا ته آئون توکي پولڪزينا جو سڱ ڏيندس. هن چيو ته آئون ڪوشش ڪندس، پر ڳالهه نه ٿي. پريام پنهنجي سورهه پٽ جو لاش ٽراءِ کڻي ويو.

ٽروجن جنگ ۾ ٽراءِ وارن جي مدد ۾ حبش جو بادشاهه ميمنان ۽ اميزان، راڻي پينٿي سيليا به پنهنجي فوجن سان شامل ٿيا هئا. هن جنگ کان اڳ اميزان راڻي پينٿي سيليا پنهنجي ڀيڻ کي اتفاق سان اوچتو شڪار ڪندي تير هڻي قتي وڌو هو ۽ پوءِ پنهنجو ملڪ ڇڏي اچي ٽراءِ ۾ پناهه ورتي هئائين. راڻي پينٿي سيليا وڏي بهادر ۽ ويڙهو سورمي هئي. انهيءَ جنگ ۾ هوءَ ٽراءِ جي يونانين سان وڏي سورهيائي سان وڙهي هئي. هن يونان جي وڏن سورمن سان وڏا مهاڏا اٽڪايا ۽ ايتري قدر جو ڪيترائي ڀيرا هن اڪليز جا به جنگ جي پڙ ۾ پير ڇڏائي ڇڏيا ۽ هو پٺتي هٽڻ تي مجبور ٿي ويو. ايتري قدر به چيو ويو آهي ته هن سورهه راڻيءَ، هن کي مقابلي ۾ ماري ڇڏيو هو، پر ٿيٽس جي منٿ تي زوس ديوتا سندس حياتي بچائي. اڪليز راڻيءَ تي عاشق ٿي پيو هو ۽ جڏهن هُن مقابلي ۾ هن راڻيءَ کي ماري وڌو ته ان جي لاش سان هن جنسي ميلاپ ڪيو هو. ٿيريسٽيز Therstes نالي هڪ يونانيءَ اها بي حيائي ڏسي اڪليز کي ٽوڪيو. ان تي هن ڪاوڙجي ٿيريسٽيز کي اهڙو ته مُڪو هنيو جو هو مري پيو. انهيءَ ڪريل ۽ ذليل حرڪت ڪري يونانين ۾ هن لاءِ ڌڪار پيدا ٿي وئي. ڊيوميڊيز جيڪو ٿيريسٽيز جو سوٽ هو تنهن پينٿي سيليا جو لاش گري آڻي اسڪامينڊر درياءَ ۾ ڦٽو ڪيو. جنهن کي پوءِ اتان ڪيڍي هن سورمي درياءَ جي ڪنڌيءَ تي وڏي عزت احترام سان دفن ڪيو.

## اڪليز جو موت

پريام بادشاهه پوءِ پنهنجي اڳئين ياءُ ٽيٿونس ٰکان مدد گهري. ٽيٿونس آشوريا جو شهنشاهه هو. هن پنهنجي پٽ ميمنان حبش جي بادشاهه کي وڏي فوج ڏئي ٽراءِ جي مدد لاءِ موڪليو. ميمنان هڪ وڏو جنگي جوڌو هو. هن اچڻ شرط يوناني فوج ۾ تاڪوڙو وجهي ڇڏيو. هن ڪيترن يوناني سورمن کي قتل ڪيو، جن مان اڪليز جو دوست اينٽي لوڪس مشهور آهي، جيڪو نيسٽر Nestor جو پٽ هو. ميمنان جي حبشي فوجن جي اچڻ سان جنگ ۾

ٽراءِ وارن جو پاسو زور ٿي ويو ۽ ڏري گهڻا سمورا يوناني جهاز تباهه ٿيڻ تي هئا ته رات پئجي وئي ۽ جنگ ختم ٿي وئي. ٻئي ڏينهن صبح جو اجاڪس سان ميمنان جو مقابلو هليو پئي ته ان کي هٽائي اڪليز پاڻ اچي ان کي سندرو ڏنو. مقابلي ۾ هن ميمنان کي قتل ڪري سندس لاش، اينٽي لوڪس جي ٻرندڙ چتا تي ڪٽي رکيو. ان کان پوءِ هن سورمي، ٽراءِ جي فوجن ۾ افراتفري وجهي ڇڏي. اتي پئرس وجهه وٺي تير ڪمان سنڀالي چتائي اڪليز کي تير هنيو ۽ هيءُ مري ويو. چيو وڃي ٿو ته هيڪٽر کي ماري پوءِ ان جي لاش تي اڪليز وڏائيءَ ۾ ٻرجي، جيڪي گتا لفظ ڳالهايا هئا. انهن تان ديوتائون ڪاوڙجي پيا هئا ۽ اپالو ديوتا پئرس کي ڳولي ان جي هٿان يا خود پاڻ تير هٽي هن سورمي کي ماريو هو ۽ ڪانٽس ٽروئيلس ۽ سائيڪنس جي موت جو پلاند ورتو هو. جنگ هلندي اجاڪس اعظم ۽ اوڊي سيس ڏاڍي سورهيائي ڪري هن سورمي جو لاش صحيح سلامت يوناني ڪئمپ ۾ آندو.

اڪليز جي موت لاءِ ڪن يوناني مورخن جو وري هيئن چوڻ هو ته، پولڪزينا ڪانٽس سندس مرڻ جو راز ورتو هو ۽ ڪيس اها خبر پئي ته ڪڙي ۾ ڏک لڳڻ سان هي مري پوندو. پولڪزينا جي آسري تي ان جي ياءُ ڏي فوبس ڪيس اپالو جي مندر ۾ گهرائي پئرس جي هٿان مارايو هو. مرڻ وقت هن سورمي اها وصيت ڪئي ته سندس قبر تي پولڪزينا کي به ڪهي مٿانئس قربان ڪيو وڃي. ڪن مورخن وري هيئن چيو آهي ته ٽراءِ وارن هيڪٽر جي لاش جي عيوض ۾ ڏنل سون وري يونانين کان موٽائي ورتو ۽ پوءِ اڪليز جو لاش موٽائي کين ڏنو هو.

اڪليز جي مرڻ تي يونانين تي مايوسي ڇانئجي وئي. سندس موت جي ماتم ۾ جل پريون ۽ ميوزز به شامل ٿيون. جن پٽي پار ڪڍيا (نوحه خواني ۽ مرثيه خواني ڪئي) 17 ڏينهن هن جو ماتم ڪيو ويو. جيتوڻيڪ يوناني سردارن به ڳوڙها ڳاڙيا، پر عام سپاهين کي ههڙي خوار ۽ بدنام غدار جي موت تي ڪوبه ڏک ڪونه ٿيو.

اڪليز جي لاش کي چتا تي رکي ساڙيو ويو. ۽ سندس ڦلهيار (رک) پيٽروڪلس جي ڦلهيار سان گڏ هڪ سوني مٽ ۾ رکيو ويو. اهو سونو مٽ هيفائسٽس ديوتا جو ناهيل هو ۽ ڊيونائي سس ٿيٽس کي سندس شاديءَ ۾ سوکڙي ڪري ڏنو هو. هيلسيپانٽ وٽ سيگايم جي هنڌ تي ان مٽ کي پوريو ويو. انهيءَ پٽ تي هڪ ڳوٺ جو نالو اڪليم Acilleum رکيو ويو. جتي جي مندر ۾ اڪليز جو هڪ بت رکيل هو، جنهن کي ڪنن ۾ ايرنگ پاتل هئا.

## اڪليز جي اعزاز ۾ راندين جا مقابلا

اڪليز جي مرڻ تي لاش ساڙڻ يا دفن ڪرڻ جون عام رسمون ادا ڪيون ويون. انهن ۾ راندين ۽ ڪسرتن جا مقابلا ٿيا، جن ۾ يوناني پهلوانن پنهنجي مهارت جا رنگ ڏيکاريا. وڏي اجاڪس ٿالي اڇلائڻ جو مقابلو ڪتيو. يوميليس ائن جي ڊوڙ کٽي ۽ ڊيوميڊيز ڊوڙ ۾ ٻيو نمبر آيو. ۽ ٽيوسر Teucer تير اندازيءَ جو مقابلو کٽيو.

## اڪليز جون مرڻ کان پوءِ شاديون

چيو وڃي ٿو ته پنهنجي مرڻ کان ڪجھ ڏينهن اڳ هن پنهنجي ماءُ جي مدد سان هڪ خواب ۾ هيلن سان هم بستريءَ ڪئي ۽ خواب ۾ هيلن کي چيائين ته حقيقي زندگيءَ ۾ به پنهنجو ديدار ڪراءِ. پوءِ سچ پچ هيلن ٽراءِ جي قلعي جي ڇت تان کيس ديدار ڪرايو ۽ ڏاڍا ناز نخرا ڪيا. آهي جلوا ڏسي، هو هيلن تي عاشق ٿي پيو ۽ مرڻ کان پوءِ ٻي دنيا ۾ هن هيلن سان شادي ڪئي. ان ڪري کيس پيمپٽس Pemptus يعني پنجون سڏيو ويندو آهي. ان کان اڳ ۾ هيلن جا چار مڙس هئا.

ائين به چيو وڃي ٿو ته ٻيءَ دنيا ۾ هن جئسن جي زال ميڊيا سان به شادي ڪئي ۽ پوءِ هو ايليوسس جي ميدانن ۾ رهڻ لڳو.

## عبادت

ليوسي ٻيٽ ۾ اڪليز جي عبادت ڪئي ويندي هئي. هڪ الهام موجب اولمپيا جي جهوني آکاڙي ۾ هن جي مورتي ٻيهاري وئي. اتي سج لٿي مهل ايلين جون عورتون هن سورمي جي عبادت جون رسمون ادا ڪنديون هيون. ٿيسلي جا ماڻهو به هر سال هن جي نالي قربانيون ڏيندا هئا. اسپارٽا ۾ هڪ رستي تي هن جي هڪ پڙ پوٽي پراڪس Prax هڪ مندر جوڙايو هو، جنهن ۾ عام ماڻهن کي وڃڻ کان منع ٿيل هئي.

# هيراڪليز (هرڪيولس) ديوتا

# Heracles

### صفتون

يونان جو عظيم ترين هيرو، سورمو، جنگجو پهلوان، عام انسانن ۽ ديوتائن جو مددگار، رومين لاءِ فتح جو ديوتا، god of victory، زوس ديوتا ۽ الڪمينيءَ جو (ناجائز) پٽ، وڏو شرابي، عورت باز، سهڻين عورتن ۽ سهڻن ڇوڪرن جو شوقين، هڪ مهربان جنگي جوڌو، ڪاوڙ جي حالت ۾ بيحد وحشي ٿي ويندڙ، رويو واپارين جو خاص ديوتا، پوري پني قد بت وارو، ڏاهوڪو، ڪائڻ پيئڻ جو شوقين. ڪيس جسماني قوت جي ڪري ڏاڍي شهرت ملي.

هڪ روايت مطابق سندس لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو ستارن جي علم، فلسفي ۽ موسيقيءَ جو بہ ڄاڻو هو.

هيراڪليز شينهن جي کل مان ناهيل لباس پهريندو هو. تير ڪمان ۽ گرز سندس خاص هٿيار هئا.

روم ۾، هن سورمي جي عبادت ڪئي ويندي هئي. ان مقصد ڪاڻ "فورم بوريا" ۾ هڪ وڏو مندر "آرا مئڪسيما" نالي قائم ڪيو ويو هو. روم جا واپاري پنهنجي آمدنيءَ جو ڏهون حصو (عشر) نذراني طور هن ديوتا جي مندر ۾ پيش ڪندا هئا.

* هڪ ڀيري، هيراڪليز جي اڳين ماءُ هيرا ديويءَ، پنهنجي ڪرامت سان هن کي چريو ڪري ڇڏيو. ان چريائپ ۾ هن پنهنجا ڇهہ پٽ ماري ڇڏيا.

* هن ديوتا کي فونيشيا جي ديوتا "ميلڪارٽ" سان بہ ڀيٽيو وڃي ٿو.

* مرڻ کان پوءِ، هيراڪليز کي آسمان تي سڏائي ديوتا god جو درجو ڏنو ويو.

## نالا ۽ لقب

هن سورمي کي شروع ۾ الڪائيس Alcaeus ۽ پيليمون Palaemon به چوندا هئا. مشهور يوناني مورخ سيسرو Cicero جو چوڻ آهي ته هيراڪليز (هرڪيولس) جي نالي سان ڇهه سورما هوندا هئا ۽ روم جي هڪ ٻئي عالم "وارو" Varro جو چوڻ آهي ته هيراڪليز جي نالي سان چوئيتاليهه (44) سورما ٿي گذريا آهن. پر عام طور چيو ويجي ٿو ته هن نالي سان ٽي سورما ٿي چڪا آهن. جن مان هڪ مصر وارو هيراڪلين سام يا چام، ٻيو ڪريٽ جو ڊيڪٽائل Dactyl ۽ ٽيون زوس ۽ الڪميني‍ۓ جو پٽ، جنهن جو اسين هتي ذڪر ڪري رهيا آهيون.

* هيراڪليز جي اکري معنيٰ آهي "هيرا جي عظمت" (هيرا ديوي- زوس ديوتا جي وڏي زال ۽ ڀيڻ، جنهن هن سورمي کي نپايو هو.)

## جنم ۽

ٽروزين جي بادشاهه ايمفي ٽريان جي شادي الڪميني‍ۓ سان ٿي. شادي‍ۓ واري پهرين رات الڪميني‍ۓ، پنهنجي مڙس اڳيان هي شرط رکيو ته، تيستائين هوءِ ڪيس پنهنجي ويجهو اچڻ نه ڏيندي، جيستائين هو سندس اٺن ڀائرن جي قتل جو بدلو نه وٺندو، جيڪي هڪ ويڙهه ۾ مارجي ويا هئا. ايمفي ٽريان سندس زال جي ڳالهه رکندي، بدلو وٺڻ لاءِ روانو ٿي ويو. ايمفي ٽريان جي وڃڻ بعد، زوس ديوتا، جيڪو الڪميني‍ۓ تي عاشق هو، سندس مڙس جي شڪل ۾ وٽس اچي سهڙيو ۽ چيائينس ته، تنهنجي ڀائرن جي قتل جو بدلو وٺي آيو آهيان. الڪميني، زوس ديوتا کي نه سڃاتو ۽ ڪيس پنهنجو مڙس سمجهي ميلاپ جي اجازت ڏنائين. زوس ديوتا سڄي‍ۓ رات الڪميني‍ۓ سان ميلاپ ڪيو. نه صرف ايترو بلڪ، هن جنسي ميلاپ جو پورو مزو وٺڻ لاءِ، ان رات کي ڊگهو ڪري 36 ڪلاڪن واري رات ٺاهي ڇڏيو. ان رات کي ڊگهي ڪرڻ جو مقصد اهو به هو ته زوس ديوتا هڪ عظيم سورمي کي پيدا ڪرڻ گهريو ٿي، جيڪو نه فقط انسان ذات پر ديوتائن جي به مدد ڪري سگهي. جڏهن زوس ديوتا هليو ويو ته مٿان الڪميني‍ۓ جو اصلي مڙس ايمفي ٽريان به اچي پهتو ۽ چيائين ته آئون تنهنجي ڀائرن جي قاتلن کي ختم ڪري آيو آهيان. اها صورتحال ڏسي الڪميني منجهي پيئي ۽ ساڻس ٿيل سڄي رات واري ويڌن مڙس کي ٻڌايائين. ايمي ٽريان اهو واقعو سڻي ڏاڍو ششدر ٿيو. پوءِ استخارا ڪڍايائين، جنهن مان ڪيس خبر پئي ته "زوس ديوتا سندس زال

هر بستر تي ويو آهي.“ پوءِ سڄي رات زوس ديوتا جي ڏپ وچان پنهنجي زال جي ويجهو به نه ويو.

نون مهينن بعد، زوس ديوتا، ديوتائن جي ديس اولمپس ۾ اها خوشخبري ٻڌائي ته ڪيس پٽ ڄمڻ وارو آهي، جنهن جو نالو هيراڪليز رکان ٿو. جيڪو پرسيس جي نالي گهراڻي جو حڪمران ٿيندو. زوس جي زال هيرا ديويءَ کي جڏهن اها خبر پيئي ته هوءَ حسد ۾ ساڙ وچان آپي کان ٻاهر نڪري ويئي ۽ هيراڪليز خلاف سٽون سٽڻ لڳي. هن سڀ کان اول، زوس کان وچن ورتو ته پرسيس جي ڪٽنب ۾ هاڻ جيڪو ٻه ٻار سڀ کان اول پيدا ٿيو ته ان کي بادشاهي ڏني ويندي. جيئن ته زوس کي پڪ هئي ته پرسيس جي ڪٽنب ۾ سڀ کان پهرين هيراڪليز پيدا ٿيندو، ان ڪري هن کي اهو وچن ڏيڻ ۾ ڪوبه اعتراض نه ٿيو. پنهنجي مڙس کان وچن وٺڻ بعد، هيرا ديوي تڪڙو مائي سين ملڪ ۾ پهتي. اتي جي راڻي پيٽ سان هئي. مگر هن جي ويم جا ڏينهن تمام پري هئا. هيرا ديوي پنهنجي ڪرامت سان ان راڻيءَ کي ويم جا سور ڪرائي وڌا ۽ الڪميني‌ءَ کان اڳ هن راڻيءَ کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو ”يوريسٿيس“ رکيو ويو.

هئي پاسي الڪميني‌ءَ جو به ويم ٿيو. هن ٻه جاڙا ٻار ڄڻيا. هڪ هيراڪليز- زوس ديوتا جو پٽ ۽ ٻيو افي ڪليز- ايمفي ٽريان جو پٽ. جيئن ته الڪميني‌ءَ کي هرا ديويءَ جي ناراضگيءَ جي خبر پئجي چڪي هئي، ان ڪري ڏپ وچان، پنهنجي پٽ هيراڪليز کي ڪٽي وڃي ٿيبس جي قلعي کان ٻاهر ميدان ۾ اڇلائي آئي. اها حالت ڏسي زوس ديوتا کي پنهنجي پٽ جو خيال پيو. هن پنهنجي ڪنواري ڌيءَ اٿينا تي ڪم رکيو ته هو هيرا ديويءَ کي آماده ڪري ته جيئن هوءَ هيراڪليز کي پالڻ جو انتظام ڪري. اٿينا هيرا ديويءَ کي وٺي اچي اهو سگهارو ٻار ڏيکاريو. هيرا ديوي کي هڪ لاوارث معصوم ٻار تي رحم اچي ويو ۽ کيس کڻي پنهنجي ٿڃ پيارڻ لڳي. هيراڪليز اهڙي ته زور سان هيرا ديوي جون ڇاتيون ڏاتيون جو سور وچان هن ديويءَ کان رڙ نڪري ويئي. هيرا سور وچان، ٻار کان زوريءَ پنهنجي ٿڃ ڇڏائي هيٺ ڦٽو ڪيو. مگر هيرا جي ڇاتيءَ مان وهندڙ کير جي هڪ تکي سيڙهه وهي آسمان ۾ ڦهلجي، تارن جي صورت اختيار ڪري ويئي، جنهن کي اڄ به کير ڌارا (ڪهڪشان) Milkway سڏجي ٿو.

ٿيبس جو اهو هنڌ، جتي هيرا ديوي هن سورمي کي ٿڃ ڏني، ان کي ”هيراڪليز جو ميدان“ سڏيو ويو. هڪ عظيم ديويءَ جو کير پيئڻ ڪري

## شهه چڙهي ڀرواڙيءَ ۾ وڃي رهڻ

ائمفي ٽريون بادشاهه ڏٺو تہ متان هي ڇوڪرو ايا بہ ڪو وڏو ڏچو نہ ڪري وجهي. ان ڊپ کان هن هيراڪليز کي ڀرواڙي ۾ پنهنجي چوپائي مال جي واڙي ۾ ڏياري موڪليو. جتي هو ارڙهن سالن جي عمر تائين رهيو.

ان وقت سندس قد اٽڪل ڇهہ فوٽ هو، نيزي بازيءَ ۽ تيراندازيءَ ۾ سندس مٽ نہ هو. ڪاڏي جو شوقين هو. خاص ڪري ڀڳل گوشت ۽ جَوَن جي اٽي جا مَنا ڪيس ڏاڍا وڻندا هئا. هو هڪ ننڍڙي ڏوتل پوتل قميص پائيندو هو. کلي ميدان ۾ سمهندو هو. ڳجهہ سندس دل گهريو پڪي هئو. هن جو چوڻ هو تہ ڳجهہ پکي ڪنهن بہ جيئري ساهواري تي حملو نٿي ڪري. هي هرويرو ڪنهن سان جهيڙو نہ ڪندو هو، پر جي ڪيس ڪو اجايو تنگ ڪندو هو تہ ان کي ڏاڍي سيڪت ڏيندو هو. هڪ ڀيري ٽرميرس ساٽس متو ٽڪرائڻ جو مقابلو ڪيو. هن هڪ ئي ٽڪر ۾ ٽرميرس جو متو ڀڃي ڇڏيو. ٽرميرس پهلوان هلندي ڦرندي عام ماڻهن کي متو ٽڪرائڻ جون دعوتون ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح هن ڪيترن ئي جا متا ڀڃي ڇڏيا هئا.

هيراڪليز سٺي اخلاق وارو سورمو هو. هو پهريون انسان هو جيڪو پنهنجي دشمنن کي مقابلي ۾ مارڻ کان پوءِ انهن جا لاش دفن ڪرائڻ لاءِ سندن وارثن جي حوالي ڪندو هو.

## ٿيس پيئس بادشاهہ جون ڌيئر

هي سورمو جڏهن ارڙهين سالن جو اڃي ٿيو تہ مٿس هڪ خطرناڪ شينهن کي مارڻ جو ڪم رکيو ويو. ان شينهن سائٿريون جي آسپاس ائمفي ٽريون بادشاهہ ۽ بوئشيا ۾ سندس پاڙيسري ملڪ ٿيسپيا جي بادشاهہ ٿيسپيئس جي چوپائي مال ۾ تاڪوڙو وجهي ڇڏيو هو.

هيراڪليز شينهن جي ڳولا ڪندي وڃي ٿيسپيا شهر وٽان نڪتو. جنهن جي ويجهو هيليڪون جبل وٽ ان شينهن جو ٻيو ٿاڪ هو. ٿيسپيا جا ماڻهو هيليڪون جبل جي چوٽيءَ تي ميوزز Muses جو ميلو ملهائي رهيا هئا. ٿيسپيا جي بادشاهہ ٿيسپيئس هن سورمي جي اچڻ جو ٻڌي پنهنجي محل ۾ سندس مهماني ڪئي. ٿيسپيئس بادشاهہ جون پنج ڌيئر هيون. هن هيراڪليز سورمي جي سورهيائي جي هاڪ جو ٻڌي اهو فيصلو ڪيو تہ سندس سمورين ڌيئن کي هن سورمي سان همبستري ڪرائي، جيئن انهن مان اهڙو ئي سورهہ اولاد پيدا ٿئي. اها رٿ رٿي بادشاهہ جن کي چيو تہ تون منهنجي وڏي ڌيءَ

پروڪرس Procirs سان سمهي سگهين ٿو. پهرين رات هن پنهنجي وڏي ڌيءُ کي هن جي سمهڻ واري ڪمري ۾ ڏياري موڪليو، جنهن سان هو همبستر ٿيو. ٻيءَ رات پروڪرس جي بدران وري ٻيءَ شهزاديءَ ساڻس همبستري ڪئي. اهڙيءَ طرح هر رات هڪ نئين ڇوڪري سندس بستري جي زينت ٿيندي رهي. هن 50 راتين ۾ سمورين شهزادين سان جنسي ميلاپ ڪيو.

ڪن مورخن هيئن چيو آهي ته هن سورمي هڪڙي ئي رات ۾ 49 شهزادين سان جنسي ميلاپ ڪيو، جن مان ڪل 51 پٽ ڄيا. وڏي پروڪرس کي ٻه جاڙا پٽ ڄيا ۽ ان ڪان ننڍي کي به جاڙا پٽ ڄاوا. باقي ٻين 47 ڄڻين هڪ هڪ پٽ ڄڻيو.

50 ڏينهن جي هن لاڳيتي جڳاڙ ڪان پوءِ هيراڪليز بادشاهه ۽ سندس ڌيئن ڪان موڪلائي انهيءَ خوني شينهن جي پٺ ورتي ۽ وڏيءَ جاکوڙ ڪان پوءِ هيليڪون جبل ۾ ان کي ماريائين. هن شينهن جي کل لاهي ان مان پنهنجي پوشاڪ ٺاهي ۽ شينهن جي سسيءَ واريءَ کل مان ٽوپي ٺاهي پاتائين. ڪن روايتن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته هن پنهنجي پوشاڪ ۽ ٽوپي ان شينهن مان نه پر نيميا يا ٽيومي سس واري شينهن مان ٺاهي هئي ۽ سيٿيراءِ واري شينهن کي هن سورمي نه پر الڪاٿوس ماريو هو.

## ارجينس بادشاهه سان جنگ

پوزيڊون ديوتا جي هڪ ميلي جي موقعي تي، ٿيبيز جي هڪ رٿ هلائيندڙ جي پٿر لڳڻ سان منيان Miuyan قوم جي بادشاهه ڪلائي مينس مري ويو. ان جي وصيت تي عمل ڪندي سندس وڏي پٽ ارجينس ٿيبيز تي وڏو حملو ڪري ٿيبيز وارن کي شڪست ڏني ۽ مٿن ويهن سالن تائين هر سال هڪ سئو چوپايا جانور ڏيڻ جو ڏنڊ رکيو جيڪو هو هر سال منيان قوم کي ڀري ڏيندا هئا. جڏهن ان سال بادشاهه جا ماڻهو ڏنڊ وصول ڪرڻ لاءِ ٿيبيز آيا ته هن سورمي انهن جا نڪ ۽ ڪن وڍي سندن ڳچين ۾ لٽڪائي، انهن کي خالي هٿين ارجينس ڏانهن ڏياري موڪليو. ارجينس اهو ڏسي ٿيبيز تي حملو ڪيو. ٿيبيز جي ماڻهن هيراڪليز جي اڳواڻيءَ ۾ مقابلو ڪري ارجينس کي شڪست ڏني.

ان ڪان پوءِ هن سورمي ماڻهو گڏ ڪري ارجينس جي ملڪ تي حملو ڪيو ۽ سندس قلعي جون پٿيون پٽي شهر تي قبضو ڪيو ۽ بادشاهه جو محل ساڙي ڇڏيو ۽ بادشاهه تي ٻيڻو ڏنڊ رکيو، يعني اورچومينس جي ماڻهن کي ٻه سئو چوپايا جانور ٿيبيز وارن کي هر سال ڏيڻا پيا.

ٿيبيز جي بادشاهه ڪريون هن سورمي جي سورهيائيءَ کان متاثر ٿي ڪيس پنهنجي ڌيءَ ميگارا جو سڱ ڏنو. هن مان ميگارا کي ڪافي اولاد ٿيو.

ان کان پوءِ هن سورمي يوبوئنز جي بادشاهه پائرائيڪ تي چڙهائي ڪئي، جنهن ارجينس جي مدد ڪئي هئي. جنگ ۾ پائيرائيڪ مري ويو. هن سندس لاش درياءَ جي ڪنڌيءَ تي اڇلائي ڇڏيو.

## هيراڪليز جو چريو ٿيڻ

هيراڪليز، هيرا ديويءَ جي ڀاڄ الڪميني جو پٽ هو. ڀاڄ پٽي جي باهه ۾ هيرا کي هن سورمي جي ڪاميابين تي حسد ٿيو. ان ڪري هيرا هن کي چريو ڪري ڇڏيو. انهيءَ چريائيءَ ۾ هيءُ ايتري قدر بي وس ٿي ويو، جو پنهنجن ڇهن پٽن کي تيرن سان ڦٽي ڪين باهه ڏئي ساڙي ڇڏيائين. انهن سان گڏ پنهنجا ٻه معصوم ڀائيٽيا به ماري ڇڏيائين.

هن دردناڪ واقعي کان اڳ، جڏهن هو سٺئون سيٽو انسان هو، تڏهن هن پنهنجي پٽن جي مستقبل کي شاندار بنائڻ لاءِ زبردست رٿائون رٿيون هيون. هن پنهنجي هڪ پٽ کي آرگوس جو بادشاهه بنائڻ تي گهريو. ان کي پنهنجي شينهن جي کل جو وڳو به ڏنو هئائين. ٻئي پٽ کي هن ٿيبيز جو بادشاهه بنائڻ تي گهريو. ان کي پنهنجي هٿ جو گرز ڏنو هئائين. ٽئين پٽ کي اوئيخاليا جو حاڪم بنائڻو هئس. هن پنهنجي پٽن لاءِ ناهوڪيون وڏگهراڻيون ڪنواريون به چونڊي ڇڏيون هيون. جيڪي اسپارٽا ۽ ٿيبز جي بادشاهي گهراڻي مان هيون. هن کي پنهنجن پٽن لاءِ ايڏو ته زبردست پيار هو جو ڪنهن کي يقين ئي نٿي آيو. ايتري قدر جو ڪيترن مورخن ائين لکيو ته اهو ڪم شايد سندس مهمانن ڪيو هو. پر اها حقيقت هئي ته انهيءَ چريائيءَ جي جنون ۾ هن پنهنجي ٻچن جي ماءُ ۽ پنهنجي محبوب زال ميگارا کي به ماري ڇڏيو.

ڪن روايتن ۾ اهو ڄاڻايل آهي ته هيراڪليز فقط پنهنجن پٽن کي ماريو هو ۽ ان ڏوهه هيٺ، پنهنجو پاڻ کي سزا ڏيڻ خاطر، پنهنجي زال ميگارا جي شادي پنهنجي ڀائٽي ايولاس سان ڪرائي ڇڏيائين.

## هيراڪليز جو هوش ۾ اچڻ

نيٺ هڪ ڏينهن هيراڪليز تان چريائپ جو دورو لٿو ۽ هو سامت ۾ آيو، تڏهن خبر پيس ته پاڻ ڇا ڪري ويٺو هو ۽ ڏک وچان پنهنجو منهن مٿو پٽي هڪ اونداهي گهر ۾ پاڻ کي بند ڪري ڇڏيائين.

ائمفي ٽريون بادشاهه کيس سمجهايو ته، جيڪي ڪجهه ٿيو تنهن ۾ سندس ڪوبه ڏوهه نه هو، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي وس ۾ نه هو. پر هي پنهنجو پاڻ کي اهو ڏوهه معاف ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ۽ پنهنجو انت آڻڻ جو پڪو پهه ڪيائين. ان وچ ۾ سندس دوست ٿيسيئس اچي نڪتو ۽ سندس رت ڀڙل هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ جهليائين. اهڙيءَ طرح هو به يوناني رسم موجب هيراڪليز جهڙوئي ڏوهي ٿي چڪو هو، پوءِ ٿيسيئس هن کي سمجهائي، ٿڌو ڪري پاڻ سان گڏ اٿينس وٺي ويو. جتي هن ڊيلفيءَ جي پوڄارڻ کان فال ڪڍائي ته ڪيئن هو اهڙن گناهن مان آجو ٿيندو. ڊيلفيءَ جي پوڄارڻ فال ڪڍي کيس ٻڌايو ته هو پنهنجي سوٽ يوريس ٿيس، وٽ وڃي ان جو غلام ٿي، سندس حڪمن جي پوئواري ڪري. يوريس ٿيس مائي سين جو بادشاهه هو ۽ ٽريانس جو شهر سندس گاديءَ جو هنڌ هو.

واضح رهي ته هي اهو ئي يوريس ٿيس هو، جنهن جي پيدائش هيراديويءَ، هيراڪليز جي مقابلي ۾ وقت کان اڳ ڪرائي هئي ته جيئن، زوس ديوتا جي واعدي مطابق پرسيئس جي گهراڻي ۾ پهرين پيدا ٿيندڙ ٻار کي بادشاهت ملي سگهي. ان ريت هيراڪليز جي بجاءِ يوريسٿيس بادشاهه بڻيو. هاڻ هن کي پنهنجا گناهه بخشائڻ لاءِ، ان ئي بادشاهه وٽ وڃڻو پيو.

## هيراڪليز جو غلام بڻجڻ

ڊيلفي مندر مان مليل هدايتن مطابق، هيراڪليز پنهنجا گناهه بخشائڻ ڪاڻ، يوريس ٿيس بادشاهه وٽ پهتو ۽ هن جو غلام ٿي رهڻ قبول ڪيائين. يوريس ٿيس وڏو حرفتي هو. هن کي هيراڪليز تي اڳيئي خار هئا، ان ڪري، هن هڪ ٻئي پٺيان تمام ڏکيا نه ٿيڻ جهڙا ٻارنهن ڪم هيراڪليز کي سونپيا، جن کي سرانجام ڏيڻ ۽ صحيح سلامت موٽي اچڻ محال هو. چيو وڃي ٿو ته هيراڪليز کي اهڙا ڏکيا ڪم ڏيارڻ ۾ هيرا ديويءَ جو به هٿ هو، جنهن پنهنجي پهاڄ جي پٽ کي زنده ڏسڻ نٿي چاهيو.

# نيميا جو شينهن
The Neamean Lion

پھريون شرط يا پھريون ڪم جيڪو بادشاھ يوريس ٿيس هن سورمي کي سونپيو، سو هو نيميا يا ڪليوناء ۾ هڪ خطرناڪ شينهن کي ماري ان جي کل لاهي اچڻ. نيميا واري شينهن جي اصليت جي باري ۾ جدا جدا چوٽيون آهن. هڪڙن انهيءَ شينهن کي ٽائيفون (نانگ جي منهن وارو جانور) جو اولاد ٻڌايو آهي ته ڪن وري ان شينهن کي، خيميرا جانور مان اوٿرس نالي هڪ ڪتي جو اولاد ٻڌايو آهي. ان مادي خيميرا جو اڳيون اڌ ڌڙ شينهن جو ۽ باقي ڌڙ ٻڪريءَ جو هوندو هو. سندس پڇ نانگ مثل هو.

ڪن مورخن ان شينهن کي چنڊ جي ديوي سيلينيءَ مان پيدا ٿيل ڄاڻايو آهي ۽ ان لاءِ چيو ويو آهي ته سيلينيءَ ڪيس ڇٽي نيميا جي ويجهو ٽريٽوس جبل وٽ هڪ ٻه منهين غار وٽ ڇڏي وئي هئي. اها به روايت آهي ته هيرا ديويءَ جي مرضيءَ موجب سيلينيءَ انهيءَ شينهن کي هڪ وڏي ٻيڙيءَ ۾ گڏ ٿيل گجيءَ مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ آئرس ديوي ان کي پنهنجي چيلهه- پٽي ۾ ويڙهي نيميا جي جبلن تي ڪٽي وئي هئي.

انهيءَ خطرناڪ شينهن ڏاڍا ماڻهو ماريا هئا. سندس کل اهڙي ته ڏاڍي هئي، جو ٽتس لوهه، ڪنجهي يا پٿر جو به ڪو اثر نٿي ٿيو. هيراڪليز انهيءَ شينهن جي ڳولا ۾ ڪارنٿ ۽ آرگوس جي وچ تي ڪليوناءِ وٽ وڃي پهتو. جتي هو هڪ پوڙهيت يا ڊراڙ مولورڪس سان وڃي مليو، جنهن جي پٽ کي انهيءَ شينهن ماريو هو. هن ڊراڙ کي چيو ته ٽيهن ڏينهن تائين منهنجو اوسيئڙو ڪج، پوءِ جي شينهن ماري آيس ته زوس ديوتا جي نالي قرباني ڪج. هي سورمو اپي ساس جبل وٽان ٿيندو، اچي ٽريٽوس جبل وٽ پهتو. اتي انهيءَ شينهن کي ڏسي ٽتس تيرن جو وسڪارو ڪيائين. پر شينهن جي کل تي رهڙ به نه آئي. هن جي تلوار به شينهن جي ٿلهي ۽ مضبوط کل تي لڳڻ سان نرم جست وانگر مڙي تي وئي. پوءِ هن گرز هنيس، پر گرز جو ڌڪ به بي اثر ٿي ويو. نيٺ هن سورمي ان غار جي هڪڙي منهن کي ڄارو هٽي بند ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي منهن مان گهڙي شينهن سان هٿين پيو. ٻھرين هن شينهن جي چنبي جي هڪ آڱر ڇيي ڪري ڇڏي ۽ پوءِ شينهن جو گلو پنهنجي سگهارن

هٿن سان ڦاڙي ان کي ماري ڇڏيائين. نيٺ ٽيهين ڏينهن تائين پنڌ ڪري هو شينهن جو لاش ڪٽي ڪليوناءِ وچي پهتو ۽ زوس ديوتا جي حضور ۾ قرباني پيش ڪيائين. هن ديوتا انهيءَ شينهن جي کل مان پنهنجي لاءِ لباس تيار ڪيو، جيڪو زره طور ڪم ايندو هوس، ان کان علاوه شينهن جي مٿي مان پنهنجو ٽوپ بنايائين.

## ٻيو ڪم

## لرنا واري هئڊرا بلا!

## Lernaen Hydra

نيميا واري شينهن کي مارڻ کان پوءِ، هيراڪليز کي يوريس ٿيس لرنا ۾ هائڊرا نالي هڪ خوفناڪ بلا کي مارڻ جو ڪم سونپيو.

هائڊرا بلا ٽائيفون نالي هڪ ديو ۽ هڪ نانگڻ عورت ايڪي ڊني جي جنسي ميلاپ مان پيدا ٿيل هئي. چيو وڃي ٿو ته خاص هرڪيولس کي تنگ ڪرڻ لاءِ هن بلا کي هيرا ديويءَ پاليو هو. لرنا آرگوس شهر کان پنج ميل پري سامونڊي ڪناري تي آهي. لرنا جي اولهه ۾ پونٽي نوس جبل آهن. لرنا ۾ پاڪ هڙين جا وڻ سمنڊ تائين ڦهليل هئا. انهيءَ پاڪ هڙي جي هڪڙي سري تي پونٽي نس ندي آهي، جتي اٿينا ديويءَ جو مندر آهي ته ٻئي سري تي رمائي مونڊي ندي آهي، جتي ڊميٽر ديويءَ ڊيونائسيس ۽ پروزائمني جون مورتيون رکيل هيون. انهن جي ويجهو ڊيونائسيس جي اعزاز ۾ رات جو ساليانيون تقريبون ٿينديون هيون ۽ انهيءَ جي ويجهو ڊميٽر ديويءَ جو لرنا وارو "پراسرار ميلو" به لڳندو هو. جنهن ۾ عبادت جون ڳجهيون رسمون ادا ڪيون وينديون هيون. انهيءَ وسندڙ پٽ تي هائڊرا بلا ڏاڍي دهشت ڦهلائي هئي. انهيءَ بلا جو ٿاڪ امائي موني نديءَ جي منهن ۾ هڪ وڏي وڻ جي هيٺان هو، جتي انهيءَ نديءَ ۾ ست يرتي ڪندڙ وهڪرا اچي پاڻ ۾ ملن ٿا. اتان اٿيءَ اها بلا لرنا جي ڏيڻ وارن علائقن ۾ هيڏانهن هوڏانهن پئي هلندي هئي. هن بلا جو بدن ڪتي جهڙو ۽ ان جون اٺ يا نوَ سسيون نانگ جهڙيون هيون. انهن مان هڪڙي سسي لافاني هئي. ڪن روايتن ۾ انهي بلا جون پنجاهه کان وٺي ڏهن هزارن تائين سسيون ڄاڻايون ويون آهن. اها اهڙي ته زهريلي آفت هئي، جو سندس ڦوڪ لڳڻ سان به ماڻهو مري ويندو هو.

هرڪيولس ايولاس سان گڏ رٿ ۾ چڙهي اوڏانهن ويو هو. اٿينا ديويءَ هن کي هدايت ڪئي ته هو هائڊرا بلا تي هلندي تير هلائي، ۽ انهيءَ بلا کي سوگهو ڪرڻ شرط پنهنجو ساهه جهلي ڇڏي. نيٺ هن سورمي جو هائڊرا بلا سان زبردست مقابلو ٿيو. تان جو هائڊرا سندس ٽنگن ۾ چهٽي پئي ۽ هن ان کي ڪيرائڻ لاءِ وڏو زور لڳايو. هن بلا جي مٿي کي پيچڻ لاءِ گرز هنيا، پر هڪ سسي چٿجي ته مٿان وري ٻه ٻيون سسيون نهيا ٿي ويون. ايتري ۾ انهيءَ ڍنڍ مان هڪ ڪيڪڙو نڪري آيو ۽ هيراڪليز جي پيرن ۾ چڪ هڻڻ لڳو، پر هن ان ڪيڪڙي کي لتاڙي چيپاٽي ڇڏيو. ايولاس وڻن جي هڪ پاسي باهه ڏئي ڇڏي، پوءِ هائڊرا جي رت ۾ ڳل بدن جي وڏيل پاڳن کي باهه جو سيڪ ڏنائين، جنهن سان بلا مان نڪرندڙ رت بيهي ويو. ان ڪري بلا جون ٻيون سسيون نهڻ بند ٿي ويون. پوءِ هن سورمي پنهنجي سوني ڪتاريءَ سان بلا جي سسي کي وڍي، هڪ وڏي ٽڪريءَ جي هيٺان لٽي ڇڏيو. ان ڪان پوءِ هن هائڊرا جي زهريلي رت مان پنهنجا تير ٻوڙي انهن کي زهريلو بنايو. هيراڪليز، خوفناڪ بلا کي مارڻ کان پوءِ جڏهن يوريس ٿيس بادشاهه وٽ پهتو ته هن ڪيس داد نه ڏنو بلڪ اٽلو ڪيس چيائين ته وڏو ڪم باهه جي ڪري ٿيو، جيڪا هيراڪليز نه پر ايولاس لڳائي هئي. هيراڪليز غلام هڻڻ سبب ڪجهه به ڪچي نه سگهيو.

ٽيون ڪم

## سيريانيا جي هرڻي
CeryneianHind

ٽيون ڪم جيڪو هيراڪليز تي مڙهيو ويو سو هو سرائنيا مان سونن سڱن واري هرڻيءَ کي جيئرو جهلي اچڻ. اها هڪ پٽا پٽي هرڻي هئي. سندس کُر ڪنجهي جا هئا ۽ اڏاوت ٻارنهن سڱي سامير جهڙي هئس. هوءَ ڊوڙ جي تکي هئي، ۽ آسپاس جي پوکن کي پيليندي وتندي هئي. ان هرڻيءَ لاءِ چيو ويو ته آرٽيمس ديويءَ ننڍپڻ ۾ ٿيسيلي ۾ انورس نديءَ جي ڪنڌيءَ تي ڍڳن کان به وڏي قد بت وارا پنج مادي هرڻ روجهون (وڏيون هرڻيون) ڏٺيون. آرٽيمس ديويءَ انهن جو پيڇو ڪري،انهن مان چئن روجهن کي جهلي ورتو ۽ انهن کي پنهنجي رٿ ۾ جوٽي ڇڏيائين ۽ پنجين روجهه (هرڻي)

ڪلائي ڊون ندي ٽپي، دريا پار ڪري، سيريانيا جي جبل تي چڙهي وئي هئي ۽ هيرا ديويءَ جي ٻہ اها مرضي هئي تہ جيترو ڏکئي هنڌ تي هوندي اوترو ئي هيراڪليز لاءِ ان کي هٿ ڪرڻ ڏکيو ٿيندو.

ٻين روايتن ۾ هيئن چيل آهي تہ انهن ڪيتن ۽ ٻنين لاءِ هاجيڪار هرڻيءَ جو ڪوبہ مالڪ نہ هو.

ان هرڻيءَ کي جهلڻ ڏاڍو ڏکيو هو، ڇاڪاڻ تہ اهو شرط لڳل هو تہ ان کي مارڻو يا ڦٽڻو ڪونهي، پر جيئرو جهلي اچڻو آهي. هيراڪليز سڄو سال ان جي پٺيان رليو ۽ ڊوڙيو، پر هرڻي اصل جهل ئي نہ ڏنيس. تان جو ان هرڻيءَ جي پٺيان ڊوڙي ڊوڙي هي وڃي استريا ۽ هائپروبوريئن ملڪن مان نڪتو. نيٺ هرڻيءَ بہ پيڇي پيڇي ٿڪجي وڃي آرٽي ميريم جبل ۾ پناهہ ورتي ۽ اتان پوءِ لاڊون نديءَ تي وڃي ساهہ پٽيائين. هيراڪليز اتي اهڙي تہ اٽڪل سان ان جي اڳين پيرن تي تير هنيا جو رت جي ڦڙي بہ نہ نڪتي ۽ هرڻي جهلجي پيئي. هيءُ هرڻيءَ کي ڪلهي تي کڻي آرڪاڊيا جي رستي تان مائي سين ڏانهن روانو ٿيو.

انهيءَ هرڻيءَ جي جهلجڻ جي باري ۾ هيئن بہ چيو ويو آهي تہ، جڏهن اها هرڻي ٿڪي ٽٽي اچي هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ستي تہ هيراڪليز ان جي چوڏاري ڄار وڇائي، ان ۾ هرڻيءَ کي ڦاسائي جهلي ورتو. واٽ تي شڪار ڪندي آرٽيمس ديويءَ هن کي هرڻيءَ سان ڏسي ورتو ۽ مٿس ڏاڍو ڪاوڙي، پر هيراڪليز سڄو الزام يوريس ٿيس تي لڳايو ۽ پنهنجي بيوسي ظاهر ڪري پاڻ ڇڏايو. اهڙيءَ طرح هن اها هرڻي بادشاهہ کي زنده سلامت پهچائي پنهنجو ٽيون ڪم پورو ڪيو.

هڪ ٻي روايت ۾ چيو ويو آهي تہ الڪيونيءَ جي ڀيڻ ٽيگيٽي (اٽلس ديوتا جي سٺن ڌيئن منجهان) انهيءَ هرڻيءَ کي آرٽيمس ديويءَ جي نذراني طور پيش ڪيو هو، ڇو تہ جڏهن زوس ديوتا، ٽيگيٽيءَ سان جنسي ميلاپ قائم ڪرڻ ٿي چاهيو، تڏهن آرٽيمس ديويءَ ٽيگيٽيءَ جي شڪل مٽائي کيس هرڻي بنائي زوس ديوتا مان جند ڇڏائي هئي. پر ان هوندي بہ زوس کان ٽيگيٽيءَ جي جند نہ ڇٽي ۽ زوس ديوتا ساڻس ميلاپ ڪيو هو، جنهن مان ليسي ڊيمون پيدا ٿيو. پوءِ پنهنجي لڄ لٽجڻ جي ڏک وچان هن پاڻ کي ڦاهي ڏئي ماري ڇڏيو. ٽيگي ٽس جبل تي ٽيگيٽي تان نالو پيو.

## چوٿون ڪم

# ايري منٿس جو سوئر
Erymanthain Boar

يوريسٿيس بادشاھ سوني هرڻي هٿ ڪرڻ کان پوءِ هن هيراڪليز کي حڪم ڏنو تہ ”ايري منٿس جبلن واري خوفناڪ جهنگلي سوئر کي جيئرو جهلي اچ!“

انهيءَ خطرناڪ خوني سوئر، ايري منٿس جبل جي لاهين وارن جهنگن ۾، آرڪاڊيا جي لمپيا جبل جي ڪنڊائتن پٽن تي ۽ پسوفس شهر جي آسپاس ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو هو.

هيراڪليز همت جو سندرو ٻڌي ايري منٿس جبل ڏانهن روانو ٿيو. فولوئي وٽان لنگهندي واٽ تي هن هڪ رهزن ڊاڙيل سورس کي ماريو. هڪ هنڌ فولس نالي هڪ قنطور (اڌ گهوڙو اڌ انسان) سندس مهماني ڪئي. فولس هڪ جل پري سلي نس جو پٽ هو. هن ڀڳل گوشت هيراڪليز کي ڏنو ۽ ڪچو گوشت پاڻ کاڌائين. اتي غار ۾ هڪ وڏو مٽ رکيل هو جنهن لاءِ هن، فولس کي ٻڌايو تہ انهيءَ مٽ ۾ اهو شراب پيل آهي، جيڪو ڊيونائسس ديوتا پنهنجي لاءِ رکيو هو. انهيءَ مٽ تان جڏهن ڍڪ لاٿو ويو، تڏهن شراب جي بوءِ ٻين قنطورن بہ سنگهي ورتي ۽ پوءِ سڀ اچي مڙيا. ڪن وڏا وڏا پٿر کنيا، تہ ڪن پاڙن سوڌو وڏا وڻ پٽي هٿن ۾ جهليا تہ ڪن قنطورن وري وڏا ڪهاڙا سنڀاهي ان غار تي اوچتو ڪٽي جُلھ ڪئي. پوءِ تہ ٻيگهي مچي وئي؛ فولس قنطور تہ ڊپ ۾ ڇُڙهي ويو، پر هي سورمو مڙس ماٺهو ٿي سندن سامهون ٿيو. پهرين ايندڙ ٻن قنطورن اينسيئيس ۽آگزائيوس کي ٽانڊي جا ٻرندڙ اماڙ هٽي پوئتي هٽايائين. ايتري ۾ قنطورن جي ڪڪرن واري ڏاڏيءَ نيفيلي جو بہ رت وري پيو، تنهن ڪڪرن کي ڪٽي ڇڏيو تہ مينهن جا گهوگهٽ ٿي ويا. هيراڪليز جي ڪمان جي تار پُسي ڍلي ٿي پئي ۽ ميدان ۾ گپ چڪ ڪان هلڻ ڏکيو ٿي پيو. پر هن همت نہ هاري ۽ قنطورن مان ڪيترائي ماري وڌائين، جن سان گڏ اوريس ۽ هائي ليس جهڙا نامور قنطور بہ ختم ٿي ويا. اهو ڏسي ٻيا قنطور بہ ڪن ڪڙا ڪري اٿي ڀڳا ۽ سڌو وڃي پنهنجي بادشاھ خيرون وٽ مالي ۾ تکا ڪيائون.

قنطورن جو بادشاھ خيرون هڪ نيڪ دل قنطور، ڄاڻو عالم ۽ دانا

حڪيم هو. هيراڪليز کان سواءِ ڪيترن ٻين سورمن جو به استاد هو. ڇا ٿيو جو ان جنگ ۾ هن سورمي جو هڪ تير ايلانٽس جي ٻانهن وٽان ٽيندو وڃي خيرون کي لڳو. پنهنجي انهيءَ پراڻي دوست جو هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. خيرون گهڻي ئي ڦڪيون ٻڪيون ڪيون، پر ڪجهه نه ٿيو. خيرون ڦٽ جي سورن ۾ نجهلندو وڃي غار ۾ پيو. ڪيس مرڻ جو حڪم نه هو، ڇاڪاڻ ته هو لافاني هو. پوءِ قنطورن ۾ اچي ياڃ پيئي. هو ڇڙيئي ڪنڊن ڏانهن ڀڄڻ لڳا، انهن مان ڪن قنطورن کي پوزيڊون ديوتا اليوسس ۾ لڪائي ڇڏيو.

ان کان پوءِ جن ماڻهن کي هن سورمي ماريو هو، تن ۾ آرڪاڊيا جو هوماڊس به هو، جنهن يوريس ٿيس بادشاهه جي ڀيڻ الڪيونيءَ جي لڄ لٽڻ ٿي گهري. اهڙيءَ طرح، پنهنجي دشمن جي عزت وٺندڙ کان انهيءَ ذات جو انتقام وٺڻ سان هن سورمي وڏو نالو ڪڍيو. اتي فولس جيئن هيراڪليز جو هڪ تير پٽي ڏٺو ته ڪمان ڇٽي وئي ۽ تير مٿي ۾ لڳڻ سان فولس به مري ويو. هن سورمي فولس کي وڏي مان شان سان دفن ڪرايو.

ڇيو وڃي ٿو ته ائني گرس نديءَ جو پاڻي بدبودار ان ڪري ٿيو جو هڪ قنطور پائي لنيار هيراڪليز جي تيرن سبب پنهنجو ڦٽيل بدن، اتي ڌوتو هو.

اتان ٿي هن خوني سوئر جي پٺ ورتي ۽ ايري منٿس جبل جي ڪنڌي وٽي گهاٽي جهنگ ۾ لڪل سوئر کي هڪلون ڪري ٻاهر ڪڍيائين ۽ پوءِ ان کي برفاني علائقن تائين ڊوڙائي ٿڪائي وڌائين. نيٺ وڏي جاکوڙ کان پوءِ سوئر کي جهلي زنجيرن ۾ لوهه ڪيائين ۽ پوءِ اهو جيئرو سور پنهنجي ڪلهن تي کڻي مائي سين روانو ٿيو.

جڏهن ڪيس اها خبر پئي ته آرگوناٽ هڪ اهم ساموندي سفر تي وڃڻ لاءِ گڏ پيا ٿين ته هن جو به روح نه رهيو ۽ يوريس ٿيس جي ڪنهن حڪم جي انتظار کان سواءِ سوئر کي زنجيرن سان کڻي شهر جي ٻاهران پٽ تي ستيائين ۽ هائي لاس کي ساڻ وٺي آرگوناٽس جي مهم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

اها خبر ناهي ته ان سوئر کي ڪنهن ماريو يا بادشاهه وٽ پڄايو، پر اها خبر آهي ته ان سوئر جا ڏکا ڏند اپالو ديوتا جي ڪومي Comae مندر ۾ رکيل آهن.

پنجون ڪم

## اوجيس جا واڙا

The Stables of Augeias

هيراڪليز تي پنجون ڪم اهو رکيو ويو ته هو ايلس جي بادشاهه اوجيس جي واڙن مان جانورن جي ڇيڻي ۽ مُٽ واري گند کي هڪڙي ڏينهن ۾ صفا ڪري.

اوجيس دنيا جو وڏي ۾ وڏو مالدار ڀاڳيو هو. سندس چوپايو مال ڳاڻيٽي کان ٻاهر هو. مال ۾ گهڻو ڪري ماديون هيون ۽ نر ٿورا هئا. ڳاڻيٽي ۾ نر به پنج سئو کان مٿي هئا. جن مان ٽي سئو اڇن پيرن وارا ڪارا پاڏا هئا ۽ انهن کان سواءِ ٻه سئو سانَ ڍڳا فقط ڍڳين کي قرڻ لاءِ هوندا هئا. سموري چوپائي مال جي بچاءَ ۽ سنڀال لاءِ ٻارنهن اڇي رنگ جا ڏاڍا سهڻا ۽ تاهوڪا جڙ ڍڳا هوندا هئا، جيڪي ٻاهرين خوفناڪ جهنگلي جانورن جي حملن کان مال بچائڻ لاءِ بيهاريا ويا هئا.

اوجيس بادشاهه جي ڳئن، مينهن ۽ رڍن جي واڙن مان ڇيڻي ۽ ڦولڙين جي صفائي سالن کان وٺي نه ٿي هئي. انهيءَ گندگيءَ جي باوجود هڪ دعا جي اثر سبب اوجيس جي مال کي ڪجهه به نه ٿيو هو ۽ سندس سمورو چوپايو مال سڀني مرضن کان آجو رهيو. پر آسپاس جي سمورن واڙن ۾ جيڪو به چوپايو مال هو، انهن ۾ وبائي بيماريون ڦهلجي ويون هيون. اوجيس جي وٿاڻن ۾ تمام گهڻو گند جمع ٿي چڪو هو. اهو سمورو گند هيراڪليز کي هڪ ڏينهن ۾ صاف ڪرڻو هو.

هيراڪليز بادشاهه کي چيو ته هو هڪڙي ڏينهن ۾ سندس سمورا واڙا صاف ڪري ڇڏيندو. اهو ٻڌي بادشاهه کامي پيو ۽ پنهنجي پٽ فائي ليس کي چيائين ته هو هيراڪليز کي قسم کڻائي. هن سورمي سڄي حياتيءَ ۾ اهو پهريون ڀيرو پنهنجي پيءُ (زوس ديوتا) جو قسم کنيو. پوءِ اوجيس به قسم کڻي چيو ته هيراڪليز هڪ ڏينهن ۾ منهنجا سمورا واڙا صاف ڪندو ته کيس پنهنجي سموري چوپائي مال جو ڏهون حصو ڏيندس. جڏهن هن بادشاهه جي واڙن ڏانهن قدم وڌايو ته اڇي رنگ جي ٻارنهن ڍڳن جي اڳواڻ ڍڳي هن تي جُلهه ڪئي. هن سورمي ان ڍڳي کي سڱن کان جهلي کڻي هيٺ ڪيرايو.

ان کان پوءِ هن سورمي، ايلين قوم جي ميني ڊيوس نالي هڪ ماٿهوءَ

جي صلاح سان ۽ ايولاس جي مدد سان بادشاهه جي واڙي جي ڀنهي طرفن کان ڀتين منجهان ٻه وڏا ٽُنگ ڪري ڇڏيا. پوءِ الفيس ۽ مينيس يا پينيس ندين جي وهڪرن جو رخ بدلائي پاڻيءَ کي بادشاهه جي واڙي ڏانهن منهن ڏنائين. اهڙيءَ طرح دريائي پاڻيءَ ايڏي تہ ڏمر لاتي جو ڏسندي ڏسندي واڙن جو سمورو گند پاڻي ڊوئي ڪٽي ويو ۽ اها زبردست وڏي واڙ (جنهن ۾ ڪيترائي واڙا هئا) صاف ٿي ويا. اهڙي طرح هن پنهنجو پنجون سونپيل ڪم پورو ڪيو.

اوجيس جي واڙن جي صفائي ڏسڻ ۽ ڪم جي پورائي جي خاطري ڪرڻ لاءِ يوريسٿيس بادشاهه جا قاصد ۽ ڪوپريس (چيٽو) بہ آيو. جڏهن اوجيس کي خبر پيئي تہ سندس واڙن جي صفائي تہ هوندڻ بہ هر حال ۾ هيراڪليز کي ڪرڻي هئي، سو پنهنجي قول تان ڦري ويو ۽ پنهنجي مال جي ڏهين پتي (عشر) هيراڪليز کي ڏيڻ کان ڦرڻپ جواب ڏنائين.

هيراڪليز آسپاس جي چڱن مڙسن کي دانهن ڏني. جن وٽ بادشاهه جي پٽ فائي ليس بہ هيراڪليز جي حق ۾ شاهدي ڏني. اهو ڏسي اوجيس بادشاهه ڪاوڙجي هن سان گڏ پنهنجي پٽ فائي ليس کي بہ راڄ نيڪالي ڏئي ڇڏي، مٿان اُلٽو هن سورمي کي چيائين تہ تو مون سان دوکو ڪيو آهي ۽ پاڻ ڪجهہ بہ نہ ڪيو اٿيئي. دريائن جو پاڻي تہ دريائي ديوتائن ڏنو هو. ڪم انهن ڪيو اجورو تون ٿو وٺين.

هوڏانهن وري يوريسٿيس بادشاهه هن جو اهو ڪم نہ مڃيو ۽ ڪيس چيائين تہ هن اهو ڪم اوجيس بادشاهه جي اجوري جي عيوض ڪيو هو.

هي سورمو اتان فائي ليس سان گڏجي ڊيڪامينز بادشاهه وٽ اولينس جي شهر ويو ۽ ان بادشاهه جي ڌيءَ منيسي ماچي Mnesi Mache کي يوريشن قنطور وٽان ڇڏايائين.

## ڇهون ڪم

## اسٽائم فالس جا پکي (خوني ڪونجون)

The Stym phalion Birds

هيراڪليز کي بادشاهه يوريس ٿيس وري اهو حڪم ڏنو تہ وڃي اسٽائم فالنس جي ڍنڍين مان خوني پکين کي ڪڍي.

اهي ڪونجن جهڙا خوني پکي بگهڙن کان ڊڄي اچي اسٽائمر فالد جي ڍنڍن ۾ لڪيا هئا ۽ اتي وڏي ويجهي انهن پنهنجو هميشه لاءِ ٺاڪ ٺاهي ڇڏيو هو. انهن آدمخور ۽ خوني پکين جون چهنبون، پر ۽ پير پتل جا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اهي خوني ڪونجون پاڻ ۾ جهجهيون گڏ ٿي اڏامنديون هيون ۽ ماڻهن ۽ جانورن تي پنهنجي پتل جي پَرن جو وسڪارو ڪري انهن کي ماري ڇڏينديون هيون. اهو ته نهيو پر سندن وات مان به اهڙو ته زهريلو اوڳار نڪرندو هو جو لڳڻ سان فصلن کي باهه وٺي ويندي هئي.

جڏهن هيراڪليز اسٽائمر فالس جي ڍنڍن وٽ پهتو ته انهن پکين کي ڏسي هو سمجهي ويو ته پکي گهڻا آهن ۽ سندس تير کٽي ويندا. انهن پاڻيائين ڍنڍن ۾ هر طرف جهنگ ئي جهنگ هو. ايتري به جاءِ نه هئي، جو هلي ڦري سگهجي ۽ نه ايترو مٿاهون پاٽي هو جو ٻيڙي تري سگهي. انهيءَ ڳڻ ڳوت ۾ اٿينا ديويءَ کي مٿس ترس اچي ويو ۽ ڪيس ڪنجهي جون چيٽيون (ڪرڙتالون) ڏنائين، جيڪي شايد هيفائسٽس ديوتا جون ٺاهيل هيون. اهي چيٽيون کڻي هو ڍنڍن مٿان بيٺل سائيليني جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو ۽ ڪنجهي جون اهي چيٽيون ٻنهي هٿن ۾ جهلي زور سان وڄائڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي وات سان به اهڙو ته هَل بڪيڙو ۽ هڪلون ڪيائين جو انهيءَ گوڙ گهمسان ۾ خوني پکي به پيچڻ لڳا. وري هيراڪليز مٿن تيرن جو وسڪارو لائي ڏنو. تان جو اهي خوني پکي اسٽائمر فالس جون ڍنڍيون ڇڏي وڏين قطارن ۾ ايريز ٻيٽ ڏانهن هليا ويا.

## خوني پکين بابت وڌيڪ معلومات

اسٽائمر فالس وارا اهي خوني پکي ڪونجن جيڏا هئا ۽ آئبس Ibis پکين جهڙا هئا، پر سندن چهنبون مُڙيل نه هيون ۽ ڪنهن به ڌاتوءَ جي ڇاتيءَ جي پٽي ۾ ٽنبجي وينديون هيون. اهي پکي عرب جي رڻ پٽ ۾ به هوندا هئا ۽ اتي مسافرن لاءِ شينهن ۽ چيتن کان به وڌيڪ وڏي مصيبت جو ڪارڻ ٿي ويا. عربستان جا شڪاري انهن پکين کان پاڻ بچائڻ لاءِ وڻن ڇوڏن سان وٺيل زرهون پائيندا هئا. جن ۾ انهن پکين جون چنهنبون ڦسي وينديون هيون ۽ پوءِ اهي شڪاري انهن کي جهلي ماريندا هئا.

مشهور يوناني مورخ پاسانياس جو چوڻ آهي ته عرب جي انهن ساڳين پکين جي ڪنهن ولر، اهو ملڪ ڇڏي وڃي، اسٽائمر فالس وسايو هوندو. ڪن روايتن ۾ اهو به چيو ويو آهي ته اصل ۾ اهي پکي اسٽائمر فالس ۽ اورنس جون ڌيئون هئا، جن هيراڪليز جي مهماني نه ڪئي ۽ هيراڪليز هنن کي ماري ڇڏيو هو.

اسٽائمر فالس وٽ آرٽيمس ديويءَ جو هڪ جهونو مندر هو. ان جي ڀتين تي انهن پکين جون مورتيون ٽنگيل هيون ۽ ان عمارت جي پويان اهڙين ڪنوارين ڇوڪرين جا بت رکيل هئا، جن جون ٽنگون پکين جهڙيون هيون.

## ستون ڪم

## ڪريٽ وارو سان
The Cretan Bull

بادشاهه يوريس ٿيس جو مڙهيل ستون ڪم جيڪو هيراڪليز کي پورو ڪرڻو هو سو هو، ڪريٽ واري سانَ "ڏڳي" کي جهلي اچڻ. جنهن ڪريٽ ٻيٽ ۾ وڏي تباهي آڻي ڇڏي هئي. ان کان علاوه ٽيٿرس نديءَ جي ويجهڙائي وارن ميدانن ۾ آسپاس جي فصلن ۽ باغن کي به ان ڏڳي ڀيلي چٽ ڪري ڇڏيو هو.

ڪريٽ جي بادشاهه منوس کي اهو ڏڳو پوزيڊون ديوتا قربانيءَ لاءِ ڏنو هو. اهو هڪ تمام سهڻو سامونڊي ڏڳو هو، جيڪو منوس بادشاهه پوزيڊون ديوتا کان منو ڪري قربان نہ ڪيو ۽ پاڻ وٽ بيهاري ڇڏيو. انهيءَ ڏڳي کي ڏسي بادشاهه جي راڻي پاسيفاءِ هرڪي پيئي ۽ ان ڏڳي سان جنسي ميلاپ ڪرڻ جي شديد خواهش هيٺ ڪاٺ جي نقلي ڳئون ٺهرائي، ان جي ڍانچي ۾ ويهي ڏڳي سان جنسي ميلاپ ڪيائين. ان مان راڻيءَ کي مناتور نالي هڪ پٽ ڄائو، جنهن جي سسي ڏڳي جي ۽ باقي ڌڙ ماڻهوءَ جو هو. بهرحال اهو ڏڳو اتان ٽڙجي جهنگ مُنهن ڪري ڀڄي نڪتو ۽ هيڏانهن هوڏانهن پوکن ۾ راڳا ڪري ملڪ ۾ چوڌطرف رڙ وجهي ڇڏيائين.

ان کان سواءِ ان ڏڳي جي اصليت جي باري ۾ ڪي ٻيون به هڪ ٻئي جي ابتڙ روايتون آهن. بهرحال هيراڪليز سامونڊي جهاز ۾ چڙهي وڃي ڪريٽ ٻيٽ ۾ پهتو ۽ بادشاهه منوس کيس هر طرح جي مدد ڪرڻ جي آڇ ڪئي، پر هن سورمي سڀ ڪجهه پاڻ تي ياڙيو ۽ وڏي جاکوڙ ڪري اڪيلي سر وڏن زورن سان ان ڏڳي کي جهلي، ڪاهي اچي يوريس ٿيس بادشاهه جي حوالي ڪيو، جنهن ان ڏڳي کي هيرا ديويءَ جي نالي نذر ڪري کولي ڇڏيو. هيرا ديويءَ لاءِ، هيراڪليز جو نالو به گار هو تنهن خارن ۾ اچي ان ڏڳي کي اسپارٽا ڏانهن ڀڄائي ڇڏيو. جتان آرڪاڊيا وٽان رلندو رلندو اهو ڏڳو وڃي مراٿون واري ملڪ ۾ پهتو. جتان ان کي ٿيسيس گهلي وڃي اٿينس مان ڪڍيو ۽ اتي اٿينا ديويءَ جي مندر ۾ ان ڏڳي کي ڪُهي قربان ڪيو ويو.

## اٺون ڪم

# ڊيوميڊيز جون خوني گهوڙيون
Mares of Diomedes

ڪريٽ مان خطرناڪ ڏڳو جهلي اچڻ کان پوءِ يوريس ٿيس بادشاهه هيراڪليز کي حڪم ڏنو ته ٿريس ۾ وڃي بسٽون قبيلي جي بادشاهه ڊيوميڊيز جون خوني گهوڙيون جهلي اچي. هي سورمو پاڻ سان گڏ ڪيترائي ساٿي وٺي ٿريس ڏانهن روانو ٿيو. ٿريس ڏانهن ويندي واٽ تي پنهنجي آرگوناٽ دوست فيراءِ جي بادشاهه آڊميٽس وٽ وڃي ترسيو. ان رات آڊميٽس جي زال السيسٽس مري وئي هئي، پر اها ڳالهه هيراڪليز کي نه ٻڌائي وئي.

### موت سان ويڙهه

اصل ڳالهه هيئن هئي ته آڊميٽس کي اپالو ديوتا وٽان اوچتو اها خبر پئي ته سندس حياتي پوري ٿيڻ واري آهي؛ پر جي ڪو ماڻهو سندس پاران موت قبولي ته هو بچي ويندو. هن پنهنجي ٻڍڙي ماءُ ۽ پيءُ کي چيو، دوستن کي منٿ ڪئي، پر ڪنهن به سندس بدران مرڻ قبول نه ڪيو. نيٺ سندس وفادار زال السيسٽس هن لاءِ اها قرباني ڏني. جڏهن اها خبر هيراڪليز کي پيئي ته هن کان پنهنجي دوست جو غم سٺو نه ٿيو ۽ هو جوش ۾ پرجي موت سان وڙهڻ لاءِ روانو ٿيو. نيٺ موت ٿاناٽوز ۽ هيراڪليز جي پاڻ ۾ جنگ ٿي. هڪ ٻئي سان هٿين پيا. نيٺ هيراڪليز موت کي ڪشتيءَ ۾ هارايو ۽ السيسٽس کي موت کان بچائي آڊميٽس وٽ پهچايو.

هيراڪليز فيراءِ کان ٿيندو اچي ٿريڊا پهتو، جتي ڊيوميڊيز جي گهوڙين جي ڪُڙهه هئي، جيڪي اتي پتل جي کونڊين سان گڏ لوهي زنجيرن ۾ ٻڌل هيون. بادشاهه وٽ جيڪي به مهمان ايندا هئا، تن کي ڪُهي انهن جو گوشت وڏي تڙون تڙون ڪري هو پنهنجي آدمخور گهوڙين کي کارائيندو هو. ان ڪري ملڪ ۾ چوطرف انهن گهوڙين جو زبردست ڌمڪاءُ ڦهليل هو.

ڊيوميڊيز ٿريس جي جنگجو بسٽون قبيلي جو بادشاهه (سردار) هوندو هو. ڪن مورخن کيس ايريز ديوتا جو سائرين مان ڄاول پٽ ليکيو آهي. ڪن وري کيس ايٽلس ديوتا جو سندس ڌيءَ آسٽريءَ سان ناجائز تعلق مان پيدا ٿيل ڄاڻايو آهي. هڪڙي روايت ۾ انهن آدمخور گهوڙين کي نر گهوڙا ٻڌايو

ويو آهي، جن جا نالا پوڊارگس، لامپون، ايڪزانٿاس ۽ ڊينس هئا.

ڊيوميڊيز جي گهوڙين جي ڪڙهه ۾ وڃڻ سان هيراڪليز گهوڙين جي راکن کي قابو ڪري، گهوڙين کي کولي سمنڊ ڏانهن ڀڄائي ڇڏيو. اتي هڪ ٽڪري وٽ گهوڙيون پنهنجي ساٿيءَ ايبڊيرس جي حوالي ڪري، پاڻ سمنڊ مان هڪ سير ڪڍي، سامونڊي پٽيءَ کي هيٺين ميدانن تي وهائي ڇڏيائين. ان ڪري سندس پيڇو ڪندڙ ڊيوميڊيز جا ماڻهو ڊڄي ڀڳا ۽ هن سورهي وري سندس پٺ ورتي. هوڏانهن آدمخور گهوڙين ايبڊيرس کي چيباتي ڪچو ڪائي ڇڏيو هو. هيراڪليز ڊيوميڊيز سان دوبدو مقابلي ۾ ڪيس گرز هڻي سندس هوش حواس خطا ڪري ڇڏيا. پوءِ بيهوش ڊيوميڊيز کي ڪٽي سندس ئي گهوڙين جي اڳيان اڇي اڇلايائين. آدمخور گهوڙين ايبڊيرس وانگر پنهنجي زخمي مالڪ کي امالڪ ڪائي چٽ ڪري ڇڏيو.

هيراڪليز پنهنجي مئل ساٿيءَ ايبڊيرس جي قبر تي مقبو اڏايو ۽ ان جي نالي تي هڪ شهر ايبڊيرا جو بنياد وڌو. پوءِ هن انهن آدمخور گهوڙين کي جهلي ڊيوميڊيز جي رٿ ۾ جوٽيو. انهن گهوڙين کي ان کان اڳ ڪڏهن به لغام نه پيو هو، پر هيراڪليز انهن کي سڌو ڪري ڇڏيو. هو ان رٿ ۾ چڙهي اچي مائي سين ملڪ ۾ پهتو ۽ ترياننز ۾ اچي بادشاهه يوريس ٿيس جي اڳيان اهي آدمخور گهوڙيون ڇڏيائين. جنهن انهن گهوڙين کي هيراديويءَ جي نالي ڪري اولمپس جبلن ۾ کولي ڇڏيو، جتي نيٺ انهن کي جهنگلي جانورن ماري ڇڏيو. چيو وڃي ٿو ته ٽراءِ جي جنگ کان وٺي سڪندر اعظم جي زماني تائين انهن گهوڙين جو نسل قائم رهيو آهي.

نائون ڪم

## اميزان راڻيءَ هپولائٽيءَ جو چيلهه پٽو

## Amazon's Girdle

يوريس ٿيس وري به هيراڪليز کي حڪم ڏنو ته سندس ڌيءَ ادميٽي لاءِ ايريز ديوتا وارو سونو چيلهه پٽو هٿ ڪري اچي، جيڪو اميزان زالن جي حڪمران راڻيءَ هپولائٽي يا (هپولائيٽا) جي قبضي ۾ هو.

### قصو اميزان زالن جو

ويڙهو عورتن جو هڪ قبيلو، جيڪو ايشيا مائنر ۾ ڪاري سمنڊ جي

ويجهو، يوناني بينڪن جي ايرندي پاسي ۾ آباد هو. اميزان زالون پنهنجي ڇاتيءَ جا ساڄي پاسي وارا اُرهه وڍي ڇڏينديون هيون ته جيئن ڪين تير ڪمان هلائڻ ۾ سولائي ٿئي. اهي زالون مردن کان پري رهنديون هيون، فقط ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ مردن کي پاڻ وٽ اچڻ ڏينديون هيون. هو جنگين ۾ هٿ آيل مردن سان به ٿوري وقت لاءِ جنسي تعلق قائم ڪنديون هيون. انهن زالن کي جيڪي پٽ ڄمندا هئا، انهن کي هو ماري ڇڏينديون هيون يا غلام بنائي وڪڻي ڇڏينديون هيون. باقي ڇوڪرين جي پيدائش تي ڏاڍو خوش ٿينديون هيون ۽ انهن جي وڏي لاڏ ڪوڏ سان پرورش ڪنديون هيون. هن کان اڳ يونان جا مشهور سورما بيليروفون اڪيلس، پرسيس ۽ ٿيسيس وغيره اميزان عورتن سان وڙهي چڪا هئا.

چيو وڃي ٿو ته هارمونيا نالي جل پريءَ مان ايريز ديوتا کي جيڪو اولاد ٿيو، ان مان ئي اميزان جو نسل وڌيو ويجهيو. اميزان عورتون ايريز ديوتا جي پوڄا ڪنديون هيون. ان کان سواءِ آرٽيمس ديويءَ جي به پوڄا ڪنديون هيون.

هڪ اميزان عورت لائي سيپي Lysippe جي پٽ ٽانيس کي جنگ جهيڙي سان گهڻو پوندي هئي ۽ ڪيس شاديءَ کان نفرت هئي. ان ڪري افروڊائيٽ ديوي ان کان ناراض ٿي پئي. افروڊائيٽ خارن ۾ اچي ٽانيس جي ماءُ لائي سيپيءَ کي پنهنجي پٽ ٽانيس جي محبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. پر هن پنهنجي ماءُ سان واهيات جنسي تعلق قائم نه ڪيو، بلڪ ان کان بچڻ لاءِ پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيائين. ان جي روح جي ملامت کان بچڻ لاءِ لائي سيپي پنهنجي ڌيئرن کي وٺي ڪاري سمنڊ جي ڪناري وارن ميدانن ۾ اميزان جبلن وٽ، جتان ٿرموڊن ندي وهندي هئي، اتي جبلن ۾ وڃي رهي. گهڻي وقت کان پوءِ لائي سيپيءَ جو اولاد ٽن قبيلن ۾ ورهائجي ويو. جن ٽي شهر جدا جدا آباد ڪيا هئا. هيراڪليز جي زماني ۾ اميزان عورتن جي انهن ٽن شهرن تي ٽي راڻيون هپولائيٽي، اينٽي اوپي ۽ ميلانپي راڄ ڪنديون هيون.

## هيراڪليز جو اميزان عورتن جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيڻ

هن سورمي رضاڪارن جي هڪ جماعت ساڻ وٺي هڪ يا ڪن جي چوڻ موجب نون جهازن جو ٻيڙو ٻيري، ٿرموڊن نديءَ ڏانهن روانو ٿيو. مشهور سورما ايولاس Iolaus، ٽيلامون Telamon، پيليس Peleus ۽ ٿيسيس Theseus به انهي مهم ۾ ساڻس گڏ هئا. هيراڪليز جي جهاز پهرين پاروس ٻيٽ وٽ وڃي لنگر هنيو. پاروس ٻيٽ جو بادشاهه اندروگيوس، ڪريٽ جي

بادشاهه مينوس جو پٽ هو. سندس ٽي پائر به ساڻس گڏ هئا. انڊروگيوس هن سورمي جا ٻه ساٿي ماري وڌا، ان ڪري هن شهر تي گهيرو ڪيو. بادشاهه پنهنجا ٻه پٽ الڪائيس ۽ اسٽي نيليس هيراڪليز کي يرغمالي ڪري ڏنا ۽ پنهنجو شهر بچايو. ان کان پوءِ هيلس پانٽ ۽ باسفورس مان لنگهندي هيراڪليز ۽ سندس ساٿي مائيشيا پهتا، جتي هن ببرائي سيس جي خلاف مائيشيا جي بادشاهه لائي ڪس جي مدد ڪئي. لڙائيءَ ۾ هن سورمي ببرائي سيس جي بادشاهه مائيگڊون کي ماري وڌو. جيڪو امائي ڪس جو پاءُ هو. لائي ڪس بادشاهه کي هيراڪليز جيڪو ملڪ کٽي ڏنو، ان تي سندس شڪر گذاريءَ ۾ هيراڪليا جو نالو رکيو ويو.

اتان هلي هيراڪليز جو ٻيڙو اچي ٿرموڊون ندي جي منهن مان لنگهي ٿيمس ڪائرا جي بندر تي لنگر انداز ٿيو. اتي جي راڻي هپولائٽي بندر تي بيٺل ٻيڙي ۾ اچي سندس آڌرڀاءُ ڪيو ۽ سندس سهڻي ۽ ٺاهوڪي سڊول جسم تي موهجي راڻيءَ ڪيس ايريز ديوتا وارو سونو چيلهه پٽو پنهنجي پيار جي نشانيءَ ۾ پيش ڪيو. هيرا ديويءَ کي هيراڪليز ۽ هپولائٽي جو سهڻو نه وڻيو ۽ هن هڪدم اميزان عورتن ۾ اهو افواهه ڦهلائي ڇڏيو ته هيراڪليز ۽ سندس ساٿي سندن راڻيءَ هپولائٽي کي زوري ڀڄايو پيا وڃن. اهو ٻُڌي هڏي ويڙهو اميزان عورتن، هشيار پنوهار ڍڪي گهوڙا ڊوڙائي، تڪڙو سامونڊي ڪناري ڏانهن ڪاهيو ۽ جنگ شروع ڪري ڏنائون. اهو ڏسي هيراڪليز ائين سمجهيو ته راڻيءَ هپولائٽي ساڻس دوکو ڪيو آهي. انهيءَ شڪ ۾ هن نڪا ڪئي هر نڪا تم يڪدم تلوار ڪٽي معصوم هپولائٽي کي ماري وڌائين ۽ ان جي چيلهه تان چيلهه پٽو ڇڪي ڪڍي ورتائين. مشهور يوناني مورخن اپولونيس ۽ روڊيس جو چوڻ آهي ته جڏهن هيراڪليز راڻي هپولائٽي کان اهو چيلهه پٽو گهريو ته راڻيءَ ڪٿو جواب ڏنس ۽ ان ڪري ٻنهي جي وچ ۾ دوبدو مقابلو ٿيو. جنهن ۾ هيراڪليز هن کي گهوڙي تان ڪيرائي سندس ڇاتيءَ تي پنهنجو گرز رکيو ۽ هن کي آڻ ميڃڻ لاءِ چيائين، پر هن بهادر راڻيءَ آڻ ميڃڻ کان مرڻ بهتر سمجهيو.

ڪن مورخن هيئن به چيو آهي ته جنگ ۾ راڻي ميلانپي گرفتار ٿي پئي هئي، جنهن کي راڻي هپولائٽي پنهنجو سونو چيلهه پٽو ڏئي ڇڏيو هو. پر ڪن مورخن وري هيئن چيو آهي ته ان جنگ ۾ ٿيسيس سورمي راڻي هپولائٽي کي جهلي هن سورمي جي حوالي ڪيو ۽ ان جو چيلهه پٽو هيراڪليز کي پيش ڪيائين. ان خوشيءَ ۾ هن سورمي، اميزان راڻي اينٽي اوپيءَ جي

ٻانهن ٿيسيس جي حوالي ڪئي.

## هيراڪليز جو موٽڻ

سونو چيلهه پٽو ساڻ کڻي هي سورمو راڻي هپولائٽي جي شهر ٿيس ڪائرا مان واپس ٿيو. واٽ تي ميرين ڊائن وٽ اتي جي بادشاهه لائي ڪس جي پاءِ پريولاس جي دفن ٿيڻ جي ميلي ۾ شرڪت ڪيائين. جنهن جي غم ۾ رانديون ڪيون وينديون هيون ۽ ماتمي مرثيا پڙهيا ويندا هئا. پريولاس کي مائيشيا جي ماڻهن ماريو هو.

اتي رانديون ۽ ڪسرتي مقابلن ۾ هن سورمي به حصو ورتو ۽ اتي جي مشهور باڪسر ٽيٽيس کي ٺونشا هڻي، سندس ڏندن جو ٻنيهي ئي پيچي ڇڏيائين، ان وکهي هو مري ويو. پوءِ هن مائيشيا جي ماڻهن سان جنگ ڪري انهن کي شڪست ڏني. ان کان پوءِ هن بٿائينيا جي ملڪ تي چڙهائي ڪري ڪولون جبلن ٿائين سمورو بٿائينيا جو ملڪ فتح ڪيو. ان کان پوءِ هي ۽ سندس ساٿي ٽراءِ جي شهر ويا ۽ اتي جي شهزاديءَ هيسيونيءَ کي هڪ سامونڊي بلا جو لقمو ٿيڻ کان بچايائون. جڏهن هيراڪليز ۽ سندس ساٿي ٽوروني پهتا ته اتي ڪشتيءَ جي هڪ مقابلي ۾ هن پروٽيس جي ٻن پٽن پالي گونس ۽ ٽيلي گونس کي ماري ڇڏيو. تان جو هلندي هلندي هو اچي مائي سين پهتا. جتي هن بادشاهه يوريسٽيس کي اميزان راڻيءَ جو سونو چيلهه پٽو حوالي ڪري پنهنجو نائون سونپيل ڪم پورو ڪيو.

ڏهون ڪم

## جيريون جو چوپايو مال

The Cattle of Geryon

نائون ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ به يوريس ٽيس بادشاهه سندس جند نه ڇڏي. هن هيراڪليز کي ڏهون ڪم سونپيو ته هو ٽارٽيس جي بادشاهه گيريون جا ڍور ڪاهي اچي، جيڪي ڳاڙهي نسل جا هئا ۽ ملڪان ملڪ مشهور هئا. بادشاهه گيرون طاقت ۾، پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس ٽي سسيون، ڇهه هٿ ۽ چيلهه سان لڱل ٽي مردانا بدن هئا. سندس چوپائي مال جو ڌنار "يوري شن" هو، جيڪو ايريز ديوتا جو پٽ هو ۽ ان سان گڏ اورٿس نالي ٻن سسين وارو ڪتو به هو.

هيراڪليز ڪيئن اهو مال هٿ ڪيو، ان لاءِ جُدا جُدا روايتون آهن. بهرحال، سڀ کان اول، هن مال جي ڏنار ۽ ڪتي کي ماريو. پوءِ بادشاهه گيريون سان هن جي جنگ ٿي. هيرا ديويءَ گيريونَ جي مدد سان ميدان ۾ نپي پيئي، مگر هيراڪليز تير هڻي ان کي به ڦٽي وڌو. آخر بادشاهه مارجي ويو. اهڙيءَ طرح، هي چوپايو مال ڪاهي روانو ٿيو. پوءِ اتان مال ڪاهي ڪيترن ئي ديون، جانورن ۽ بلائن کي ماريندو، مقابلو ڪندو، اچي اسپين مان لنگهيو. اتان ٿيندو پائيرينيز جبلن ۾ پهتو. اتي جي شهزاديءَ پائيريني سان سندس تعلقات ٿي ويا، جيڪا پوءِ مري وئي. ڪيس هن پنهنجن هٿن سان دفن ڪيو. پوءِ وري گال (فرانس) ملڪ ۾ پهتو. چيو وڃي ٿو ته گال قبيلي جي شهزاديءَ گالاتيا سان هن همبستري ڪئي، جنهن مان جنگجو گال پيدا ٿيا. واٽ تي ليگيورا وٽ پوزيڊون ديوتا جي ٻن پٽن سندس چوپايو مال چورائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هُنَ هن سورمي هٿان مارجي ويا. البولا جي بادشاهه ٽائبر نديءَ وٽ سندس سٺو آدر ڀاءُ ڪيو. اتي هڪ غار ۾ رهندڙ ٽسسيو راڪاس ڪاڪس رهندو هو. جنهن جي وات مان ٽانڊا نڪرندا هئا. هن هيراڪليز جا ڇهه ڍور چورائي پنهنجي غار ۾ ٿمي ڇڏيا ۽ پوءِ غار جي منهن تي بٺيءَ جيڏي پٿر جي هڪ ڇپ رکي ڇڏي، جنهن کي ڏهه ڍڳا وڏي زور سان مس لوڏي سگهندا هئا؛ پر هيراڪليز هڪ ئي سٽ سان ان کي ڪٽي اڇلايو ۽ ڪاڪس کي ماري پنهنجا وڃايل ڍور ورايا. سندس ڌڻ مان هڪ ڍور ترڪي وڃي سيسيليءَ جي ٻيٽ مان نڪتو ۽ اتي جي بادشاهه ايرائيڪس جي مال ۾ گڏجي ويو. هيراڪليز به پٺ وٺي اچي اتي سهيڙيو. هتي جي بادشاهه هيءَ ڳالهه هلائي ڇڏي هئي ته، جيڪو به شخص ساڻس ملهه وڙهي ان کي هارائيندو ته، هو پنهنجو ملڪ ڪٽندڙ حوالي ڪندو. ڪشتيءَ جي مقابلي ۾ هيراڪليز ايرائيڪس کي ڪيرائي ماري ڇڏيو ۽ ان ملڪ جي بادشاهي اتي جي ماڻهن جي حوالي ڪيائين. مگر بادشاهه جي ڌيءَ پسوفس سان پاڻ شادي ڪيائين، جنهن مان هن کي ٻه پٽ پيدا ٿيا.

جڏهن هيراڪليز ڍور ڪاهيندو ايڊرياٽڪ نار وٽ پهتو ته، هيراديويءَ هڪ مک کي سندس مال پويان ٻيجي ڇڏيو. جنهن جي ڏنگڻ لڳڻ سان سمورو چوپايو مال ٽهي اتي ڀڳو ۽ ٽريس مان لنگهي وڃي سيٿيا جي رڻ پٽ ۾ پهتو. هن سورمي مال جي پٺ ورتي تان جو وڃي رات ٿي. هو شينهن جي کل مٿان ڪري سمهي رهيو. صبح جو اتي ڏٺائين ته سندس رٿ ۾ ٻڌل گهوڙيون به غائب آهن. هو انهن کي ڳوليندي ڳوليندي وڃي هائيليا جي پٽ ۾

هڪ غار وٽان نڪتو. اتي هن جي ملاقات هڪ عورت سان ٿي، جيڪا اڌ نانگ ۽ اڌ عورت هئي. ان ئي هن جون گهوڙيون چورايون هيون. هن سورمي نانگڻ عورت کي گهوڙيون موٽائي ڏيڻ لاءِ چيو، مگر ان عورت سائس جنسي ميلاپ ڪرڻ جو شرط رکيو. هيراڪليز گهوڙيون حاصل ڪرڻ لاءِ ان سان ميل ڪيو، جنهن مان هن کي پيٽ ٿيو. هن سورمي وڃڻ وقت ان نانگڻ کي پنهنجو تير ڪمان ڏنو ۽ چيو ته منهنجي اولاد مان جيڪو به هار هن ڪمان کي موڙي سگهندو، ان کي هن ملڪ جي بادشاهي ڏج. انهيءَ نانگڻ مان هڪ ئي وقت ۾ ٽي پٽ پيدا ٿيا، جن مان سيٿين ڪمان موڙي سيٿيا جي بادشاهي ورتي.

آخرڪار هن پنهنجي گهوڙين ڪان پوءِ پنهنجو ڪم ٿيل چوپايو مال به هٿ ڪيو ۽ پوءِ اسپارٽائي مون درياهه ٽپي اچي، يوريسٿيس بادشاهه وٽ پهتو ۽ مال ڪيس حوالي ڪيائين. هيڏي ڏکي مهم تان زنده سلامت اچڻ تي بادشاهه کي ڏاڍي حيراني ٿي. آخر، ان بادشاهه هيراڪليز جي آندل ڍورن کي هيرا ديويءَ جي نالي قربان ڪري ڇڏيو.

## يارهون ڪم

# هيسپيرائيڊ جا سونا صوف

The golden apples of the Hesperides

ڊيلفيءَ جي پيشنگوئي موجب هيراڪليز مٿس مڙهيل ڏهه ڪم پورا ڪيا، انهيءَ ۾ هن کي اٺ سال ۽ هڪ مهينو لڳو. پر يوريسٿيس جي نيت خراب هئي، هن کي مڙئي نڪ چپ وڍڻ وارا شرط پورا ڪرائڻا هئا ۽ هن سورمي کي ڪٺن ۾ ڪنائي مارائڻو هو، سو هن وري يارهون ڪم مٿس اهو مڙهيو ته ايٽلس جبلن جي لاهيءَ ۾ هيسپيرائيڊ باغ جي هڪ وڻ ۾ لڳل سونا صوف ڪٽي اچي.

اهي صوف گائيا ديويءَ (ڌرتيءَ ماءُ) پنهنجي پوٽيءَ هيراديوي کي زوس ديوتا سان شادي وقت ڏاج ۾ ڏنا هئا. جنهن اهي ايٽلس ديوتا جي نظرداريءَ ۾ انهيءَ باغ ۾ رکايا. اهو باغ ايٽلس جي ٽن ڌيئن، جن کي هيسپيرائيڊ سڏيندا هئا، تن جي نالي پنيان سڏبو هو. اتي ائٽلس جون رڍون ٻڪريون چرنديون هيون. هيرا ديويءَ کي خبر پئي ته ائٽلس جون اهي هيسپيرائيڊ ڌيئر، سونا صوف پيون چورائين، ان ڪري هن لادون نالي هڪ سئو سسين

واري بلا انهن سونن صوفن واري وڻ تي وهاري ڇڏي، جيڪا وڻ جي چوڌاري ڪڙو هڻي ويهي رهي.

هيراڪليز هيسپيرائيڊ باغ ڏانهن ويندڙگس وٽي وڃي مقدونيا پهتو، جتي هڪ نندي چشمي وٽ سندس مقابلو ايريز ديوتا جي پٽ سائڪنس سان ٿيو، پر زوس ديوتا پنهنجي وڄ گوڙ واري لٺ هڻي جهيڙو ٽاريو. نيٺ اتان هو اچي پو نديءَ وٽ پهتو جتي زوس ديوتا ۽ ٿيمس جل پري جون ڪنواريون دريائي ڏيئون رهنديون هيون. انهن کيس سامونڊي ديوتا نيريس ڏيکاريو، جيڪو ستو پيو هو. هيراڪليز ستل ديوتا کي زوري جهلي هن کان انهن سونن صوفن حاصل ڪرڻ جي باري ۾ صلاح ورتي. نيريس هن کي صلاح ڏني ته، وڃي ائٽلس ديوتا کي جهل. ايٽلس ديوتا سڄي آسمان کي ڪلهن تي کنيو بيٺو هو. تنهن منٿ مڃي ۽ ٿوري دير لاءِ آسمان جو بار ڪٽي هيراڪليز جي ڪلهن تي رکيو ۽ پاڻ ويو صوف پٽڻ. ان کان اڳ ئي هيراڪليز لاڊون بلا کي تير هڻي ماري ڇڏيو هو. ائٽلس باغ مان ٽي سونا صوف پٽي آيو ۽ هن کي چيائين ته "تون آسمان جهليو بيٺو هج، مان پاڻيهي تو يوريٿيئس بادشاهہ کي صوف پهچائي اچان."

هيراڪليز چيو: "ڀلي، پر تون ٿوري دير آسمان کي جهل ته تيسين آئون مٿي تي سينهون ٺاهي وٺان." ائٽلس آسمان ڪلهن تي کنيو ته هيراڪليز ٻہ هن کان مرڪندي موڪلايو. آسمان کي جهلڻ سان هن سورمي کي ڏاڍي اڃ لڳي هئي، ان ڪري زور سان زمين ۾ لت هنيائين ته اتي پاڻيءَ جو چشمو ڦٽي نڪتو. جنهن مان لبيا ۾ ڦٿل آرگوناسٽس ٻہ پاڻي پيتو هو.

لبيا مان لنگهندي اتي جي بادشاهہ انٽائيس هن سان مقابلو ڪيو. انٽائيس پوزيڊون ديوتا جو پٽ هو ۽ هڪ وڏو متارو ۽ سگهارو پهلوان هو. منجهس اها مڻ رکيل هئي ته سندس بدن جڏهن ٻہ ڌرتيءَ سان لڳندو هو ته سندس سگهہ ٻيڻي ٿي ويندي هئي؛ پر هن سورمي انٽائيس کي زمين تان ڪٽي مٿي کيو ۽ مٿي جو مٿي کيس نپوڙي سندس ساهہ ڪڍي ڇڏيائين. اهو مقابلو ماريطانيا جي هڪ ننڍي شهر لڪزس ۾ ٿيو هو، جيڪو ٽانجير کان 50 ميلن تي هو. هن انٽائيس کي ماري ان جي زال ٽنگا سان شادي ڪئي، جنهن مان هڪ پٽ سوفاڪز ڄائو. اتان هو مصر پهتو، جتي انٽائيس جو ڀاءُ ٻيوزيس راڄ ڪندو هو. هو هر سال زوس ديوتا جي نالي ٻاهران آيل ڌارين ماڻهن مان هڪڙو پناهگير جهلي ان کي قربان ڪندو هو. هرڪيولس کي ٻہ بادشاهہ جا ماڻهو جهلي ڪُهڻ لاءِ وٺي ويا. اتي کيس وارن ۾ سڱا ٻڌي زنجيرن سان

جڪڙي ڪهاڙي سان مارڻ تي هئا تہ، هن زنجيرون ٽوڙي پاڻ ٽوڙي بادشاهہ ۽ سندس پٽ سميت ٻين سيني پوڇارين کي بہ ماري ڇڏيو.

ان کان پوءِ هيراڪليز ايشيا ۾ داخل ٿيو ۽ ڪوهہ قاف جبلن وٽ پروميٿس کي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏٺائين، جنهن جو جگر روزانو هڪ ڳجهہ پٽيندو رهندو هو. ان جي حال تي رحم کائي، هن سورمي، زوس ديوتا کي پروميٿيس جو ڏوهہ معاف ڪرڻ جو عرض ڪيو. پروميٿيس جو ڏوهہ اهو هيو تہ، هن زوس ديوتا جي نافرماني ڪري انسان ذات کي اولمپس مان باهہ چورائي ڏني هئي. بهرحال زوس ديوتا پروميٿيس جي بدران خيرون کي سندس مرضيءَ تي پاتار ۾ موڪلي پروميٿيس جي سزا ختم ڪئي ۽ ڳجهہ کي اپالو ديوتا تير هڻي ماري ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح هن اهي سونا صوف ڪٽي آڻي بادشاهہ جي حوالي ڪيا.

<u>ٻارهون ڪم</u>

## سوبرس ڪتي کي جهلڻ
## The Captnre of Cerberus

بادشاهہ يوريسٿيس اتي بہ بس نہ ڪئي، هن وري هيراڪليز کي ٻيو ڪم ڏسيو. ڪم ڇا هو؟ نڪ ڇپ وڏئي وارا شرط هئا. چئي: "وڃي پاتار جي مئلن واري دنيا مان سربرس نالي ڪتي کي جهلي هتي وٺي اچ!"

ان ڪم لاءِ پهرين اهو لازم هو تہ هو ايليوسينيا جي پراسرار رسمن ۾ حصو وٺي، پر هيراڪليز اٿينس جو رهاڪو نہ هو، تنهنڪري ان کي ايليوسينيا جي رسمن ۾ شريڪ نہ ڪيو ويو ۽ ان سبب ڪري هن لاءِ ٻئي درجي جون رسمون جاري ڪري، هن کي ان ۾ شريڪ ڪيو ويو. انهن رسمن ۾ هڪ مادي سوئر جي قرباني بہ شامل هئي. انهن کان پوءِ هن ڪاري سمنڊ وٽ آخيروشيا وٽان زمين جي هيٺ پاتار ڏانهن لهڻ شروع ڪيو. خيرون سونهي ڪيس ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي، زير زمين دريا اسٽائڪز پار اڪاريو. جتي ملياگر ۽ ميڊوسا گارگون جي ڀوتن کان سواءِ ٻيا سمورن مُردن جا ڀوت، هن کي ڏسي وٺي ڀڄڻا.

اتي ميلياگر تي جڏهن هن ڪمان مان تير ڪڍي سڃيو تہ هن چيس تہ مئلن کان ڊڄڻ بيڪار آهي. پوءِ ٻئي پاڻ ۾ ٺهي ويا. هن ميلياگر سان واعدو

ڪيو ته هتان موٽي هو پنهنجي دنيا ۾ سندس پيڻ ڊيانيئرا سان شادي ڪندو. ٽارٽاس جي اوڙاهن جي دردن تي هن پنهنجي دوست ٿيسيئس کي زنجيرن جي قيد مان ڇڏايو. آخرڪار هو هيڊس (پلوٽو) ديوتا وٽ پهتو ۽ ڪاٽس سربرس ڪتو گهريائين. هيڊس ديوتا ڪيس چيو ته جي هو بنا هٿيارن جي ڪتو جهلي ته يلي وٺي وڃي. سربرس ڪتي جون ٽي سسيون هيون، جن تي نانگ وينل هئا، ڪتي جو پڇ ڪنڊن وارو هو. ڪتي ڏاڍا زور لڳايا، پر هيراڪليز ان کي ڳچيءَ مان جهلي سوڙهو ڪيو. پوءِ اتان ڪتو جهلي اٿينا ديويءَ جي مدد سان اسٽائڪز دريا اُڪتو ۽ ٽروزين وٽان زمين منجهان اچي ظاهر ٿيو.

هيراڪليز جي پاتار ڏانهن وڃڻ ۽ موٽي اچڻ جي رستن بنسبت هڪٻئي جي اُبتڙ جدا جدا روايتون آهن.

جڏهين هيراڪليز سربرس ڪتي کي جهلي مائي سين پهتو ته يوريسٽيس قربانيءَ جو گوشت پنهنجي پٽن ۽ خاص ماڻهن لاءِ رکيو ۽ باقي غلامن کي ملندڙ اوبر مان ڪجهه حصو هيراڪليز جي حوالي ڪيو. ان تان ڪاوڙجي هن، بادشاهه جي ٽن پٽن کي ماري ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح هيراڪليز مٿس سمورا سونپيل ڪم پورا ڪري موٽي ٿيبس آيو. هن پنهنجي زال ميگارا کي جنهن جي عمر 33 سال هئي، نياڳي سمجهي پنهنجي 16 سالن جي ڀائٽي آيولس جي حوالي ڪيو. ميگارا مان پيدا ٿيل سندن سمورن ٻارن کي هو اڳ ۾ ئي پنهنجي هٿن سان ماري چڪو هو.

## آئيفيٽس جو موت
The Murder of Iphitus

پنهنجي زال ميگارا کي پنهنجي ڀائٽي جي حوالي ڪري، هن نئين سياڳي زال پرڻجڻ جو خيال ڪيو. اوئيخاليا جو بادشاهه يوريسٽيس پنهنجي ڌيءَ آيولي جي شاديءَ لاءِ اهو شرط رکيو هو ته جيڪو به سندس چئن پٽن کي تيراندازيءَ ۾ هارائيندو، تنهن کي آيولي جو سڱ ڏيندس. اها خبر ٻڌي هيراڪليز خوش ٿيو ۽ يوريسٽيس جي چئن ئي پٽن کان مقابلو کٽيائين. پر پوءِ يوريسٽس بادشاهه ميگارا ۽ سندس ٻارن سان هيراڪليز جي ڪيل ظلم جو ٻڌي، پنهنجي وعدي تان اهو چئي ڦري ويو ته هن جا تير جادوئي هئا ۽ هو خود هڪ غلام هو ان سان هڪ شهزاديءَ جي شادي ڪيئن ٿي ٿي

سگهي. بادشاهه جي چئن پٽن مان ٽي ساڻس شامل ٿيا. ٻاقي وڏي پٽ آئي فيسٽس ساڻس اختلاف ڪيو ۽ چيو ته وعدو وفا ڪري، آيولي جي ٻانهن هيراڪليز کي ڏني وڃي.

ان وچ ۾ يوريسٽس جا 24 گهوڙا ۽ گهوڙيون چورائجي ويون، جن جو شڪ هيراڪليز تي رکيو ويو. گهوڙن جو ڌڻ مشهور ڌاڙيل آٽولائيڪس چورايو هو ۽ انهن جا رنگ پار بدلائي هيراڪليز کي وڪڻي ڇڏيائين. آئيفيٽس پيرا کڻي اچي اتي پهتو. هن سورمي سندس ٺاهوڪي مهماني ڪئي ۽ کيس هڪ ڊگهي مناري تي وٺي سجاٽپ لاءِ گهوڙن جو ڌڻ ڏيکاريائين. پوءِ جڏهن هن پنهنجا گهوڙا نه سڃاتا، تڏهن ڪاوڙ ۾ اچي ان کي چيائين ته، مون کي ناحق چو خوار ڪيو اٿوَ؟ ائين چئي هن آئي فيٽس کي ڌڪو ڏئي، مناري تان ڪيرائي ڇڏيو. ان ڪري هو ٺڏي تي مري ويو.

اهو هڪ وڏو ڏوهه هو. ڏوهه بخشائي پاڻ کي پاڪ ڪرڻ لاءِ هيراڪليز ڊيلفيءَ جي مندر مان جواب وٺڻ ويو. اتي جي پوڄارڻ کيس منهن نه ڏنو ۽ چيائينس ته تو پنهنجي مهمان جو خون ڪيو آهي، ان ڪري توکي ڪوبه جواب ۽ ڪابه هدايت نه ملندي. هيءُ پوڄارڻ سان وڙهي پيو. ان ڪري اپالو ديوتا مٿس ڪاوڙيو ۽ هن سان وڙهڻ آيو، پر زوس ديوتا وچ ۾ پئي صلح ڪرايو. نيٺ ڊيلفيءَ جي پوڄارڻ هن کي اهو ٻڌايو ته: "تون وڃي ليڊيا جي راڻي اومر فيليءَ وٽ پاڻ کي وڪڻ ۽ پنهنجي قيمت جي رقم آئي فيٽس جي ٻارن کي ڏي." هيراڪليز کي راڻي اومر فيلي چانديءَ جي ٽن ٽيلينٽ (سڪن) ۾ خريد ڪيو، جيڪي سڪا آئي فيٽس جي ٻارن کي ڏنا ويا. اومر فيلي مٿس عاشق ٿي پئي ۽ ٻين ڪمن سان گڏ رات لاءِ همبستري جو ذمو به مٿس رکيائين. اومر فيلي پاڻ هيراڪليز جا ڪپڙا ڍڪيندي هئي ۽ سندس هٿيار پائيندي هئي ۽ هن کي سندس زنانا ڪپڙا پارائيندي هئي.

## هيراڪليز جي ڪاوڙ، سزائون ۽ سيڪتون

* يوريا جي دريائي ڪناري تي سائيليس نالي هڪ ماڻهو ڪي، جيڪو به ڪو آيو ويو ور چڙهندو هو، ان کي زوري جهلي، پنهنجي انگورن جي باغ ۾ ڪوتائي ڪرائيندو هو. جڏهن اهو مٿائل شخص هن سورمي جي وڙ چڙهيو ته بجاءِ ڪوتائي ڪرڻ جي هيراڪليز سندس باغ جون سموريون انگوري وليون پاڙان پٽي، سندس باغ برباد ڪري ڇڏيو.

* ليٽرسيس نالي هڪ شخص جي آزار ڪان ماڻهن جي جند ڇڏايائين.

هو ماڻهن کي مهمان بنائي، پوءِ انهن کان زوري لابارو ڪرڻ جو مقابلو ڪرائيندو هو. هن سورمي مقابلي ۾ ڪيس هارائي ماري ڇڏيو.

* هڪ خطرناڪ بلا کي به هن ماريو، جنهن سڄا گارس جي ڪناري تي وڏي تباهي مچائي هئي. هي سورمو اوم فالي راڻيءَ وٽ هڪ سال يا ڪن جي چوڻ موجب ٽي سال رهيو ۽ پنهنجن ڪارنامن سان گڏ راڻيءَ کي هن مان ٽي پٽ به ٿيا. آخرڪار راڻيءَ اوم فلي کي جڏهن اها خبر پئي ته هيراڪليز ڪير آهي ۽ ڪهڙي خاندان منجهان آهي ته هوءَ ڏاڍو متاثر ٿي ۽ هن کي موڪلائڻ وقت قيمتي تحفا ڏنائين.

## هيسيوني
## Hesione

هيراڪليز پنهنجي ملڪ موٽي آيو. هاڻي هن ٽراءِ تي چڙهائي ڪرڻ جي سٽ سٽي. ان چڙهائيءَ جو ڪارڻ هيٺين بڻيو:

هڪ ساموڊي بلا جو بک بنائڻ لاءِ، ٽراءِ جي بادشاهه لائوميڊان پنهنجي ڌيءَ هيسيونيءَ کي ٽراءِ جي ساموڊي ڪناري تي هڪ ٽڪريءَ تي ننگو ڪري زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيو. هيراڪليز سنگهرون وڍي ان شهزاديءَ کي اتان ڇڏايو ۽ بادشاهه کي چيو ته مون کي زوس ديوتا طرفان سوکڙي ڪري ڏنل ٻه لافاني آسماني گهوڙيون ڏي. ان عيوض آئون هن بلا کي ماري شهزاديءَ کي بچائيندس. اهڙيءَ طرح هيراڪليز ان ساموڊي بلا کي ماري ڇڏيو، جيڪا پوزيڊون، ٽراءِ بادشاهه جي وعدي خلافي ڪري، ٽراءِ تي ڀيڄي هئي، پر بلا مارڻ کان پوءِ ٽراءِ جي بادشاهه هيراڪليز سان ٺڳي ڪري ڪيس ٻه عام گهوڙيون پيش ڪيون.

هن سورمي ٽراءِ تي حملو ڪرڻ لاءِ تيلامون، پيليس، اوئيڪلز ۽ ڊيماڪس کي ساڻ ورتو. هن فوج ڀرتي ڪئي ۽ پوءِ هڪ ٻيڙو تيار ڪري ٽراءِ تي چڙهائي ڪيائين. هوڏانهن لائوميڊان به پنهنجي فوج کي يوناني جهاز ساڙڻ جو حڪم ڏنو. اوئيڪلس کي جهازن جي بچاءَ لاءِ ڇڏيو ويو، جيڪو بهادريءَ سان مقابلو ڪري مري ويو؛ پر جهاز ڀڄائي انهن کي بچايائين. هيراڪليز شهر کي گهيرو ڪيو. تيلامون قلعي جي ڀت ۾ ڏار وجهي ڇڏيا. ان جي اها سوڀ هيراڪليز کان سٺي نه ٿي ۽ هو اٿلو تيلامون کي مارڻ تي هو، پر تيلامون هيٺائين ڪري جند ڇڏائي. هن سورمي شهر تي قبضو ڪري

بادشاهه جي سمورن پٽن کي بادشاهه سميت ماري ڇڏيو. فقط هڪ شهزادو پوڊارڪيز وڃي جيئرو بچيو، جنهن کي غلام بڻايو ويو. هن سورمي شهزادي هيسوني جي ہانهن ٽيلامون جي حوالي ڪئي. هيسيوني پنهنجي ياءُ پوڊارڪيز کي خريد ڪري آزاد ڪرايو. پوءِ ان جو نالو پريام پئجي ويو يعني ڇڏايل يا آزاد ڪرايل. ان کان پوءِ هو ٽراءِ جي بادشاهي پريام جي حوالي ڪري پاڻ پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. هو پاڻ سان گڏ گلاسيا نالي هڪ جل پريءَ کي به پاڻ سان وطن وٺي ويو. جنهن پوءِ منجهانئس اسڪامينڊر نالي هڪ پٽ ڄڻيو. هيسيوني ٽيلامون سان گڏ ان جي ملڪ سلامس رواني ٿي. واٽ تي هيرا ديوي سامونڊي طوفان وسيلي هيراڪليز جي ٻيڙي کي گهلي آڻي ڪوس ٻيٽ ۾ اڇلايو. ڪوس جي ماڻهن ڪين سامونڊي ڌاڙيل سمجهي مٿن حملو ڪيو، پر هن سورمي مٿن رات جو اوچتو حملو ڪري سندن بادشاهه يوري پائلس کي ماري اسٽائي پيليا تي قبضو ڪيو. هڪ چوڻي اها به آهي ته، هو ڪوس جي بادشاهه يوري پائلس جي ڌيءَ چالسي اوپي تي عاشق هو، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي هن ڪوس تي حملو ڪيو هو. چيو وڃي ٿو ته ان جنگ ۾ هو پاڻ چالڪوڊون جي هٿان زخمي ٿيو هو، پر زوس ديوتا جي مدد سان بچي ويو.

هڪ روايت موجب طوفان ۾ سندن ڇهن مان پنج جهاز ٻڏي ويا هئا ۽ باقي بچيل هڪڙي جهاز ۾ هو ڪوس ٻيٽ تي پهتو هو. جتي هڪ گهيٽي تان سندس هڪ ريڍار سان جنگ ٿي، جنهن ۾ هيراڪليز کي زنانا ڪپڙا پاتل هئا. ان ڪري ڪوس ٻيٽ ۾ شاديءَ تي گهوٽ زنانا ڪپڙا پائيندا هئا. هن جي مندر جو پوڄاري به زنانا ڪپڙا پائيندو هو.

ٽراءِ کان موٽندي هن سورمي جي ٻيڙي کي طوفان ۾ تباهه ڪرڻ جي ڏوهه ۾ زوس ديوتا هيرا ديويءَ کي سخت سزا ڏني ڪيس سمورن اعزازن کان محروم ڪري اولمپس ۾ ابتو ڪري ٽنگي ڇڏيائين.

## هيراڪليز جو ايلس ملڪ تي حملو

ڪوس ٻيٽ مان هي سورمو اٿينا ديويءَ جي رهنمائيءَ ۾ فلي گرا پهتو. جتي هن ديون خلاف ديوتائن جي مدد ڪئي ۽ اتان پوءِ بوئيشيا ويو، جتي هن پنهنجي پٽ اسڪامينڊر کي اتي جو بادشاهه بڻايو. ايلس جي بادشاهه ايجيس جي مال جو واڙو هن پنهنجي پنجين مهم دوران صاف ڪيو هو. ۽ ايجيس ان جو عيوض ڏيڻو ڪيو هو؛ پر نه ڏنو هئائين، ان کي سزا ڏيڻ لاءِ هن سورمي هڪ فوج گڏ ڪري ايلس تي چڙهائي ڪئي. انهيءَ جنگ جي

شروعات ۾ ئي هو بيمار ٿي پيو ۽ سندس ٽي سؤ سٺ ساٿي مارجي ويا جن سان گڏ سندس جاڙو ڀاءُ افي ڪليز به مارجي ويو.

## ڊيانيرا Deianera

اتان هو پوءِ پنهنجي هڪ دوست ڊيڪامينس ڏانهن هليو ويو. جنهن جي پٽ ملياگر جي روحاني ڀوت سان، پاتار ۾ ان جي ڀيڻ ڊيانيرا سان هن شاديءَ جو وعدو ڪيو هو. هن اتي پهچڻ شرط ڊيڪسامينس جي ڌيءَ ڊيانيرا سان سمهڻ سهڙڻ شروع ڪيو. ان کان پوءِ هيراڪليز ان سان شاديءَ جو واعدو ڪري هليو ويو ته يوري شن نالي هڪ قنطور (اڌ گهوڙو اڌ انسان) به اچي نڪتو ۽ ڊيانيرا جو سڱ گهريائين، جنهن کي ڪتو جواب ڏيڻ جي ڊيڪسامينس کي طاقت نه هئي. يوري شن جي شاديءَ جون تياريون هليون پئي ته مٿان نڪ هيراڪليز اچي پهتو. هن ايندي شرط يوري شن ۽ سندس پائرن کي تير هڻي ماري ڇڏيو ۽ ڊيانيرا کي پنهنجي زال بنائي وٺي پنهنجي شهر تائي رينز Tirines پهتو، پر اتي يوريستيس بادشاهه نه سنس ۽ مٿس بغاوت جو الزام لڳائي، کيس سندس ماءُ الڪميني ۽ سندس پائٽي ايوليس سميت ڏيهه نيڪالي ڏئي ڇڏيائين. تائيرنس کي ڇڏي هيراڪليز ڦينيس پهتو ۽ جتي هن لائونومي کي پنهنجي سريت بنايو. اتي هن هڪ ڊگهو واهه کوٽيو ۽ پاڻي کنو ڪرڻ لاءِ جابلو لاهين ۾ ڪيترا غار کوٽيائين. ايلس جي ماڻهن جي هڪ مذهبي جلوس تي اوچتو حملو ڪري، هن ايجيس بادشاهه جو پٽ ماري ڇڏيو. پوءِ هن آرگوس ٿيبز ۽ آرڪاڊيا مان فوجي ڀرتي ڪئي ۽ وڏي فوج وٺي ايلس تي چڙهائي ڪري، اهو ملڪ فتح ڪيائين. ايجيس ۽ سندس سمورا پٽ جنگ ۾ مري ويا ۽ اهو ملڪ تخت جي اصل حقدار فائي ليس جي حوالي ڪيائين. ايليس جا گهڻا مرد جنگ ۾ مري ويا هئا ۽ اتي ماڻهن جي آبادي گهٽجي وئي، ان ڪري هيراڪليز اتي جي رنن زالن کي پنهنجي فوجين جي حوالي ڪيو. اتي جي زالن اٿينا ديويءَ کان دعا گهري ته ڪين انهن فوجين سان پهرين ميلاپ ۾ ئي اولاد ٿي وڃي ته سنو. اها دعا اگهي وئي ۽ شڪراني طور اتي جي زالن گڏجي اٿينا ديويءَ جي عبادت گاهه ٺهرائي. ايليس جي فتح کان پوءِ هن پيسا شهر ۾ پنهنجي پيءُ زوس ديوتا جي اعزاز ۾ اولمپڪ جو ميلو لڳرايو. ان کان پوءِ ايلس جي ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هن نيليس بادشاهه جي ملڪ پائلس تي حملو ڪري نيسٽر کان سواءِ نيليس جي سيني پٽن کي ماري ڇڏيو. انهيءَ خوفناڪ جنگ ۾ ديوتائن به ٻنهي ڌرين جي طرفان حصو ورتو.

اٿينا ديوي هيراڪليز سان گڏ هئي ته هوڏانهن هيرا ديوي پوزيڊون، هيڊيز ۽ ايريز پائلس وارن جو ساٿ ڏنو. هن جنگ ۾ هن سورمي هيرا ديوي ۽ ايرير کي ڦٽي وڌو ۽ پوزيڊون کي ڀڄائي ڪڍيو. نيليس جي وڏي پٽ پيري ڪلائي مينس کي پوزيڊون ديوتا زبردست طاقت سان گڏ پنهنجي شڪل بدلائڻ جي به قدرت ڏني هئي. انهيءَ جنگ ۾ هن شينهن نانگ، مک، ۽ عقاب جون صورتون اختيار ڪيون هيون، پر هر ڀيري ۾ هن هارايو ۽ نيٺ هيراڪليز جي تير لڳڻ سان هو مري ويو.

اسپارٽا جي هپوڪون ۽ سندس پٽن هيراڪليز جي دوست اوئي سنس جو خون ڪيو هو. انهن کي سيکت ڏيڻ لاءِ هن اسپارٽا تي چڙهائي ڪئي. هو هڪ ننڍڙي فوج وٺي ٽيگيا پهتو، جتي هن ٽيگيا جي بادشاهه آليس جي پٽ سيفيس کي سندس ويهن پٽن سميت ساڻ ڪنيو ۽ اسپارٽا تي چڙهائي ڪئي. ان جنگ ۾ سيفيس ۽ سندس سترهن پٽ مارجي ويا ۽ ٻئي طرف هپوڪون ۽ سندس ٻارهن پٽ ماريا ويا ۽ شهر تي هن سورمي جو قبضو ٿي ويو. هن اتي جي حڪومت ٽائين ڊاريس جي حوالي ڪئي. هن جنگ ۾ هيرا ديويءَ هن کي پريشان نه ڪيو، ان ڪري هن، هيرا ديويءَ جي مان ۾ اسپارٽا ۾ هڪ مندر قائم ڪيو ۽ ٻڪرن جون قربانيون ڏنيون. هن اتي اٿينا ديويءَ ۽ ائسڪلي پيس لاءِ به هڪ هڪ مندر جوڙايو.

جڏهن هيءُ سورمو اسپارٽا مان جنگ ڪٽي واپس ٽيگيا وٽ پهتو ته، اتي جي بادشاهه آليس Aleus سندس سٺو آڌرياءُ ڪيو، پر هن، اتي اٿينا ديويءَ جي هڪ ڪنواري پوڄارڻ اوجيءَ جي لڄ لٽي، جيڪا آليس بادشاهه جي ڌيءَ هئي ۽ سندس دوست فيسسي جي ڀيڻ هئي. آليس کي ڪجهه عرصي کان پوءِ خبر پئي ته سندس ڌيءَ پيٽ سان آهي. اوجيءَ روئي ڏنو ۽ پنهنجي بي گناهي بيان ڪندي ٻڌايو ته هيراڪليز نشي جي حالت ۾ سندس لڄ لٽي آهي. آليس بادشاهه اوجيءَ کي ناپليس بادشاهه جي حوالي ڪيو ته اوجيءَ کي ٻوڙي ماري ڇڏي.

ناپليس اوجيءَ کي ٻوڙڻ لاءِ وٺيو پئي ويوي ته، واٽ تي اوجيءَ کي وير جا سور ٿيا ۽ هن ٽيلي فس نالي هڪ پٽ کي جنم ڏنو. انهيءَ ڇوڪري کي اتي پارٿينس جبل وٽ ڇڏي ڏنائون، جنهن کي هرڻين پنهنجو کير ڏارائي پاليو. ناپليس اوجيءَ کي ٻوڙڻ بدران ڪاريا جي واپارين وٽ وڪڻي ڇڏيو. جن وٽان کيس ٽيوٿرانيا جي بادشاهه ٽيوٿراس خريد ڪيو. جڏهن ٽيلي فس وڏو ٿيو ته ڳوليندي ڳوليندي وڃي مائشيا ۾ پهتو، جتي پنهنجي ماءُ سان

مليو، جيڪا ٽيوٽراس بادشاهہ جي راڻي ٿي چڪي هئي. ٽيوٽراس بادشاهہ پنهنجي ڌيءُ جي شادي ٽيلي فس سان ڪرائي ڇڏي.

هڪ ٻيءُ روايت ۾ وري هيئن ڄاڻايو ويو آهي تہ، ٽيلي فس پنهنجن مامن کي ماري اچي مائشيا پهتو. اتي جي بادشاهہ اوجيءُ کي پنهنجي گود جي ڌيءُ بڻايو هو. هن اوجيءُ جي شاديءُ ٽيلي فس سان ڪرائي. اوجيءُ جي دل ۾ هيراڪليز کان سواءِ ٻي ڪا تات طلب نہ هئي، تنهن شاديءُ رات تلوار سان ٽيلي فس کي مارڻ جو فيصلو ڪيائين، پر پوءِ مارڻ بجاءِ ڪيس پنهنجي سچي حقيقت ڪري ٻڌايائين. اهو ٻڌي هو پنهنجي ماءُ کي سڃاڻي سندس پيرن تي ڪري پيو. ان ڪان سواءِ ٽيلي فس جي باري ۾ ٻيون بہ متضاد روايتون آهن.

هوڏانهن هيراڪليز اتان ٿي وچي آرڪاڊيا ۾ استائم فيلس بادشاهہ جي ملڪ ۾پهتو ۽ ان جي ڌيءُ سان جنسي ميلاپ ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ بادشاهہ جي ڌيءُ کي ايوريس Everes نالي سندس پٽ ڄائو. ان ڪان پوءِ هيءُ استراسينا جبل تي گهمڻ ويو ۽ مشهور هيرو السيميڊان جي ڌيءُ فيالو سان ميلاپ ڪيائين، جنهن مان ڪيس ايچما گورس نالي پٽ ڄائو.

ان ڪان پوءِ هن کي ميلياگر جي روح سان ڪيل واعدو ياد آيو تہ ان جي ڀيڻ ڊيانيرا سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪري. ڊيانيرا ڊيونائي سس ديوتا جي ڌيءُ هئي. سندس ماءُ التائيا اوئي نيس جي زال هئي. ڊيانيرا جو سڱ وٺڻ لاءِ هيراڪليز کي هڪ ٻئي اميدوار سان بہ سخت مقابلو ڪرڻو پيو. اهو اميدوار هڪ دريائي ديوتا اڪي لوئس Achelous هو. جو ٽن شڪلين متائڻ تي قادر هو. هو ڀهرين ڍڳو ٿيو، پوءِ نانگ بڻيو ۽ ٽيون ڀيرو ڍڳي جي منهن وارو ماڻهو ٿيو. آخري شڪل ۾ هو هن سورمي سان ڪشتي وڙهيو. ان ۾ هارائي نانگ ٿيو تہ هيراڪليز سندس ڳچي مروڙي هن کي زمين تي اڇلائي ڇڏيو. ۽ پڇاڙيءُ ۾ هڪ ڍڳي واري منهن جهڙي انسان جي شڪل ۾ وڙهيو. هيراڪليز ڪيس سڱن کان جهلي ائين ڪٽي زمين تي سٽيو جو سندس ساڄو سڱ نڪري ويو. چيو وڃي ٿو تہ اهو سڱ ڏئي هن اماليٿا ٻڪريءُ جو سڱ ورتو ۽ اوئي نيس کي پنهنجي شاديءُ جي خوشيءُ ۾ سوکڙي ڪري ڏنائين.

ڊيانيرا سان شادي ڪرڻ کان پوءِ هن ڪلائي ڊون جي ماڻهن سان گڏجي ٿيسفوريا جي شهر ايفائي را تي چڙهائي ڪئي. ان ڪان پوءِ هن سچي رس Cichyrus شهر تي چڙهائي ڪري، اتي جي بادشاهہ کي جنگ ۾ ماريو ۽

سندس ڌيءُ اسٽيوچي کي پنهنجي ٻانهي بنايائين. ان سان جنسي تعلق جي نتيجي ۾ هڪ پٽ ٽلي پوليمس پيدا ٿيو. هڪ ٻي روايت ۾ اهو چيو ويو آهي ته ٽيلي پوليمس جي ماءُ امائين ٽور Amyntor جي ڌيءُ آسٽي ڊيميا هئي، جنهن کي هيراڪليز ايلس جي سهر ايفائرا مان پڃائي آندو هو.

هڪ الهامي اشاري مطابق هيراڪليز پنهنجي دوست ٿيسپيئس Thespious کي پيغام موڪليو ته پنهنجي ٽن پٽن کي ٿيبس موڪلي، ستن پٽن کي پاڻ وٽ رکي ۽ باقي چاليهن پٽن کي سارڊينا ٻيٽ ۾ آباد ٿيڻ لاءِ روانو ڪري. ٿيسپيئس هن سورمي جو چوڻ مڃيو. سندس پٽن جو ٿيبس ۾ اڄ ڏينهن تائين احترام ڪيو وڃي ٿو. ٿيسپيا ۾ جيڪي ست ڄڻا رهي پيا، انهن جي نسلن جو به ايجان ويجهڙائي جي دور تائين ان شهر تي تسلط رهيو.

ٽن سالن کان پوءِ هڪ دعوت ۾ هيراڪليز اوئي نس جي هڪ مائٽ ايونومس Eunomus سان فقط ان ڳالهه تي ڪاوڙجي هن کي ٺونشو هڻي ماري ڇڏيو جو هن سندس هٿ ڌوئارينڊي پاڻيءَ جا ڇنڊا سندس پيرن تي ڪيرايا هئا. اهڙيءَ طرح جو هڪ ٻئي واقعي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جڏهن هو هيسپرائيڊس جي باغ ۾ سونا صوف ڪٽڻ لاءِ ويو هو ته اتي جي پيالي بردار ڪياٿس Cyathus کيس سندس ناپسنديده مشروب پيش ڪيو، ڪاوڙ ۾ هيراڪليز کيس هڪ اگر هنئي ۽ آگر لڳڻ سان هو مري ويو. ڪن جو چوڻ آهي ته آئي فيٽس کي مارڻ کان پوءِ هو اکي لوس سان ڪشتي وڙهيو هو، بهرحال ڪنهن به سبب ڪري هن سورمي کي تراڪس ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. هو پنهنجي زال ڊيانيرا ۽ پٽ هائلس کي وٺي، تراڪس روانو ٿيو. واٽ تي ايوي نس درياءَ وڏيءَ مستي ۾ هو تمام تکو تاروتار وهي رهيو هو، جنهن مان نيسس نالي قنطور جنهن جو اڌ ڌڙ گهوڙي جو ۽ اڌ ڌڙ انسان جو هو، تنهن سندس زال کي واجبي ڀاڙي تي ٻيڙيءَ رستي دريا پار ڪرائڻ جو ذمو کنيو. باقي هيراڪليز پاڻ تري پار پهچڻ جو فيصلو ڪيو. نيسس پار پهچڻ سان واعدي تان ڦري ويو ۽ ڊيانيرا کي ٻٽ تي دسي زوري ڪرڻ لڳو. ان جي رڙين تي هيراڪليز دريا جي اورئين ڪنڌيءَ تان پنهنجي تير ڪمان ڪڍي تير سان ان قنطور کي ماري وڌو. نيسس مرڻ وقت ڊيانيرا کي چيو ته منهنجي رت ۾ زيتون جو تيل ڳڏي جيڪڏهن هيراڪليز جي قميص سان مکيندين ته هو ڪڏهن به توسان بيوفائي نه ڪندو. ڊيانيرا نيسس جو رت،

هڪ برنيءَ ۾ وجهي رکي ڇڏيو ۽ هيراڪليز کي نہ ٻڌايائين.

ڊيانيرا مان هن سورمي کي چار پٽ هائي لس، تيسي پس، گلي نس ۽ هوڊيز ۽ هڪ ڌي مڪاريا نالي پيدا ٿي.

ٿراڪس ۾ ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ اتان موٽي ڊريوپيئن Dryopian آيو ۽ پارناسس جبل وٽ اتي جي بادشاهہ ٿيوڊاماس Theodamas کي ڏڳن جي جوڙي سان هر ڪيڙيندي ڏٺائين. وڙهڻ لاءِ بهانو ڪري ان کان هڪ ڏڳي جي گهُر ڪيائين. هن جي ناڪار تي ان کي ماري، سندس هڪ ڏڳو ڪُهي ان جو گوشت کاڌائين ۽ ٿيوڊامس جي پٽ فيلاس Phylas کي پاڻ سان وٺي ويو. چيو وڃي ٿو تہ في لاس، اپولو ديوتا جي مندر جي بيحرمتي ڪئي هئي، ان ڪري اپالو ديوتا کي خوش ڪرڻ لاءِ ان جي طرفان هن فيلاس کي ماري ڇڏيو. سندس ڌيءَ ميڊا Meda کي پاڻ سان وٺي ويو. جنهن جي پيٽ مان اينٽيوڪس پيدا ٿيو. جنهن پوءِ ڊريوپيئنز کي ملڪ مان ڪڍي، اهو ملڪ مالياينز جي حوالي ڪيو. ڊريپيئنز جي مکيہ ماڻهن کي غلام بنائي، ڊيلفي وٺي ويو، جن کي پوءِ پليوپونيس واپس اماڻي ڇڏيو. هيسشياٽيز جي ڊورين قبيلي جي بادشاهہ ايجي ميس ۽ اولمپس جبلن جي لاپيٿ قبيلي جي بادشاهہ ڪورونس جي وچ ۾ ملڪي سرحدن تان تڪرار ٿي پيو.

ڊورين قبائلين هيراڪليز کان مدد گهري ۽ کيس پنهنجي حڪومت جو ٽيون حصو ڏيڻو ڪيائون. هيراڪليز پنهنجي آرڪاڊيا وارن ساٿين سان گڏجي لاپيٿن کي شڪست ڏني. سندن بادشاهہ ڪرونس کي قتل ڪري ڇڏيو. هيراڪليز پنهنجي ٽئين حصي وارو ملڪ ايجي مس جي امانت ۾ ڇڏي، اتان ٿٿيوٽس Phthiotis جي هڪ شهر اٽونس ۾ پهتو جتي اٿينا جو پراڻو مندر هو. اتي سندس ملاقات ايريز ديوتا جي پٽ سيڪنس Cycnus سان ٿي جيڪو پنهنجي مهمانن کي قيمتي انعام آڇي رٿن جي ڊوڙ جو مقابلو ڪرائيندو هو ۽ هارائيندڙ جي سسي وڍي، پنهنجي پيءُ جي عبادت گهر ۾ رکندو هو. اپولو ديوتا ان کان ناراض هو، تنهن هن سورمي کي ان سان مقابلي لاءِ آياريو. مقابلي ۾ هيراڪليز، هيفائسٽس جا ٺاهيل پتل جا ساق پوش (گوڏي کان پير جي ٽڙيءَ تائين تنگن لاءِ پتل سان ٺهيل پوش) پاتا، اٿينا ديويءَ جي ڏنل سوني زرهہ ڍڪي ۽ لوهہ جا ڪُلهي پٽا لڳائي، تير ڪمان ڪٽي رٿ تي سوار ٿيو.

اٿينا ديويءَ اولمپس مان اچي اتي هيراڪليز کي چتاءُ ڏنو تہ سيڪنس کي يلي مار، پر ايريز کي ڪوبہ جوکو نہ رسي. سيڪنس پنهنجي رٿ ۾ هن سورمي ڏانهن تيزيءَ سان وڌيو. رٿون (گهوڙن سان گاڏيون) هڪ ٻئي ۾ ٽڪرائجي ويون، ان ڪري ٻئي ڪري پيا. پوءِ ٻنهي ڄڻن نيزن سان هڪٻئي تي حملو ڪيو. ٿوري دير قابلو ٿيو، نيٺ هن سورمي پنهنجو نيزو سيڪنس جي ڳچيءَ ۾ هڻي ڪڍيو. پوءِ هو ايريز ديوتا جي مقابلي لاءِ اٿي بيٺو. ايريز پنهنجو نيزو هن تي اڇلايو، پر ان کي وچ مان ئي اٿينا ديويءَ جهٽي ورتو. پوءِ ايريز تلوار کڻي هن سورمي ڏانهن وڌيو، پر هن جي هٿان زخمي ٿي ڪري پيو. جيڪڏهن زوس ديوتا وچ ۾ نہ پوي ها تہ هيراڪليز ان کي ٻيو وار ڪري شديد زخمي ڪري وجهي ها.

ان کان پوءِ هيراڪليز ۽ ايولاس (ٿيسليءَ جي بادشاهہ افي ڪليز جي پٽ) سان گڏ پنهنجي سفر تي روانا ٿيا.

●●●

• يوناني ڪٿائن ۾ انسان کي ڀڙيون پيرو ڪائنات جو مرڪزي نقطو، اهم جز بلڪ اشرف المخلوقات طور ڄاڻايو ويو. هتي جنت، جهنم، سزا ۽ جزا جو هلڪو تصور به ملي ٿو. انسان جي پيدائش بابت مختلف ڪٿائون ڏنل آهن، جن ۾ هڪ ڪٿا تحت، ديوتائن سڀ کان اول سون مان انسان پيدا ڪيا. جيڪي ڏک، تڪليفن، مصيبتن کان آجا هئا. ان ڪري ڪين انسان ذات جي روح، محبت ۽ پيار جي جذبن جي حفاظت جو ڪم ڏنو ويو. ان کان پوءِ ديوتائن چانديءَ مان انسان ٺاهيا، جيڪي انتهائي اڻ ڄاڻ، اڻ ٻوجهه ۽ نادان هئا. ان ڪري ديوتائن اهو نسل ختم ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ پتل مان ماڻهو ٺاهيا ويا، جيڪي بيحد طاقتور، خونخوار، جنگ و جدل جا ڪوڏيا هئا. جن پاڻ ۾ وڙهي، رتوڇاڻ ڪري هڪ ٻئي کي ماري ڇڏيو. اهڙي طرح هيءُ نسل به ختم ٿي ويو. ان کان پوءِ لوهه مان ماڻهو ٺاهيا ويا، جيڪي اڄ تائين موجود آهن. جيئن ته انسان جو هيءُ نسل، بديءَ جي دؤر ۾ ٺاهيو ويو، ان ڪري انسان جي فطرت ۾ به بدي شامل ٿي ويئي. جڏهن انسان ۾ بدي انتها تي پهچي ويندي، تڏهن ”زوس ديوتا“ انسان جو هي نسل به ختم ڪري ڇڏيندو. بهرحال هي ڪٿائون مذهبي اوسر ۽ ڄاڻ جو اهم ترين حصو آهن، جن کي ٽي هزار سال اڳ سڀ کان اول يونان جي عظيم شاعر هومر قلمبند ڪيو.

يوسف شاهين



A ROSHNI BOOK

Greek Methodology

Pakistan Rs. 80.00